نئين نصاب جي مطابق

سيڪنڊري ۽ اعليٰ تعليم جي شاگردن لاءِ

# رهبرِ سنڌي

## ڪمپوزيشن ۽ گرامر




لکندڙ

علي مُحمّد بلوچ ايم. اي، ايس. ٽي. سي

سابق پرنسپال جي. ايم. اي انگلش اسڪول ڪراچي

رٽائرڊ اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس ڪراچي

بِاسمِهٖ تَعَالىٰ

# سنڌي رهبر

• علم عروض • مڪمّل گرامر
• اصطلاح ۽ پهاڪا • خط ۽ مضمون

لکندڙ
علي مُحمّد بلوچ ايم-اي، ايس-ٽي-سي
سابق پرنسپال جي-ايم-اي انگلش اسڪول ڪراچي
رٽائرڊ اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف سڪولس ڪراچي

گابا ايجوڪيشنل بُڪس
اُردو بازار، ايم-اي-جناح روڊ ڪراچي (پاڪستان)
فون: ٢٦٢٣٦٥٦٥-٢٦٢٨٢٦٦ فيڪس: ٢٦٣٠٦٠٦

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

طباعت ــــــ گابا پرنٽنگ پريس ڪراچي
ناشر ــــــ گابا ايجوڪيشنل بُڪس

ملڻ جو هنڌ

گابا ايجوڪيشنل بُڪس

اُردو بازار، ايم. اي. جناح روڊ ڪراچي (پاڪستان)
فون: ٢٦٣٦٥٦٥، ٢٦٢٨٢٦٦ فيڪس: ٢٦٣٠٦٠٦

# انتساب

هي ناچيز تحفو

پنهنجي دانشور دوست، مخلص

سماجي ۽ تعليمي سرگرم ڪارڪن

جناب مرحوم شيخ عبد الله صاحب عبدؒ

جي خدمت ۾ ڪمال ادب

۽ عقيدتمنديءَ سان

پيش ڪجي ٿو

لکندڙ

# پاڱو پهريون

## باب پهريون

# وياڪرڻ

وياڪرڻ کي ”گرامر“ يا ”صرف و نحو“ چئبو آهي - ان علم مان اها خبر پوي ٿي ته ٻولي صحيح ڪيئن ڳالهائجي ۽ لکجي. وياڪرڻ جا ٻه ڀاڱا آهن - هڪڙي حصي مان لفظن جي قسمن، انهن جي جدا جدا صورتن، اسمن جي ڦيرن ۽ فعلن جي گردانن جي خبر پوي ٿي ۽ ٻئي ڀاڱي مان خبر پوي ٿي ته جملا ڪيئن ٺاهجن.

## اکر

سنڌي ٻولي جي الف، ب ۾ ڪل ٻاونجاه اکر آهن. اسين جيڪي ڳالهايون يا لکون ٿا تنهن ۾ اهي ٻاونجاه اکرڪم اچن ٿا. ا، و ۽ ي کي ”حرف علت“ ۽ باقي ٻين اکرن کي ”حرف صحيح“ چوندا آهن. ڪي حرف صحيح جا اکر هي آهي: ب- ڄ- ڏ- ڙ- ڳ وغيره.

# لفظ

اچ - وڄ - رڪ - اسلم - پاڪستان - طوطو -

ٻن يا ٻن کان وڌيڪ اکرن جي ملائڻ ڪري ۽ آواز پيدا ڪندڙ نشانين (زبر، زير، پيش وغيره) جي مدد سان انهن کي ڳنڍڻ ڪري، انهن مان ڪا نه ڪا معنيٰ ضرور نڪري ٿي. جيئن مٿي ڏنل لفظن مان ڏسجي ٿو. اکرن جي اهڙي ميلاپ کي لفظ ڪوٺبو آهي.

# جُملو

اهو لفظن جو ميڙ جنهن مان خبر پوي ڳالهائيندڙ جو مطلب ڇا آهي تنهن کي "جملو" چئبو آهي. مثلاً

(١) منور پڙهي ٿو.　(٢) استاد جو ادب رک.

(٣) هيٺ نهار

(٤) ڪراچي ۾ ڪيترين عاليشان عمارتون آهن.

# ڳالهائڻ جا لفظ

سنڌي ٻولي ۾ ڳالهائڻ جا ڪل اٺ لفظ آهن:-(١) اسم (٢) صفت (٣) ضمير (٤) فعل (٥) ظرف (٦) حرف جر (٧) حرف جملو ۽ (٨) حرف ندا.

# اسم

ڪنهن ساهواري، جاءِ، شيءِ، ڪم، خاصيت يا حالت جي نالي کي اسم چئبو آهي:-

١- انور ڪتي کي ماني ڏني.

٢- بادشاه، شينهن جي شڪار لاءِ جهنگ ڏي ويو.

# اسم جا قسم

اسم جا ٽي قسم آهن :- (١) اسم خاص (٢) اسم عام (٣) اسم ذات .

(١) **اسم خاص** :- ڪنهن ساهواري ، جاءِ يا شيءِ جو خاص رکيل نالو ، جيئن ته اقبال ، سنڌو نديءِ ڏس لاءِ حيدرآباد ويو .

(٢) **اسم عام** :- ڪنهن ساهواري ، جاءِ يا شيءِ جو عام نالو ، جيئن ته ڇوڪر گهوڙي تي چڙهي گاهه وٺڻ لاءِ بازار ويو .

(٣) **اسم ذات** :- ڪنهن خاصيت ، ڪم يا حالت جو نالو هجي جيئن ته گدلائي بيماريءَ جي ماءُ آهي . ننڍپڻ ، ٻاپڻ ، ٻيوسي جي وهي آهي . اڇاڻ ، ساوڪ ، ڪل ، چرچو ، جواني ۽ ٻانهپ وغيره ، هي ذات آهن .

# جنس

جيڪي لفظ مذڪر جا معنيٰ ڏيکارين ٿا تن کي "جنس مُذڪّر" ۽ جيڪي مادي لاءِ ڪتب اچن ٿا ، تن کي "جنس مؤنّث" چئبو آهي . سنڌي ٻولي ۾ جنسون فقط ٻه ٿينديون آهن . ٻي جان شين سان صفت لڳائي سهي ڪبو آهي ته جنس مذڪر آهي يا مؤنث ، جيئن ته ڪتو انب ، ڪتي انبڙي ، چڱو ڇوڪر ، سهڻي تصوير .

## ڪي ٻي قاعدي مذڪر ۽ مؤنث

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|---|---|
| پيءُ | ماءُ | ابو | امان | راجا | راڻي |
| | | پٽ | ڌيءُ | سهرو | سس |
| مڙس | زال-جوءِ | ڀاءُ | ڀيڻ | گهوٽ | ڪنوار |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڏاگھو | ڏاڍي | پاڏو | وڇ | هاٿي | هاٿڻ |
| ڏاند | گانءِ ڳئون | فقير | فقيرياڻي | گھنو | ر ڍ |
| مور | ڍيل | سانُ | مينهن | بادشاه | راڻي |

## مونث مان نهندڙ مذڪر

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ماسي | ماسڙ | پڦي | پڦڙ | رن | رنڙ |
| | | چپ | چبڙو | | |

## مؤنث اسم جنهن جو مذڪر ڪونهي

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آيا | بيبي | بائي | جيجي | ساهيڙي | آرياڻي |

## ڪن اسمن جو مؤنث ڪونہ ٿئي

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| تارو | ڏڌ | پوئنر | ڪانڌ يعني مڙس | چيلانوءِ ٻيا |

# اسمن جي جنس پروڙڻ جون واٽون

(١) جن واحد اسمن جو پويون آواز "او" آهي، سي هميشه جنس مذڪر ۾ آهن، جئن تہ ڪتولو، دلو، لٽو وغيره

(٢) ـُ پچاڙي وارا واحد اسم ڪي مذڪرءِ ڪي مؤنث آهن. جئن تہ پنُ، انبُ، ٽڙُ وغيره مذڪرءِ تندُ، ڪتُ، ڪارُ وغيره مؤنث آهن.

(٣) "اُو" پچاڙي وارا آواز واحد اسم ڪي مذڪرءِ ڪي مؤنث آهن، جئن تہ زردالُو، ڪچالُو، ڪدُو وغيره مذڪر آهن ءِ ٻُو، آبرُو، گئُو وغيره مؤنث آهن.

(٤) ڀ پڇاڙي وارا اسم گهڻو ڪري مؤنث آهن جڻ ته
پتِ، چتِ، دلِ وغيره

(٥) "اي" پڇاڙي وارا اسم ڪي مذڪر ۽ ڪي مؤنث آهن
جڻ ته پاڻي، موتي (موتي جو داڻو) مڪي (پڻنچات جو پريو
مڙس) پتي (مڙس) وغيره مذڪر آهن ۽ نڙي، پيتي، گهگهي
وغيره مؤنث آهن.

# عـــدد

عدد ٻه آهن. هڪ ڪي عدد واحد ۽ هڪ ڪان وڌيڪ يعني
گهڻن کي عدد جمع چئبو آهي. جڻ ته هڪ ٻڪري، چار
ٻڪريون، هڪ ڇوڪر، ست ڇوڪرا وغيره.

**عدد شماري**: اُهي لفظ (انداز يا عدد) جي شين جي شمار
ڪرڻ جي ڪم اچن ٿا، جڻ ته هڪ، ٻه، ٽي، چار ........

**عدد قطاري**: اهڙا عدد جي قطار ۾ اسم جو نمبر ڏيکارين
جڻ ته پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون ..........

## واحد مان جمع جوڙڻ جون وائون

(١) "گهوڙو" جمع "گهوڙا" ۽ "ڪتو" جمع "ڪتا". اهڙي طرح
جن اسمن جي پڇاڙي ۾ "او" اچي ٿو، تن جي جمع جوڙڻ لاءِ
"او" ڪڍي "آ" پڇاڙي ۾ گڏجي.

(٢) "اُٺُ" جمع "اُٺَ" ۽ "پُٽُ" جمع "پُٽَ". جن مذڪر اسمن
جي پڇاڙي اکر تي ــُـ پيش هجي تن جي جمع جوڙڻ لاءِ پيش
ڪڍي زبر ــَـ ڏجي ٿو. پر مونث اسمن ۾ پيش ڪڍي "اون"
گڏڻ سان جمع نهي ٿو. جڻ ته :-

"ماءُ" جمع "مائون" ۽ "ڌيءُ" جمع "ڌيئون".

(٣) "ڪتِ" جمع "ڪتون" ۽ "پٽ" جمع "پٽيون"
"راڻي" جمع "راڻيون" ۽ "ٻيڙي" جمع "ٻيڙيون". اهڙي طرح جن مونث اسمن جي پڇاڙي ۾ زير ِ ، "اي" يا "آ" ڪم اچي تن جي پڇاڙيءَ ۾ "اُون" گڏڻ سان جمع ٿئي ٿو. ساڳئي طرح مذڪر اسمن جو جمع بہ "ئُون" پڇاڙي گڏڻ سان ٿئي ٿو جيئن تہ :-

"سيٺ" جمع "سيٺيون" ۽ "راجا" جمع "راجائون"

اسم جي جمع آهن پر واحد ٿي ڪم اچن ٿا :-

اولاد    اَشراف    اَملاڪ    تواريخ

اسم جي هميشہ جمع ٿي ڪم اچن ٿا :-

ڪرتوت - ٻاقون - ڪامڻ - گسر - ڪيرون - اوسان - ڪتيون - ڇيهون - ڪتر -

# حالتون

اِسم خواه ضمير جون حالتون پنج آهن . اُهي هن ريت آهن :-

(١) حالت فاعلي :- جنهن اسم يا ضمير بابت فعل ڪُجھ ٻڌائي، تنهن کي فاعل چئبو آهي ۽ اهڙي اسم يا ضمير جي حالت کي حالت فاعلي چئبي آهي . فاعل يعني ڪم ڪندڙ جيئن تہ خالد سبق لکي ٿو ۽ مون خط لکيو .

(٢) حالت مفعولي :- جنهن اسم يا ضمير تي فعل واري ڪم جو اثر ٿئي تنهن کي مفعول ڪوٺيندا آهن ۽ ان جي حالت چئبي مفعولي . مفعول جنهن تي ڪم جو اثر ٿئي . جيئن تہ خالد سبق لکي پيو ، مون خط لکيو .

(٣) حالت جري :- جنهن اسم يا ضمير پٺيان "حرف جر" اچي ۽ ان لفظ جو جملي جي ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکاري ته اُن جي حالت جري چئبي . جئن ته

منور قلم سان لک ، هن کي پاڻي ڏي .

(٤) حالت اضافت :- جنهن اسمن يا ضميرن پٺيان "جو، جي، جا، سندو يا وارو" لفظ اچن ۽ هڪ اسم جو ٻئي اسم سان لاڳاپو يا مالڪي ڏيکارين ، تن جي حالت اضافت آهي ، مثال: جاويد جو ڪتاب ڦاٽل آهي ، اسان جا ڪپڙا ته ڏس.

(٥) حالت ندا :- اهي لفظ جن جي اڳيان حرف ندا جو ڪو لفظ ( اڙي، او، مار، هاءِ هاءِ ، گهوڙا ڙي ، واه واه ، شال) سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم آيل هجن يا منجهائن فقط سڏ ڪرڻ جي معني نڪري ٿي تن جي حالت ندا آهي . جئن ته

اڙي عمران! هي ته ڏس . ( اهڙي لفظ پٺيان(!) نشان ضرور ڏجي )

## اسم جو ڦيرو

| حالت | عدد واحد ۾ | عدد جمع ۾ |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | ڇوڪر لکي ٿو. | ڇوڪرا لکن ٿا. |
| حالت مفعولي | ڇوڪر سبق لکيو. | ڇوڪرن سبق لکيا . |
| حالت جري | ڇوڪر قلم سان لکيو. | ڇوڪرن قلمن سان لکيا. |
| حالت اضافت | اڪبر ڇوڪري جو ڪتاب کسيو. | اڪبر ڇوڪرن جا ڪتاب کسيا. |
| حالت ندا | اي ! ڇوڪر لک. | اي ! ڇوڪرا لکو. |

## اسم جي ترڪيب

نوڪر، ايمان داري سان اقبال جا پيسا، پيٽي ۾ رکيا .

مٿيئن جملي ۾ نوڪر، ايمان داري ، اقبال ، پيسا ۽ پيتي اسم آهن . جملي ۾ ڏنل اسمن جو قسم ، جنس، عدد ۽ حالت ٻڌائڻ يا لکڻ کي 'اسم جي ترڪيب' چئبو آهي . ترڪيب جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :-

**نوڪر** :- اسم عام ، جنس مذڪر ، عدد واحد ، حالت فاعلي فاعل آهي فعل" رکيا" جو .

**ايمان داري** :- اسم ذات ، جنس مؤنث ، عدد واحد ، حالت جري سبباِن" سان" حرف جر جي .

**اقبال** :- اسم خاص ، جنس مذڪر ، عدد واحد ،حالت اضافت مالڪي ڏيکاري ٿو "پيسا "سان .

**پيسا** :- اسم عام، جنس مذڪر ، عدد جمع ، حالت مفعولي مفعول آهي فعل" رکيا "جو .

**پيتي** :- اسم عام، جنس مونث ،عدد واحد ، حالت جري سبباِن" ۾" حرف جر جي .

---

## امتحاني سوال

هيٺ ڏنل جملن مان اسم چونڊيو ۽ هرهڪ جو قسم پڻ لکو :-

(١) غلام گهراڻي ۾ رضيه بيگم ، بهادري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي .

(٢) قائداعظم محمّد علي جناح پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل هو .

حالت جري ۽ حالت اضافت ۾ ڪهڙو فرق آهي ، مثال

ڏيئي سمجهايو ؟

٣ ــ هيٺ ڏنل جملن مان اسم چوندي تن جي ترڪيب ڪريو :-

(١) ساوڪ ڏسڻ سان اکين کي فرحت ايندي آهي .

(٢) ماستر رب ڏنو اسڪول ۾ دير سان ايندو آهي .

(٣) ايران جو شهنشاه رضاشاه پهلوي ڏاڍو نيڪ ۽ سخي هوندو هو .

٤ ــ واحد مان جمع جوڙڻ جون ڪي واٽون مثالن سميت لکو

٥ ــ ٽن اهڙن اسمن جا نالا ٻڌايو جي آهن جمع پر واحد ٿي ڪم اچن ٿا .

٦ ــ ٽي اهڙا اسم ٻڌايو جي هميشه جمع ٿي ڪم اچن ٿا.

٧ ــ هينين جا مذڪر لکو :-

وڇ - فقيرياڻي - شهزادي - ڪنوار - ٻڪِل -
رڍ - ڪتي - ڏاچي - سس - جوءِ - هاٿڻ -
پيڻ - ماسي - پڦي

# باب ٻيو

# ضمير

جيڪي لفظ اسم جي بدران ڪم اچن ٿا تن کي ضمير چئبو آهي. جئن تہ
مُنوّر کي جڏهن موڪل ملي، تڏهن هو گهر ويو.
ڪي ضمير هيٺ ڏجن ٿا:-

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| آءٌ | اسين | مان | مون | اسان | ڪير | پاڻ |
| تون | توهين | توهان | تن | تنهن | ڪهڙو | جيڪو |
| هو | اُهي | هنن | اوهين | اهو | ڪنهن | سو |

## ضميرن جا قسم

سنڌي ٻوليءَ ۾ ضمير اٺن قسمن جا آهن:-
(١) ضمير خالص - (٢) ضمير اشارو - (٣) ضمير مشترڪ
(٤) ضمير استفهام - (٥) ضمير موصول - (٦) ضمير جواب
موصول - (٧) ضمير مبهم ۽ (٨) ضمير متصل.

## ضمير خالص

اُهي لفظ جي خاص طرح فقط ماڻهن سان لاڳو ٿين ٿا. تن جا ٽي قسم آهن:-
(١) ضمير متڪلم:- مان - آءٌ - اسين - اسان
(٢) ضمير حاضر:- تون - تو - توهين - توهان
(٣) ضمير غائب:- هُو يا هوءَ - هن - اوهين - هنن

## ضمير متڪلم جو گردان

| حالت | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|
| فاعلي | آءٌ - مان | اسين - اسان |
| مفعولي | مون کي | اسان کي |
| جري | مون لاءِ | اسان لاءِ |
| اضافت | منهنجو | اسان جو |

## ضمير حاضر جو گردان

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | تون | توهان |
| مفعولي | توکي | توهان کي |
| جري | تو وٽ | توهان وٽ |
| اضافت | تنهنجو | توهانجو |

## ضمير غائب جو گردان

| | | |
|---|---|---|
| فاعلي | هو - هوءَ | اُهي |
| مفعولي | هن کي | انهن کي |
| جري | هن کان | انهن کان |
| اضافت | هن جو | انهن جو |

# ضمير اشارو

اُهي ضمير جي ڪن اسمن ڏانهن اشارو ڪن ، تن کي "ضمير اشارو" چوندا آهن . مثلاً

**هو چا پيو ڪري ؟ - اُهي ڪير آهن ؟**

ضمير اشاري جا ٻه قسم آهن :-

(١) ضمير اشارو ويجهو (٢) ضمير اشارو ڏور .

## ضمير اشارو ويجهو

اهي ضمير اشارا جي ڪنهن ويجهي شيءِ ڏانهن اشارو ڪن، تن کي "ضمير اشارو ويجهو" چوندا آهن. مثلاً

**هي** اسانجو گهر آهي - **اِهي** منهنجا ڪتاب آهن.

## ضمير اشارو ڏور

اُهي ضمير اشارا جي ڪنهن ڏورانهين شيءِ ڏانهن اشارو ڪن. تن کي "ضمير اشارو ڏور" چوندا آهن - جئن ته

**هو** هوشيار ڇوڪر آهي - **اُهي** ڇا پيا ڪن؟

# ضمير مشترڪ

مشترڪ لفظ جي معنيٰ شريڪ ٿيندڙ. اهڙا ضمير جي جملي ۾ فاعل يا مفعول سان شريڪ ٿي، جملي کي وڌيڪ "زوردار" بڻائڻ لاءِ يا فاعل جي بدران مفعول ٿي ڪم اچن تنهن کي "ضمير مشترڪ" چوندا آهن. جهڙوڪ پاڻ، خود پنهن .... وغيره. مثال :- مان **پاڻ** اوهان وٽ ايندس.

# ضمير استفهام

استفهام جي معنيٰ آهي سوال پڇڻ. اهڙا ضمير جي سوال پڇڻ لاءِ ڪم اچن ٿا، تن کي ضمير استفهام چوندا آهن. مثلاً

(١) اڄ اسڪول ۾ **ڪير** ايندو؟ (٢) تو کي **ڇا** کپي؟

(٣) **ڪهڙو** رنگ تو کي پسند آهي؟ (٤) هيءَ **ڪنهن** جي ٽوپي آهي؟

# ضمير موصول

اهڙا ضمير جي ساڳئي فعل جي ٻن جملن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ پورو جملو ڪن ٿا، تن کي "ضمير موصول" چوندا آهن جيئن تہ : (١) هي اُها ڇوڪري آهي جا سڪرويتي هئي .
(٢) هي اهو ڇوڪر آهي جو ناپاس ٿيو هو .
جو، جا، جنهن، وغيره اِهي "ضمير موصول" آهن .

# ضمير جواب موصول

اُهي ضمير جي ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچن، ۽ جملي جي ٻن ڀاڱن کي گڏي هڪ ڪن، تن کي "ضمير جواب موصول" چوندا آهن . جيئن تہ
(١) جن سان دوستي رکجي، تن سان نباهجي .
(٢) جو ٻئي لاءِ کڏ کوٽيندو سو پاڻ هن ۾ ڪرندو.

# ضمير مبهم

مبهم جي معنيٰ آهي ڳجهو يا لڪل . اهڙا ضمير جي جن اسمن جي بدران ڪم آيل هجن، سي اسم ڳجها هجن. جنهن جي خبر ٿي ڪا نہ پوي تہ ڪير يا ڇا آهن، تن کي "ضمير مبهم" چوندا آهن . جيئن تہ
(١) ڪو آيو هوندو .
(٢) اسلم کي ڪنهن ماريو هوندو .
(٣) ڏس، اندر ڪير آيو آهي ؟

ڪو ، ڪنهن ، ڪير ، ڪجھ ، وغيره "ضمير مبهم" آهن .

## ضمير متصل

اُهي ضمير آهن ، جي ڪنهن اسم، حرف جر ۽ فعل جي پنيان پڇاڙين نشانين وانگر ڪم اچن ٿا . حقيقت ۾ اِهي ضمير خالص آهن پر جدا لکيل نہ آهن ، جئن تہ
(١) ياڻس پهريون نمبر آيو آهي (٢) ڪيسي ۾ واچ اٿم
(٣) وٽم ڏہ روپيا آهن (۴) ماني کاڌائين

## ضميري پڇاڙيون

م ←—— پٽم (منهنجو پٽ) - کاڌم (مون کاڌو)
س ←—— پٽس (هنجو پٽُ) - وٽس (هن وٽ)
ء يا اي ← پٽي (تنهنجو پٽُ) - وٽ ۽ (تو وٽ)
وڌيڪ مثال :- اٿم ، اٿو ، اٿن ، اٿس ، اٿئون ، اٿيئي ، وغيره .

## ضمير جي ترڪيب

جنهن صورت ۾ ضمير هميشہ اسم جي بدران ڪم ايندو آهي ، تنهن صورت ۾ ترڪيب بہ اسم وانگر ڪبي اٿس . يعني (١) ضمير جو قسم (٢) جنس (٣) عدد (۴) حالت وغيره اسم وانگر چئجي . مثلاً

مون پڇيو تہ اوهان جي گهر ۾ ڪو آهي جو هن ڇوڪري سيکاري .

**مون** :- ضمير متڪلم، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل آهي پڇيو فعل جو .

**اوهان** : ضمير حاضر، جنس مذڪر، عدد جمع، حالت اضافت سبباں حرف اضافت جي .

**ڪو** : ضمير استفهام، جنس مذڪر (مونث) عدد واحد حالت فاعلي، فاعل آهي سيڪاري فعل جو .

**جو** :- ضمير موصول، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل آهي سيڪاري فعل جو .

**هن** :- ضمير اشارو ويجهو، جنس مذڪر، عدد واحد لڳي تو چوڪر سان .

# باب ٽيون

# صفت

جيڪي لفظ اسم جو ڳڻ ، اوڳڻ ، انداز ، رنگ ، لاڳاپو قد يا مقدار ڏيکارين ٿا ، تن کي صفت چئبو آهي،مثال :-

(١) **ڳڻ** ڏيکاريندڙ لفظ :- سياڻو - سهڻو - مٺو - صاف سٺو .

(٢) **اوڳڻ** ڏيکاريندڙ لفظ :- موڳو - ڪنو - ڪنو - گدلو بيڪار .

(٣) **انداز** ڏيکاريندڙ لفظ :- ٻه - پنجاه - سو - اڌ - منو پاءُ .

(٤) **رنگ يا لاڳاپو** ڏيکاريندڙ :- ڪارو - اڇو - ڳاڙهو ٿري - سنڌي - ساموندي .

(٥) **قد يا مقدار** ڏيکاريندڙ :- ٿورو - گهڻو - سنهو - ٿلهو ننڍو - وڏو .

## صفت جا قسم

صفت جا ٽي قسم شمار ڪندا آهن :- (١) صفت وصفي يا توصيفي (٢) صفت عددي ۽ (٣) ضميري صفت .

## صفت وصفي

جيڪي صفت اسم يا ضمير جو ڳڻ ، اوڳڻ يا خاصيت ڏيکارين ٿا تن کي صفت توصيفي يا وصفي چئبو آهي . جيئن ته

(١) سچو ماڻهو ڪنهن ڪان ڪو نہ ٿو ڊڄي ۔
(٢) ڪچو ميوو هرگز نہ کائجي ۔
(٣) موڳو ۽ گدلو ٻار پڙهي نہ سگهندو ۔

## صفت عددي

جيڪي لفظ ڳڻپ ۾ ڪم اچن ٿا، سي "صفت عددي" آهن هن جا ٻہ قسم آهن :- (١) عدد شماري ، (٢) عدد قطاري ۔
عدد شماري جهڙوڪ هڪ ، ٻہ ، ٽي ، چار ، پنج ، وغيره ۔
۽ عدد قطاري جهڙوڪ پهريون ، ٻيو، ٽيون ، چوٿون ، پنجون وغيره ۔

## ضميري صفت

اهو ضمير جو صفت ٿي ڪم اچي ٿو ، تنهن کي "ضميري صفت" چئبو آهي ۔ جهڙوڪ :-

هو ڇوڪر امتحان ۾ پهريون نمبر آيو آهي ۔

| ضمير | صفت | | |
|---|---|---|---|
| | انداز | قد | قسم |
| اِي | ايترو | ايڏو | اهڙو |
| هيءَ | هيترو | هيڏو | ههڙو |
| اوءَ | اوترو | اوڏو | اهڙو |
| هُو | هوترو | هوڏو | ههڙو |
| جو | جيترو | جيڏو | جهڙو |
| سو | تيترو | تيڏو | تهڙو |
| ڪو | ڪيترو | ڪيڏو | ڪهڙو |

# صفت جا درجا

صفت جا ٽي درجا ڪيا ويا آهن ـ جئن تہ :ـ

(١) صفت خالص (٢) صفت تفضيل ۽ (٣) صفت مبالغو .

پارسي ، انگريزي ۽ ڪن ٻين ٻولين ۾ اهڙيون خالص نشانيون آهن جي صفتن سان شامل ٿيڻ ڪري ، هڪ اسم جي صفت ، ٻئي اسم يا ٻين اسمن جي صفتن سان ڀيٽيون ويندڙيون آهن پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيون نشانيون ڪين آهن ، جي ڪن اسمن جي صفتن جي ڀيٽ صحيح انداز ۾ ڪن ـ البتہ هن ريت ڌيان ۾ رکڻ گهرجي .

(١) **صفت خالص** :ـ سليم چڱو ڇوڪر آهي .

(٢) **صفت تفضيل** :ـ سليم اقبال کان چڱو آهي .

(هڪ ڇوڪر جو ٻئي ڇوڪر سان ڀيٽ ڪيل)

(٣) **صفت مبالغو** :ـ (وڌاءُ) :ـ سليم ڪلاس جي سڀني ڇوڪرن کان چڱو آهي .

(هڪ ڇوڪر جو سڀني ڇوڪرن سان ڀيٽ)

| صفت خالص | صفت تفضيل | صفت مبالغو |
| --- | --- | --- |
| (١) انب مٺو آهي . | (١) انب صوف کان مٺو آهي . | (١) انب سڀني ميون کان وڌيڪ مٺو آهي . |
| (٢) انور هوشيار ڇوڪر آهي . | (٢) انور ، ظفر کان هوشيار آهي . | (٢) انور ، سڀني ڇوڪرن کان وڌيڪ هوشيار آهي . |
| (٣) ڪانءُ سياڻو پکي آهي . | (٣) ڪانءُ طوطي کان سياڻو آهي . | (٣) ڪانءُ سڀني پکين کان وڌيڪ سياڻو آهي . |

# امتحاني سوال

١ــــ هيٺ ڏنل جملن مان ضمير چونڊيو ۽ انهن جو قسم ٻڌايو :-

(١) جو ڪري گيهه سو نه ڪري ماءُ پيءُ .
(٢) تڏو گهڙو پاڻ ڪي پاڻيهي چانو ۾ رکائيندو آهي.
(٣) مون وٽ ڪجهه هجي ته توکي ڏيان .
(٤) ڪير آهي جو تنهنجو نالو وٺي سگهندو ؟

٢ــــ ضمير موصول ۽ جواب موصول ، متڪلم ۽ غائب ۾ فرق سمجهايو .

٣ــــ هيٺين جملن مان صفت چونڊيو :-

(الف) تازي هوا ، صاف پاڻي ، سٺو کير ، سالم کاڌو ۽ موافق پوشاڪ ، اهي سڀ شيون انسان جي صحت لاءِ تمام ضروري آهن .
(ب) ٻه ۽ ٻه ٿيا چار .
(ج) اڌ ڪي چڏي سڀي ڏانهن ڊوڙي ، سو اڌ به وڃائي .

٤ــــ ضمير جا قسم سمجهايو - هر هڪ لاءِ ٻه ٻه مثال ڏيو.

٥ــــ صفت عدد ۽ صفت شماري ۾ ڪهڙو فرق آهي. کولي سمجهايو .

# باب چوٿون

# فعل

جن لفظن مان ھڻڻ ،ڪرڻ ، ٿيڻ يا سھڻ جي معنيٰ نڪري تن لفظن کي فعل چئبو آھي . جيئن تہ

(١) اسلم لکي پيو . (٢) سليم بازار مان ٿي آيو آھي .

## فعل جا قسم

فعل جا مکيہ ٻہ قسم آھن :- (١) فعل لازمي ۽ (٢) فعل متعدي .

## فعل لازمي

اھو فعل جو فقط پنھنجي فاعل سان لاڳاپو ڏيکاري ۽ ھن جي ڪم جو اثر ڪنھن ٻئي تي نہ پوي . مثال :-

ڇوڪر ڊوڙي ٿو - سج اُڀريو - منھنجا ڪتاب ميز تي آھن -

## فعل متعدي

اھو فعل جنھن ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي ھجن . مثال :-

(١) ڪٽي ڪپڙا ڌوئي ٿو - (٢) ناھيد انب ڪائي ٿي .

"ڪٽي ۽ ناھيد" فاعل آھن . "ڪپڙا ۽ انب" مفعول ۽ "ڌوئي ٿو ۽ ڪائي ٿي" اھي" فعل متعدي" آھن .

## فعل متعدي جا قسم

فعل متعدي جا ٻہ قسم آھن . " متعدي معروف " ۽

متعدي مجھول .

**فعل متعدي معروف** :- اهو فعل جنهن ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي ظاهر هجن . جيئن ته :-

اڪبر ڪتو ماريو .

"اڪبر" فاعل ۽ "ڪتو" مفعول ، "ماريو" فعل متعدي معروف .

**فعل متعدي مجھول** :- اهڙا متعدي فعل جنهن ۾ فاعل ڦري مفعول ٿئي ، تن کي فعل متعدي مجھول چئبو آهي . جيئن ته :-

| "مجھول" | "معروف" |
|---|---|
| رڪابي ڇوڪر کان ڀڳي . | (١) ڇوڪر رڪابي ڀڳي . |
| ڪوٽ درزي کان سبايو ويو . | (٢) درزي ڪوٽ سبيو . |

پهرئين ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي آهن ، پر ٻئي (مجھول) ۾ مفعول مٿجي فاعل ٿيو پيو .

**فعل متعدي بالواسطہ** :- فعل متعدي جنهن مان خبر پوي ته ڪم جو ڪندڙ يعني فاعل پاڻ ڪم نه ٿو ڪري پر ٻئي ڪنهن کان ڪم ڪرائي ٿو . جيئن ته :- رشيد پنهنجي ڪپي ٺهرائي

| فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي |
|---|---|
| ظفر ماني نوڪر کان پچرائي . | (١) ظفر ماني پچائي . |
| مون ڇوڪرن کان ڪتاب پڙهارايو. | (٢) مون ڪتاب پڙهيو. |

## فعل اڪرترڪ

هن فعل کي بنا فاعل فعل چوندا آهن . اهو فعل جنهن

جوفاعل گم يا لڪل هجي ، تنهن کي فعل اڪر ترڪ يا فعل بي فاعل ڪوٺيندا آهن . جيئن تہ :-

(١) پڙهبو تہ ڏاڪٽر ٿبو .

(٢) باغ ۾ گهمجي تہ فرحت اچي

# فعل معاون

هن فعل کي مددگار فعل پڻ چوندا آهن . هي ٻين فعلن جي زمانن جوڙڻ ۾ مدد ڪري ٿو . مثلاً

(١) مون لکيو آهي . (٢) تون اچين ها .

(٣) اُهي آيا ٿي . (۴) مون اهو خط پڙهيو هو .

# فعل مرڪب

اهڙا فعل جي بنيادي فعلن جون صورتون گڏجي، هڪ فعل ٿي ڪم اچن ٿا . جيئن تہ :-

(١) جاويد هڪ ڪتو ماري وڌو .

(٢) اسان خط لکي ورتا .

# بي قاعدي ۽ باقاعدي فعل

"باقاعدي فعل" اُهي آهن جن جو اسم مفعول ، امر جي پڇاڙيءَ "و" يا "يو" گڏڻ سان ٺهي ٿو ۽ ٻين کي" بي قاعدي فعل چوندا آهن -

| اسم مصدر | امر | اسم مفعول | فعل |
| --- | --- | --- | --- |
| لکڻ | لک | لکيو | باقاعدي فعل |
| پڙهڻ | پڙه | پڙهيو | " |
| مارڻ | مار | ماريل | " |
| اچڻ | اچ | آيو | بي قاعدي فعل |
| وٽڻ | وٽ | ورتو | " |
| روئڻ | روءُ | رنو | " |

# باب پنجون

# فعل جو بنياد

## "مصدر" يا "اسم مصدر"

هي اهو اسم آهي جو ڪم جو نالو هجي ۽ سندس پڇاڙي وارو اکر ڻ هجي. مصدر جي معني آهي صادر ٿيڻ (نڪرڻ) جي جاءِ. سڀئي فعل اسم مصدر مان نڪرندا آهن.

جئن ته:- لکڻ، پڙهڻ، اچڻ، وڃڻ، وغيره

**نوٽ**:- ياد رکو " لوڻ، وڻ، ڪنگڻ (هڪ زيور)، ٻڌڻ (ٻار جي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙو)، لنگهڻ (بک)" اِهي اسم مصدر نه آهن اهي اسم جي ڪن شين جا نالا آهن، سي مصدر نه سڏبا، ڀلي سندن پڇاري ۾ "ڻ" هجي، مثلاً لوڻ، وڻ وغيره

## اسم مصدر جي ترڪيب

(١) ظفر، پرويز کي **مارڻ** لاءِ آيو.

(٢) ڪاسائي ٻڪري کي **ڪهڻ** لاءِ ويو.

**مارڻ**:- اسم مصدر، حالت جري سببان "لاءِ" حرف جر جي. سندس مفعول آهي پرويز.

**ڪهڻ**:- اسم مصدر، حالت جري سببان "لاءِ" حرف جر جي. سندس مفعول آهي ٻڪري.

# امــر

اهي فعل جي اڪثر حڪم ڏيڻ يا عرض ڪرڻ مهل ڪم آڻيا آهن تن کي امر چئبو آهي. امر معنيٰ آهي حڪم ڪرڻ پر بعضي عرض يا منٿ ڪرڻ جي معني به نڪرندي آهي. جئن تہ لک، پڙھ، مار، وغيره.

# امر ناهڻ جو قاعدو

اسم مصدر مان پڇاڙي وارو "ڻ" ڪيڻ سان امر واحد ٿهندو آهي. جئن تہ

| اسم مصدر | امر واحد | اسم مصدر | امر واحد |
|---|---|---|---|
| لکڻ | لک | پڙھڻ | پڙھ |
| مارڻ | مار | کهڻ | کھ |
| اچڻ | اچ | وڃڻ | وڃ |
| ڦاسائڻ | ڦاساءِ | لڏڻ | لڏ |
| چوڻ | چئو | ڪائڻ | ڪاءُ |

# امر جا قسم

امر جا ٻہ قسم ٿيندا آهن :- امر حال ۽ امر استقبال

**امر حال** :- جلدي لک - سگهو اچ (هينئر جو هينئر).

**امر جمع** :- جلدي لکو - سگهو اچو.

**امر استقبال** :- ضرور لکج - سگهو اچج.

استقبال جي معنيٰ آهي جو پوءِ (ايندڙ وقت ۾) ڪرڻ جو حڪم

مليل آهي .

## امراستقبال جو نهڻ

امر واحد (حال)، جي پڇاڙي اکر تي ـُ (پيش) هجي ته اها ـِ (زير) سان مٽي سائٽس " ج " وڌيک ڳڌڻ سان **امراستقبال واحد** ٺهندو آهي .

امراستقبال واحد جي پڇاڙي " ج " مٽي"جو"ڪرڻ سان **امراستقبال جمع ٺهي ٿو** . يا ج سان ڳڌ و ڳنڍجي ، جئن ته لکج ، لکجو .

| امرواحد | امرجمع | امراستقبال واحد | امراستقبال جمع |
|---|---|---|---|
| لک | لکو | لکج | لکجو |
| اچ | اچو | اچج | اچجو |

# اسم مشتق

## (ڪردنت)

شق معنيٰ چيرڻ . اُهي لفظ جي فعل جي بنياد مان چيرجي نڪرن ٿا ياجڙن ٿا ۽ فعل توڙي اسم يا صفت تي ڪم اچن ٿا . جئن ته

(١) منور اج ايندو ۽ سياڻي ويندو

(٢) ايندو سيڪو سلام ڪري ، ويندو ڪير نه پڇي .

پهرين جملي ۾ " ايندو ۽ ويندو " فعل آهن ۽ ٻئي جملي ۾ ساڳيا لفظ اسم آهن .

# اسم فاعل

اهڙا لفظ جي ڪنهن ڪم جا ڪندڙ هجن ، سندن بُنياد

مصدر هجي ۽ اُهي صفت جو ڪم ڪن، تن کي "اسم فاعل" چئبو آهي، جئن ته

ڪٽڻ مان ڪٽيندڙ - هار مان هاريندڙ
پچڻ مان پچندڙ - پڙهڻ مان پڙهندڙ - وغيره

## بي قاعدي اسم فاعل

بي قاعدي اسم فاعل اهي آهن جي مصدر مان يا اسم مان نڪتل آهن پر قاعدي موجب نه ٺهيا آهن. جئن ته

| | | | |
|---|---|---|---|
| رلڻ | رولو | خرچڻ | خرچائو |
| ٽپڻ | ٽوپو | تاڪڻ | تاڪائو |

## اسم مفعول

اهڙا لفظ جنجو بنياد اسم مصدر (بنيادي فعل) هجي ۽ اهي ڏيکارين ته ساڳئي لاڳو اسمن تي يا جن اسمن بجاءِ هو ڪم آيا آهن تن تي ڪو ڪم ٿيل آهي، تن کي اسم مفعول چئبو آهي، جئن ته ڪٽڻ مان ڪٽيل يا ڪٽيو ، پڙهڻ مان پڙهيل يا پڙهيو.

## اسم مفعول ٺاهڻ

| امر | اسم مفعول | امر | اسم مفعول |
|---|---|---|---|
| لک | لکيو يا لکيل | پڙه | پڙهيو يا پڙهيل |
| اچ | آيو يا آيل | ويهه | ويٺو يا ويٺل |

## اسم حاليہ

اُهي فعل جون صورتون جي ڏيڪارين ٿيون تہ فاعل هڪ ڪم ڪي ڪندو (هلائيندو) ٻئي ڪي لڳندو (لڳي ٿو يا لڳو آهي) جئن تہ (١) مان اسڪول مان ٿيندو ايندس.
(٢) هوڪلفٽن مان گهمندي گهمندي گهر آيو.

## اسم استقبال

اُهي لفظ جي بنيادي فعل مان نهيل هجن ۽ صفت يا اسم ٿي ڪم اچن ۽ ڏيکارين تہ ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي، تن کي" اسم استقبال "چئجي ٿو. جئن تہ:-
وڃڻ مان وڃڻو          ڪرڻ مان ڪرڻو - وغيره

## ماضي معطوفي

فعل جي اها صورت جا ساڳئي فاعل جي ٻن جملن کي ڳنڍي هڪ ڪري ٿي ۽ ڏيکاري ٿي تہ فاعل هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻئي ڪم کي وڃي لڳو آهي يا لڳي ٿو. جئن تہ
(١) مون ڪتاب پڙهي ميز تي رکيو.
(٢) انور خط لکي ٽپال ۾ وڌو.

## اسم تصغير

شيءَ کي سندس اصلي حيثيت مان گهٽائي ننڍو ڪري بيان ڪيو وڃي. اهڙن لفظن کي" اسم تصغير" ڪوٺبو آهي،

جيئن ته :- پٽ مان پٽڙو - هٿ مان هٿڙي ، وغيره .

# امتحاني سوال

فعل لازمي ۽ فعل متعدي ۾ ڪهڙو فرق آهي مثالن سان ڪولي سمجهايو ؟

فعل متعدي جا قسم مثالن سميت سمجهايو .

فعل اڪرتڪ جا ڪي چئجي - ڪي ٻه ٻه مثال ڏيو .

هيٺين مان بي قاعدي ۽ باقاعدي فعل چونڊيو .

پڙهيو - آيو - ڏنو - ورتو - لکيو - ويو

فعل متعدي مجهول ، فعل متعدي معروف ۽ فعل متعدي بالواسطه ۾ ڪهڙو فرق آهي ، مثالن سميت ڪولي سمجهايو .

خالي جايون پريو :-

| مصدر | اسم فاعل | اسم حاليه | اسم استقبال |
|---|---|---|---|
| لکڻ مان | - - - | - - - - | - - - |
| پڙهڻ 〃 | - - - | - - - - | - - - |
| ڏسڻ 〃 | - - - | - - - - | - - - |
| اچڻ 〃 | - - - | - - - - | - - - |

# باب ڇهون

# پريوگ

فعل جا ڪل ٽي پريوگ آهن :- (١) پريوگ ڪرتري، (٢) پريوگ ڪرمڻي ۽ (٣) پريوگ ڀاوي . فعل پنهنجي عدد، جنس ۽ ضمير سان لاڳاپو ڏيکارين تن کي "پريوگ" چئبو آهي.

## ڪرتري پريوگ

ڪو به فعل پنهنجي فاعل سان جملي ۾ عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مڃي تنهن کي "پريوگ ڪرتري" چوندا آهن .

(١) گهوڙو ڊوڙي ٿو . گهوڙا ڊوڙن ٿا . ( عدد )
(٢) گهوڙو ڊوڙي ٿو . گهوڙي ڊوڙي ٿي . (جنس)
(٣) آءٌ ڊوڙان ٿو . اسين ڊوڙون ٿا . (ضمير)

مٿين جملن مان ظاهر آهي ته فعل پنهنجي فاعل سان عدد، جنس ۽ ضمير سان مڃي رهيو آهي .

## ڪرمڻي پريوگ

ڪو به فعل پنهنجي مفعول سان عدد، جنس ۽ ضمير سان مڃي، تنهن کي "پريوگ ڪرمڻي" چئبو آهي .

(١) اقبال شيشو ڀڳو . اقبال شيشا ڀڳا . ( عدد )
(٢) اقبال شيشو ڀڳو . اقبال شيشي ڀڳي . (جنس)
(٣) هن شيشو ڀڳو . هن شيشا ڀڳا . (ضمير)

# پاوي پريوگ

ڪو به فعل، نڪي فاعل ۽ نڪي مفعول سان عدد يا جنس ۾ ملي، اهڙي فعل کي "پريوگ پاوي" چوندا آهن:-

(الف) ڇوڪر ڪتي کي ماريو. ڇوڪرن ڪتي کي ماريو.
(١) (ب) ڇوڪر ڪتي کي ماريو. ڇوڪر ڪتن کي ماريو. (عدد)

(الف) ڇوڪر ڪتي کي ماريو. ڇوڪري ڪتي کي ماريو.
(٢) (ب) ڇوڪر ڪتي کي ماريو. ڇوڪر ڪتي کي ماريو. (جنس)

**نوٽ** (١):- مفعول پٺيان "کي" وجهڻ سان "پاوي پريوگ" ٿيندو آهي.

(٢):- فعل اڪرترڪ سدائين "پاوي پريوگ" آهي.

مثال:- (١) يوسف چورن کي جهليو.
يوسف چور کي جهليو.
هن چورن کي جهليو.
انهن چورن کي جهليو.
(٢) گهوڙي تي چڙهجي ٿو
گهوڙن تي چڙهجي ٿو

ڪي خاص هدايتون ياد ڪريو:-

(١) فعل لازمي سڀ، فعل متعدي مجهول سڀ ۽ اُهي فعل متعدي معروف جن جا زمان اسم مفعول مان نڪتل زمان مان نه هوندا تن جو پريوگ ڪرتري آهي.

(٢) اُهي متعدي معروف فعل جنهن جو زمان اسم مفعول وارن زمانن مان ڪو به هڪ آهي ته ان فعل جو "پريوگ

ڪرمڻي“ آهي .

(۳) جنهن متعدي معروف فعل جو زمان اسم مفعول جي زمانن مان ڪو بہ هڪ آهي ۽ مفعول پنيان ڪي لفظ آيل آهي تہ ان فعل جو پريوگ ڀاوي آهي .

# امتحاني سوال

۱— پريوگ ڇا کي چئجي ؟

۲— پريوگ ڪرتري ڇا کي چئجي ؟

۳— پريوگ ڪرمڻي ڇا کي چئجي ؟

۴— پريوگ ڀاوي ڇا کي چئجي ؟

۵— فعل جي پريوگ جا قسم مثالن سميت لکو .

٦— هيٺين فعلن جا پريوگ ٻڌايو :-

(۱) مان پڙهندو آهيان .

(۲) اُهي راند ڪندا آهن .

(۳) ظفر سڪر ويو .

(۴) جاويد ٻلي کي نہ مار .

(۵) اسان بازار مان انب ورتا .

(٦) احمد بخش هوشيار ڇوڪر آهي .

(۷) واڍا پيڙهيون جوڙن ٿا .

(۸) ماستر گلڻ کي ڪلاس مان ٻاهر ڪڍيو .

(۹) مون کي پنهنجو ڪتاب ڏي .

(۱۰) اُهي ڪيڏن پيا .

# باب ستون

# فعل جا زمان

فعل جا ٽي مکيه زمان ٿين ٿا :-(١) زمان حال (٢) زمان ماضي ۽ (٣) زمان مستقبل . زمان ڪم جو وقت يا ڪم جي حالت ڄاڻائي ٿو . ته ڪو ڪم ٿئي ٿو يا ٿيو يا اُچا ٿيڻو آهي .

## زمان مضارع

جنهن زمان مان دل جي خواهش ظاهر ٿئي ۽ هلندڙ (زمان حال) توڙي ايندڙ وقت (مستقبل) جي معنيٰ نڪري، تنهن کي زمان مضارع چئبو آهي . جيئن ته :-

(١) مان اندر اچان (٢) هو لاهور وڃي

## زمان حال

هلندڙ وقت ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو . جيئن ته :-

(١) انور لکي ٿو . (٢) اسين ڪائون ٿا .
(٣) هوءَ پڙهي ٿي . (٤) تون وڃين ٿو .
(٥) آهي ڊوڙن ٿا . (٦) آءٌ اچان ٿو .

## زمان حال استمراري

فعل اهو ڏيکاري ته ڪم ڪيتري وقت کان جاري آهي ۽ اچا تائين پيو ٿئي . جيئن ته :-

(١) انور لکي پيو . (٢) اسين کائُون پيا .
(٣) هوءَ پڙهي پئي . (٤) تون وڃي پيو .
(٥) اُهي ڊوڙن پيا . (٦) آءٌ اچان پيو .

# زمان حال مدامي

فعل اهو ڏيکاري، تہ ڪو ڪم سدائين هلندڙ آهي ،
جيئن تہ :-

(١) انور لکندو آهي . (٢) اسان کائيندا آهيون .
(٣) هوءَ پڙهندي آهي (٤) تون ويندو آهين .
(٥) اُهي ڊوڙندا آهن . (٦) آءٌ ايندو آهيان .

# زمان حال متشڪي

فعل اهو ڏيکاري تہ ڪو ڪم شڪ ۾ هن وقت ٿيندڙ
آهي . جيئن تہ

(١) انور لکندو هوندو . (٢) اسان کائيندا هونداسون .
(٣) هوءَ پڙهندي هوندي (٤) تون ويندو هوندين .
(٥) اُهي ڊوڙندا هوندا . (٦) آءٌ ايندو هوندس .

# زمان ماضي مطلق

زمان ماضي يا ماضي مطلق . ڏيکاري ٿو تہ گذريل وقت ۾
ڪو ڪم ٿي گذريو . جيئن تہ

(١) انور لکيو . (٢) اسان کاڌو . (٣) هن پڙهيو .
(٤) تون ويئين . (٥) اُهي ڊوڙيا . (٦) مان آيس .

# زمان ماضي استمراري

فعل اهو ڏيکاري ته گذريل وقت ۾ ڪو ڪم ھليو پئي :-

جئن ته :-

(١) انور لکيو پئي . (٢) اسان ڪاڙو پئي .
(٣) هن پڙهيو پئي . (٤) تون ويئين پئي .
(٥) اُهي ڊوڙيا پئي . (٦) آءُ آيس پئي .

# زمان ماضي قريب

فعل اهو ڏيکاري ته ڪو ڪم ويجهڙائيءَ ۾ ئي گذريو آهي

جئن ته :-

(١) انور لکيو آهي. (٢) اسان ڪاڙو آهي .
(٣) هن پڙهيو آهي. (٤) تون ويو آهين .
(٥) اُهي ڊوڙيا آهن . (٦) آءُ آيو آهيان .

# زمان ماضي بعيد

فعل اهو ڏيکاري ته ڪو ڪم گهڻو وقت اڳي ئي گذريو آهي. جئن ته :-

(١) انور لکيو هو. (٢) اسان ڪاڙو هو.
(٣) هن پڙهيو هو. (٤) تون ويو هئين .
(٥) اُهي ڊوڙيا هئا . (٦) آءُ آيو هوس .

# زمان ماضي متشڪي

فعل اهو ڏيکاري ته گذريل وقت ۾ ڪو ڪم ٿيو هو، پر

شڪ آهي . جيئن ته
(١) انور لکيو هوندو . (٢) اسان ڪاڌو هوندو .
(٣) هن پڙهيو هوندو . (٤) تون ويو هوندين .
(٥) اُهي ڊوڙيا هوندا . (٦) آءٌ آيو هوندس .

# زمان ماضي مدامي

فعل اهو ڏيکاري ته ڪو ڪم گذريل وقت ۾ هلندڙ هو.
جيئن ته :-
(١) انور لکندو هو . (٢) اسان کائيندا هئاسين
(٣) هو پڙهندو هو . (٤) تون ويندو هئين
(٥) اُهي ڊوڙندا هئا . (٦) مان ايندو هوس

# زمان ماضي شرطيه

فعل اهو ڏيکاري ته ڪو ڪم ڪنهن شرط پوري ٿيڻ تي
اڳي پورو ٿئي ها . جيئن ته
(١) انور لکي ها . (٢) اسان کائون ها .
(٣) هو پڙهي ها . (٤) تون وڃين ها .
(٥) اُهي ڊوڙن ها . (٦) مان اچان ها .

# زمان مستقبل

زمان مستقبل ايندڙ وقت ڏيکاري ٿو . جيئن ته :-
(١) انور لکندو . (٢) اسان کائينداسون . (٣) هو پڙهندو .
(٤) تون ويندين . (٥) اُهي ڊوڙندا . (٦) مان ايندس .

# زمان مستقبل استمراري

فعل اهوڏيکاري تہ ايندڙوقت ۾ ڪو ڪم ھلندو پيو. جئن تہ :-

(۱) انور پيو لکندو . (۲) اسان پيا ڪائيندا سون .
(۳) هو پيو پڙهندو . (۴) تون پيو ويندين .
(۵) آهي پيا ڊوڙندا . (٦) مان پيو ايندس .

# زمانن جو دور

زمان ڪل چوڏهن آهن ـ ڇهه زمان مضارع ، ٻه زمان مستقبل ، ست زمان ماضي ۽ چار زمان حال .

# مستقبل جا قسم

(١) زمان مستقبل :ـ هو ايندو - مان ايندس - تون ايندين -
(٢) زمان مستقبل استمراري :ـ هو ايندو پيو - مان ايندس پيو - تون ايندين پيو .

# زمان ماضي جا قسم

(١) زمان ماضي مطلق ـ هو آيو - مان آيس - تون آئين -
(٢) زمان ماضي قريب ـ هو آيو آهي. مان آيو آهيان تون آيو آهين
(٣) زمان ماضي بعيد ـ هو آيو هو - مان آيو هوس تون آيو هئين
(٤) زمان ماضي استمراري، هو آيو پئي - مان آيس پئي، تون آئين پئي -
(٥) زمان ماضي متشڪي ـ هو آيو هوندو مان آيو هوندس. تون آيو هوندين
(٦) زمان ماضي مدامي ـ هو ايندو هو - مان ايندو هوس. تون ايندو هئين
(٧) زمان ماضي شرطيه ـ هو اچي ها - مان اچان ها - تون اچين ها

# زمان حال جا قسم

(١) زمان حال ـ هو اچي ٿو - مان اچان ٿو - تون اچين ٿو -
(٢) زمان حال استمراري، هو اچي پيو - مان اچان پيو - تون اچين پيو
(٣) زمان حال مدامي ـ هو ايندو آهي. مان ايندو آهيان تون ايندو آهين

(٤) **زمان حال متشڪي** هو ايندو هوندو - مان ايندو هوندس - تون ايندو هوندين -

## زمان مضارع

(١) **زمان مضارع** هو اچي - مان اچان - تون اچين -

## فعل جي ترڪيب

(١) اڪرم رات جو ڪتاب پڙهندو آهي .
(٢) خط ضرور لکبو .
(٣) مون اسلم کي ڪيڏندي ڏٺو آهي .
(٤) اقبال انب کائي ٿو .

مٿين جملن ۾ "پڙهندو آهي"، لکبو ، ڏٺو آهي ۽ کائي ٿو" اهي لفظ فعل آهن . فعل جي ترڪيب ڪرڻ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو .

(١) **پڙهندو آهي** :- فعل متعدي معروف ، باقاعدي ڪرتري پريوگ ، زمان حال مدامي ،ضمير واحد غائب ،جنس مذڪر ، سندس فاعل آهي" اڪرم" ۽ مفعول اٿس "ڪتاب".

(٢) **لکبو** :- فعل متعدي مجهول ، باقاعدي ، ڀاوي پريوگ ، زمان مستقبل ، جنس مذڪر ، عدد واحد ، ضمير غائب ،فاعل اٿس" خط ".

(٣) **ڏٺو آهي** :- فعل متعدي ، بي قاعدي ، ڪرمڻي پريوگ ، زمان ماضي قريب ، ضمير غائب واحد مذ ڪر ، جنهنجو فاعل آهي"مون " ۽ مفعول اٿس" ڪيڏندي "

(٤) كائي ٿو :- فعل متعدي معروف ، زمان حال ،ضميرغائب واحد، جنس مذڪر . فاعل اسم "اقبال" ۽ مفعول اسم "انب".

# امتحاني سوال

١- پريوگ جا قسم کولي سمجهايو .

٢- هيٺ ڏنل جملن مان فعل چونڊيو ۽ انهن جا پريوگ لکو.

(١) مون سارو قصو پڙهيو .

(٢) مان ويندس .

(٣) چوڪر ماني کاڌي .

(٤) هن سبق لکيو .

(٥) سوار گهوڙي کي زور سان ماريو .

٣- مارڻ اسم مصدر مان ، زمان حال مدامي ، زمان مستقبل استمراري ، زمان ماضي قريب ۽ زمان مضارع ٺاهيو .

٤- زمان حال جا قسم مثالن سميت سمجهايو .

٥- هيٺ ڏنل جملن ۾ ڏنل لفظن جي ترڪيب ڪريو :-

(١) جاويد صبح جو سوير اسڪول ويو .

(٢) تمام ڏاڍيان نر ڳالهاءِ .

(٣) سياڻي ڪاليج بند آهي .

# باب انون

# حرف جر

اهڙا لفظ جي جملي ۾ ڪنهن به اسم يا ضمير پٺيان ڪم آيل هجن ۽ انهن جو لاڳاپو ٻئي ڪنهن لفظ سان هجي، تن کي حرف جر چئبو آهي. جيئن ته

(١) وڻ هيٺ ويهي رهه . (٢) اُس ۾ ڇو وينو آهين ؛

(٣) مون کي ڪتاب ڏي . (٤) ٽوپي مينهن تي رک .

هيٺ ، ۾ ، کي ، تي ۽ ٻيا اهڙا لفظ حرف جر آهن.

## حرف جملو

اهڙا لفظ جي ڪن لفظن يا جملن جي وچ ۾ اچن انهن کي پاڻ ۾ ڳنڍين تن کي حرف جملو چئبو آهي. جيئن ته

(١) تون اچين ها ته چڱو ٿئي ها .

(٢) مس ۽ قلم ڪٽي آءُ .

(٣) پني تي لک يا سليٽ تي .

(٤) مان جيڪر اچان پر بيمار ٿيس .

ته ، ۽ ، يا ، پر ۽ ٻيا اهڙا لفظ حرف جملو آهن .

## حرف ندا

اهو لفظ جملي ۾ الڳ بيٺل هجي ۽ جنهن مان دل جي حالت جهڙوڪ خوشي ، ارمان ، عجب ، ڏڪار يا سڏ معلوم

ٿئي ياجو سڏ ڪرڻ ۾ ڪم اچي تنهن کي حرف ندا چوندا آهن . جيئن تہ

(١) اڙي! اهي ڇا پيو ڪرين ؟ (٢) الله ڙي! پيٽ ۾ سخت سور اٿم.
(٣) مار! اڪبر ولايت ٿو وڃي. (۴) واه واه! اسان ڪنيو .
(٥) گهوڙا ڙي! مان مري ويس. (٦) شال! تون پاس ٿئين .

**اڙي ، الله ڙي ، مار ، واه واه ، شال يا شــل ، گهوڙا ڙي اهي ۽ ٻيا اهڙا لفظ حرف ندا آهن .**

حرف ندا واري لفظ پٺيان تعجب جي نشان ( ! ) ضرور هئڻ گهرجي .

# ظـرف

اهو لفظ جو صفت ، فعل يا ٻئي ظرف سان لڳي ٿو ۽ منجهانئس وقت ، جاءِ ، ريت ، قدر يا ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي . جيئن تہ

(١) سياڻي موڪل آهي (٢) هيٺ نهار .
(٣) آهستي ڳالهائي (۴) هو تمام ڏاڍيان ڳالهائي ٿو
(٥) سوير مٿان وڃين .

# ظرف جا قسم

ظرف جيئن قسمن جا ٿين ٿا :- (١) ظرف زمان (٢) ظرف مڪان (٣) ظرف تميز ۽ ظرف نفي .

# ظرف زمان

جن لفظن مان وقت جي خبر پوي ٿي تن لفظن کي " ظرف

زمان" چئبو آهي ، جئن تہ :- (١) اڄ عيد جو ڏينهن آهي .
(٢) **هاڻي** تون پلي وڃ . (٣) **هن** کان **اڳ** ڪير آيو هو؟

# ظرف مڪان

جن لفظن مان جاءِ يا طرف جي معنيٰ نڪري تن لفظن کي "ظرف مڪان" چئبو آهي ، جئن تہ
(١) **هتي** ويهہ . (٢) **ٻاهر** ڏس ڪير آيو آهي ؟
(٣) **هيڏانهن** اچ .

# ظرف تميز

جن لفظن مان قدر، ريت يا ڍنگ جي معنيٰ نڪري تن لفظن کي ظرف تميز چئُبو آهي . جئن تہ
(١) **تمام** ڏاڍيان ڳالهائي.(٢) **تڪڙو** هل . (٣) **ٿورو** ڳالهائي.

# ظرف نفي

جن لفظن مان ناڪار جي معنيٰ نڪري تن لفظن کي ظرف نفي چوندا آهن . جئن تہ
(١) سبق **نہ** لک . (٢) **متان** راند ڪرين

# ظرف جي ترڪيب

مثال(١) :- **هاڻي تمام ڏاديان** پڙهہ ، پري نہ ٻيهہ .
**هاڻي** :- ظرف زمان ، لڳي ٿو فعل" پڙهہ "سان .
**تمام** :- ظرف تميز ، لڳي ٿو ظرف "ڏاڍيان" سان .

**ڏاڍيان** :- ظرف تميز ، لڳي ٿو فعل "پڙهہ" سان .
**پري** :- ظرف مڪان ، لڳي ٿو فعل "بيهہ" سان .
**نہ** :- ظرف نفي ، لڳي ٿو فعل "بيهہ" سان .

مثال(٢) :- ويچارو عرس تمام غريب ڇوڪر آهي .
**تمام** :- ظرف تميز لڳي ٿو صفت "غريب" سان .

# مڪمل ترڪيب

هيٺ ڏنل لفظن جي ترڪيب ڪريو :-

(١) **ظفر ڏاڍو** سمجهو ڇوڪر آهي .
(٢) **مون** **اهي** پنج انب **پسند ڪيا** پر انهن ڪي نہ وٽيا .
(٣) **سوير اٿڻ مان** گهڻيئي فائدا آهن .
(٤) **ماڙ! اڄ** ابہ انور ڪي بہ سبق **لکڻا** آهن .
(٥) ڪرسيون **ٺهرايون ويسون آهن** .

**ظفر** :- اسم خاص ، جنس مذڪر ، عدد واحد ، حالت فاعلي، فاعل آهي فعل "آهي" جو .
**ڏاڍو** :- ظرف تميز ، لڳي ٿو صفت "سمجهو" سان .
**آهي** :- فعل لازمي ، اڻ پورو ، بي قاعدي ، ڪرتري پريوگ، زمان حال ،جنس مذڪر ، عدد واحد ، ضمير غائب ، سندس فاعل آهي "ظفر" ۽ سندس پورائو آهي "سمجهو ڇوڪر" .
(٢) **مون** :-ضمير خالص،متڪلم ، جنس مذڪر ، عدد واحد، حالت فاعلي ، فاعل آهي فعل "پسند ڪيا" جو .
**پسند ڪيا** :- فعل متعدي معروف ، مفرد ، بي قاعدي ، پريوگ ڪرمڻي ، زمان ماضي مطلق ، ضمير متڪلم ، جمع ،مذ ڪر ،

سندس فاعل آهي"مون" ۽ مفعول اٿس" انب".

(٣) سوير :- ظرف زمان ، لڳي ٿو"آهن"فعل سان ۽ ان جو وقت ٿو ڏيکاري

اٿڻ :- اسم مصدر ، حالت جري سبيان"مان" حرف جر جي .

مان :- حرف جر ، لڳي ٿو اسم مصدر" اٿڻ" سان .

مار! :- حرف ندا ، عجب جي معنيٰ ٿو ڏيکاري .

لڪڙا :- اسم استقبال ، جنس مذڪر ، عدد جمع ، حالت فاعلي

فاعل آهي فعل" آهن"جو .

(٥) نهرايون ويون آهن :- فعل متعدي مجهول بالواسطہ

مرڪب ، باقاعدي ، پريوگ ڪرمڻي ، زمان ماضي قريب ، ضمير

غائب ، جمع مؤنث ، سندس فاعل آهي"ڪرسيون".

# پاڳويو

## باب پهريون

# صيغو

جملي جي ٻوَل ۾ نموني مان خبر پوي ته فعل ڪهڙي صورت ۾ ڪم آيل آهي . انهي فعل جي نموني کي "صيغو" چئبو آهي .

## صيغو بياني

اُها ڳالهه جا رواجي نموني بيان ڪيل هجي ، تنهن کي "صيغو بياني" چئجي ٿو ، مثال :-
(١) هو اڄ حيدرآباد ويندو . (٢) مون هي ڪتاب پڙهيو آهي .
(٣) پروين ڏاهو ڇوڪر آهي .

## صيغو شرطي

جنهن جملي ۾ شرط پيل هجي ؛ يا جنهن جملي مان شڪ امڪان ، ارمان ، سڌ ، خوشي يا افسوس جي خبر پوي ، اهڙي فعل جي بيان کي "صيغو شرطي" چئبو آهي . مثال :-
(١) تون وڃين ها ته ضرور توکي پاڻو ڏئي ها . (شرط)

(٢) هاڻي شايد هونه بہ اچي .  (امڪان)
(٣) شل ! تون امتحان ۾ پهريون نمبر اچين . (سڌ)
(٤) هاءِ هاءِ ! مان ڦرجي ويس . (ارمان)

# صيغو امر

جنهن جملي ۾ ڪنهن بہ قسم جو امر ڪتب آيل هجي تہ اهڙي فعل جي بيان کي "صيغو امر" چوندا آهن .

صيغي امر جا بہ ڀاڱا آهن :- امر نهي (٢) امر نيازي

**امر نهي** :- اهو حڪم جنهن ۾ ڪنهن ڪم ڪرڻ کان منع ٿيل هجي . جيئن تہ :- نہ لک - مَ ڪر

**امر نيازي**:- اهو حڪم جنهن ۾ ڪنهن ڪم لاءِ نياز سان چيل هجي . جيئن تہ :- ڪجانءِ - اچجانءِ .

مثال :-

(١) مين وٽ ويهہ ، پنهنجو سبق **لک** . (امر)
(٢) ڪرسيءَ تي **ويهہ** ، اخبار **پڙهہ** . (امر)
(٣) ڪتاب نہ **پڙهہ** . (امر نهي)
(٤) پاڻس چيس تہ جاويد ضد نہ **ڪر** .(امر نهي)
(٥) سياڻي مون وٽ ضرور **اچجانءِ** .(امر نيازي)
(٦) مهرباني ڪري وقت تي **اچجو** . (امر نيازي)

## باب ٻيو

# ڇيد يا تفريق

جملي ۾ فاعل، فعل ۽ مفعول سان وڌاءُ ڪندڙ لفظ پنهنجي واسطي رکندڙ لفظن سان گڏ هوندا آهن. انهن کي ڌار ڌار ڪري ڏيکارڻ کي ڇيد يا تفريق ڪوٺيندا آهن. جيئن ته

جملو ١. رب ڏنو ماني کائي تو.

جملو ٢. ويچارو ربڏنو ماني کائي تو.

جملو ٣. ربڏنو پاروٿي ماني کائي تو.

جملو ٤. هميشه ويچارو ربڏنو پاروٿي ماني کائي تو.

جملو ١:- ”رب ڏنو“ فاعل، ”ماني“ مفعول ۽ ”کائي تو“ فعل آهي.

جملو ٢:- ويچارو صفت آهي، هن لفظ جو لاڳاپو ”ربڏني“ سان آهي. تنهنڪري ”ويچارو“ ربڏني جو وڌاءُ يا لڳ آهي.

جملو ٣:- پاروٿي صفت آهي. هن لفظ جو لاڳاپو ماني سان آهي تنهنڪري اهو لفظ ماني جو وڌاء يا لڳ آهي.

جملو٤:- هميشه ظرف آهي. هن جو لاڳاپو ”کائي تو“ فعل سان آهي. ظرف يا ظرفي معنيٰ وارا لفظ سي فعل جا لڳ يا وڌاء چئبا آهن.

اهڙي طرح ”فاعل“ جون صفتون يا لفظن جا صفاتي ميڙ، جي فاعل سان گڏ لڳن تا سي فاعل جو لڳ چئبا آهن، تهڙي

ريت **مفعول** جي وڌاءُ لاءِ مفعولجون صفتون يا لفظن جا صفاتي ميڙ به **مفعول جا لڳ** آهن .

# فاعل جو لڳ يا وڌاءُ

جملو :- نوڪر آيو .

وڌاءُ (١) **منهنجو** نوڪر آيو .

وڌاءُ (٢) **منهنجو هوشيار** نوڪر آيو.

وڌاءُ (٣) **منهنجو ڏاڍو هوشيار** نوڪر آيو .

وڌاء (٤) **منهنجو سڀني کان ڏاڍو هوشيار** نوڪر آيو.

وڌاءُ (١) "منهنجو" فاعل نوڪر سان لڳل آهي ، جو ته سندس ضميري صفت آهي . تنهن ڪري فاعل جو لڳ آهي .

وڌاءُ (٢) "هوشيار" پڻ فاعل نوڪر سان لڳل آهي . جو ته سندس صفت آهي . تنهن ڪري فاعل جو لڳ آهي .

وڌاءُ (٣) "ڏاڍو" ظرف آهي . "هوشيار" صفت سان لڳل آهي ، ان کان ڌار نٿو ٿئي . تنهن ڪري اهو به مٿين لفظن سان گڏ فاعل جو لڳ آهي .

وڌاءُ (٤) "سڀني کان " هوشيار صفت سان اِئين لڳل آهي جو ان کي ڌار ڪري نٿو سگهجي . تنهن ڪري اهو به مٿئين لفظن سان گڏ فاعل جو لڳ آهي .

"منهنجو هوشيار" ، "منهنجو ڏاڍو هوشيار" ۽ "سڀني کان ڏاڍو هوشيار" اِهي صفاتي لفظن جا ميڙ آهن ، تنهن ڪري اِهي **فاعل جا لڳ** آهن .

# مفعول جو وڌاءُ

جملو :- ڇوڪر انب پٽيو .

وڌاءُ (١) ڇوڪر **پڪل** انب پٽيو.

وڌاءُ (٢) ڇوڪر **ڏاڍو پڪل** انب پٽيو.

وڌاءُ (٣) ڇوڪر **ڏاڍو پڪل وڏو** انب پٽيو.

وڌاءُ (٤) ڇوڪر **ڏاڍو پڪل سيني کان وڏو** انب پٽيو.

"ڏاڍو پڪل"، "ڏاڍو پڪل وڏو" ۽ "ڏاڍو پڪل سيني کان وڏو" اِهي پڻ صفاتي لفظن جا ميڙ آهن جي مفعول سان لڳل آهن . تنهنڪري اِهي **مفعول جا لڳ** آهن .

# فعل جو وڌاءُ

جملو :- خالد آيو.

وڌاءُ (١) خالد **اڄ** آيو.

وڌاءُ (٢) خالد **اڄ صبح جو** آيو .

وڌاءُ (٣) خالد **اڄ صبح جو سوير** آيو .

وڌاءُ (٤) خالد **اڄ صبح جو سوير ڇٽين بجي** آيو.

"اڄ" ، "اڄ صبح جو" ، "اڄ صبح جو سوير" ۽ "اڄ صبح جو سوير ڇٽين بجي" آيو . اِهي ظرف ۽ ظرفي لفظن جا ميڙ يا ظرفي اصطلاح آهن ، جي فعل سان لڳن ٿا . تنهن ڪري انهن کي **فعل جو لڳ** چئبو آهي .

# امتحاني سوال

١— فاعل جو وڌاءُ ڪهڙا لفظ ٿا ڪن ؟

٢— مفعول جو وڌاءُ ڪهڙا لفظ ٿا ڪن ؟

٣— فعل جو وڌاءُ ڪهڙا لفظ ٿا ڪن ؟

٤— هيٺ ڏنل جملن ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل جو مناسب وڌاءُ ڪري انهن کي ٻيهر لکو :-

(١) انور ڪتاب پڙهندو .   (٢) ماستر خط لکندو .

# باب ٽيون

# مفرد جملو

اهڙا جملا جن ۾ فقط هڪ فعل هجي تن کي مفرد جملا چوندا آهن. جيئن ته

(١) لک (تون لک).

(٢) خالد لکي ٿو.

(٣) خالد خط لکي ٿو.

(٤) خالد پنهنجي ڀاءُ منور کي خط لکي ٿو.

(٥) صبح جو سوير اسانجو دوست خالد پنهنجي ننڍي ڀاءُ منور کي تمام ڊگهو خط لکي ٿو.

مٿين مفرد جملن جا ڀاڱا هن ريت ڪجن ٿا :-

| جملو | فاعل | مفعول | فعل |
|---|---|---|---|
| ١ | (تون) | - | لک |
| ٢ | خالد | - | لکي ٿو |
| ٣ | خالد | خط | لکي ٿو |
| ٤ | خالد | پنهنجي ڀاءُ منور کي خط | لکي ٿو |
| ٥ | اسانجو دوست خالد | پنهنجي ننڍي ڀاءُ منور کي تمام ڊگهو خط | صبح جو سوير لکي ٿو |

# مفرد جملن جو ڇيد ڪرڻ

سيکنهن جملن کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ٿو سگهجي ۔ جنهنجو پهريون ڀاڱو "فاعل" ۽ ٻيو "فعل" هوندو. فعل اهو آهي جو فاعل بابت اسان کي ڪا خبر ڏئي ، يا ڪجهه ٻڌائي ۔ فاعل ڪم جي ڪندڙ کي چئبو آهي ۔ ڇيد ڪرڻ وقت فاعل کي مبتدا سڏيندا آهن ۔جنهن جي معنيٰ آهي منڍ يا شروعات ۔ فعل کي خبر ڪوٺيندا آهن ۔ يعني فاعل بابت جيڪي معلوم ٿئي ۔ ڇيد يا تفريق ۾ جملي کي مبتدا ۽ خبر ۾ ورهائبو آهي ۔ مثال :-

جملو (١) اسلم لکي ٿو ۔

جملو (٢) حامد امتحان ۾ پاس ٿيو ۔

| جملو | مُبتدا (فاعل) | خبر ( فعل ) |
|---|---|---|
| (١) اسلم لکي ٿو ۔ | اسلم | لکي ٿو ۔ |
| (٢) حامد امتحان ۾ پاس ٿيو ۔ | حامد | امتحان ۾ پاس ٿيو ۔ |

اوهان اڳ ۾ سکيا آهيو ته فاعل ، مفعول ۽ فعل سان واسطيدار لفظ انهن جا وڌاءُ آهن ۔ مفرد جملن ۾ پڻ اُهي استعمال ٿين ٿا ۔

مثال :- ويچارو اسلم پنهنجي ڀاءُ حامد کي هميشه خط لکندو آهي ۔

(ڇيد ڪريو :-)

| جملو | مبتدا | | | خبر | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | فاعل | فاعل جو لڳ | مفعول | مفعول جو لڳ | فعل | فعل جو لڳ |
| ويچارو اسلم پنهنجي ڀاءُ حامد کي هميشه خط لکندو آهي | اسلم | ويچارو | خط | - | لکندو آهي | پنهنجي ڀاءُ حامد کي هميشه |

# امتحاني سوال

١ــــ مفرد جملو ڇا کي چئجي ؟

٢ــــ هيٺ ڏنل جملن جو ڇيد ڪريو ؟

(١) رات چور پڪڙيو ويو.

(٢) وڻ جا انب سنا ۽ مٺا ٿين ٿا.

(٣) سليم جو ڀاءُ نئون ڪتاب وٺي آيو آهي.

# باب چوٿون

# مرتب جملو

هن ۾ ٻه يا ٻه کان وڌيڪ ننڍا جملا هوندا آهن، جن مان هڪ مکيه هوندو آهي، ۽ ٻيا ان تي مدار رکندڙ هوندا آهن، جيئن ته:-

اڄ جڏهين مان ڪلفٽن وڃي پهتس، جتي روز شام جو مان ويندو هوس، تڏهين مون هڪ ماڻهو ويٺل ڏٺو جو ناول پڙهي رهيو هو.

مٿين جملي ۾ چار ننڍا جملا آهن، جن کي گڏي "مرتب جملو" ڪوٺبو آهي.

(١) مون هڪ ماڻهو ويٺل ڏٺو---------- مکيه فقرو

(٢) جو ناول پڙهي رهيو هو ----- مدار رکندڙ فقرو

(ماڻهو سان لاڳاپو رکندڙ)

(٣) اڄ جڏهين مان ڪلفٽن وڃي پهتس - - مدار رکندڙ فقرو ظرفي

(وقت جو لاڳاپو ڏيکاريندڙ)

(٤) جتي روز شام جو مان ويندو هوس - - - مدار رکندڙ فقرو ظرفي

(جاءِ جو لاڳاپو ڏيکاريندڙ)

اهڙا جملا، جن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل هجن مگر جملي ۾ مکيه فعل هڪ هجي باقي ٻيا جملا مداري (فاعل، مفعول يا فعل تي مدار رکندڙ) هجن تن کي "مرتب جملو" چوندا آهن.

# مداري جملن جا قسم

مداري جملا ٽن قسم جا آهن :- (١) مداري صفاتي جملا (٢) مداري اسمي جملا (٣) مداري ظرفي جملا .

# مداري صفاتي جملا

اهي جملا ، جي مکيہ جملي جي فاعل توڙي مفعول جو بيان ڪن تن کي مداري صفاتي جملا چوندا آهن . جئن تہ :-

يوسف ، منهنجو نئون ڪتاب مون کان وٺي ، ڦاڙي ڇڏيو .

(١) يوسف ڦاڙي ڇڏيو - - - - - - - - - - - - - مکيہ فقرو

(٢) منهنجو نئون ڪتاب مون کان وٺي - - - مداري صفاتي جملو

(فاعل سان لاڳاپو رکندڙ )

جملي ۾ "يوسف" فاعل "ڪتاب" مفعول ، "ڦاڙي ڇڏيو" فعل آهي ، هي مکيہ جملو آهي . ٻئي جملي ۾ "منهنجو نئون ڪتاب" مفعول "ڪتاب" جو لڳہ ۽ صفاتي اصطلاح آهي انهي ڪري اهو جملو صفاتي مدار رکندڙ جملو ٿيو .

# مداري اسمي جملا

اهڙا جملا جي مرتب جملن ۾ مکيہ فعل جا فاعل يا مفعول ٿي ڪم اچن تن کي مداري اسمي جملا چوندا آهن ، مثال :-

"هن اسان کي چيو هو تہ ڪرسيءَ تي ويهو ."

مٿين جملي ۾ :-

(١) هن اسان کي چيو هو - - - - - - - - - - - مکيہ فقرو

(۲) ڪرسي تي ويھو - - - - - - - - - - مداري اسمي جملو
(مفعول ڏيڪاريندڙ)

”ڇيوهو“ مکيہ فعل آهي ۽ ”ڪرسي تي ويھو“ مکيہ فعل جو مفعول آهي . تنهن ڪري اهو بہ اسم جي بجاءِ اچي مفعول ٿيو آهي . انهي ڪري اهو جملو ”مداري اسمي جملو“ ٿيو .

# مداري ظرفي جملا

اهڙا جملا جي مرتب جملن ۾ مکيہ فعل جو بيان هن ريت ڪن ، جن مان ريت ، قدر ، جاءِ ، وقت ۽ سبب جي معنيٰ ڏيکارين تن کي **مداري ظرفي جملا** چوندا آهن . مثال :-

”ڪالهہ صُبح جو سوير هن مون کي ڇيو اڪبر ايندو“

مٿين جملي ۾ :-

(۱) هن مون کي ڇيو - - - - - - - - - - - - - مکيہ فقرو
(۲) ڪالهہ صبح جو سوير اڪبر ايندو - - مداري ظرفي جملو
(وقت جو لاڳاپو رکندڙ)

”هن مون کي ڇيو“ مکيہ فعل آهي . ”ڪالهہ صبح سوير“ مان وقت جي خبر پوي ٿي . تنهن ڪري اهو ظرفي اصطلاح آهي ۽ اهو مداري جملو ظرفي ٿيو .

# امتحاني سوال

۱ــــ مرتب جملو ڇا کي چئجي ؟
۲ــــ مداري جملا ڪهڙن قسمن جا آهن ؟
۳ــــ اسمي جملو ڇا کي چئجي ؟

٤— صفاتي جملا ڇا کي چوندا آهن ؟
٥— ظرفي جملا ڇا آهن ؟
٦— هيٺين جملن مان مداري جملا چونڊيو ۽ ٻڌايو ته اهي ڪهڙي قسم جا آهن ؟

(١) انور ماني کائي ، اسڪول ويو .
(٢) اسان پڙهيو آهي ته بابر هڪ بهادر بادشاهه هو.
(٣) هو پاس ٿئي ها پر هن پنهنجا ڪتاب اڳ ۾ ئي وڃايا.
(٤) تون پنهنجا پئسا ڏس ته تو کي خبر پوي ڪيترا پيا گهٽ آهن .
(٥) مان توسان گڏجي هلان ها پر اڄ مون کي ضروري ڪم آهي .
(٦) قائداعظم پاڪستان جو باني آهي . هن جي همت ۽ استقلال ڪري اسان آزاد ٿيا آهيون .
(٧) اقبال هڪ مشهور قومي شاعر آهي . هو سيالڪوٽ ۾ ڄائو آهي.
(٨) هن خط لکيو پر اهو وڃي ڪتاب ۾ رکيائين .

# مرتب جملن جو ڇيد ڪرڻ

مداري جملا ۽ مکيہ جملو هن کان اڳ سمجهايو ويو آهي تنهن ڪري مرتب جملن جو ڇيد ڪرڻ هن باب ۾ سيکارجي ٿو ؛
مثال :- "هن بهادر ماڻهو ، اهو چور جنهن اڳ اڪبر جي دڪان کي کاٽ هنيو هو ، رات چوري ڪندي پڪڙيو "

| خبر | مبتدا (فاعل) |
|---|---|
| اهو چور جنهن اڳ اڪبر جي دڪان کي کاٽ هنيو هو، رات چوري ڪندي پڪڙيو . | هن بهادر ماڻهو |

ڇيد ڪرڻ مهل پهريائين مبتدا (فاعل ) ۽ پوءِ خبر (مفعول ۽ فعل ) لکجي . هاڻي مٿين جملي کي فاعل ، مفعول ۽ فعل ۾ هن ريت ورهائجي .

| فعل | خبر<br>مفعول | مُبتدا (فاعل ) |
|---|---|---|
| رات چوري ڪندي پڪڙيو . | اهو چور، جنهن اڳ اڪبر جي دڪان کي کاٽ هنيو هو ، | هن بهادر ماڻهو |

ايتري ورهاست ڪرڻ کان پوءِ اوهان جو ڌيان مفرد جملي جي ڇيد ڏانهن ڇڪائجي ٿو - هاڻي فاعل جو وڌاءُ ،

فعل ۾ مفعول جا پڻ وڌاءُ لکجن ٿا .

| مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | مفعول | | فعل | |
| فاعل | فاعل جو لڳ | مفعول | مفعول جو لڳ | فعل | فعل جو وڌاءُ |
| ماڻهو | هن بهادر | چور | اهو ، جنهن اڳ اڪبر جي دڪان کي ڪاٽ هنيو هو . | پڪڙيو | رات ، چوري ڪندي . |

مٿين ڪيل ڇيد ۾ ڏسندؤ ته مفعول جو لڳ مداري جملو پڻ آهي ، جنهن کي پڻ ڇيد ڪرڻو پوندو .

| مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | مفعول | | فعل | |
| فاعل | فاعل جو لڳ | مفعول | مفعول جو لڳ | فعل | فعل جو لڳ |
| ماڻهو | هن بهادر | چور | اهو ، جنهن اڳ اڪبر جي دڪان کي | پڪڙيو | رات ، چوري |
| | | ڪاٽ | ڪاٽ هنيو هو | هنيو هو | ڪندي |
| جنهن | | | | | |
| | | دڪان ان سڌو | اڪبر جي کي | | اڳ |

جھڙي ريت مفعول جي مداري صفاتي جملي جو هيٺان

ڏار ڇيد ڪيو ويو آهي ، تهڙي ريت جيڪڏهن فاعل ۽ فعل جا مداري جملا هجن ته اهي به ڇيديا ويندا آهن . جيڪڏهن مرتب جملي ۾ هڪ مداري جملو هجي ته ان تي نمبر (الف) ۽ ٻئي تي (ب) ۽ جي ٽي هجن ته ٽئين تي (ٽ) لڳائجي . پوءِ انهن کي ڏار ڏار ڇيد ڪجي .

# باب پنجون

# مُرڪب جملا

مفرد جملي ۾ هڪ فعل ۽ هڪ خيال آهي ۽ مرتب جملي ۾ هڪ مکيه فعل ۽ باقي ٻيا مداري صفاتي ، اسمي ۽ ظرفي جملا آهن . يعني جملي ۾ هڪ مکيه خيال آهي . پر ڪي جملا اهڙا ٿيندا آهن جن ۾ هڪ کان وڌيڪ خيال ٿيندا آهن ۽ اهي جملا ڪنهن حرف جملي سان پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا آهن . پر جيڪڏهن انهن کي ملائيندڙ حرف جملو ڪڍي ڇڏجي ته جيڪرهن هڪ جملي مان ٻه مفرد جملا ٺهي پون .

جهڙوڪ :-

"سپاٽي راشد ايندو ۽ مان ويندس ."

هن جملي ۾ ۽ ملائيندڙ حرف آهي . جيڪڏهين "۽" ملائيندڙ حرف جملي مان ڪڍي ڇڏجي ته انهن جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڪو به واسطو نه رهي . هن ريت جيڪر ٻه مفرد جملا ٺهي پون .

(١) سپاٽي راشد ايندو (٢) مان ويندس

اهڙن جملن کي **مرڪب جملا** چوندا آهن . جئن ته :-

(١) ڪتاب پڙهه يا سبق ويهي لک .

(٢) انور اچي ته مان وڃان .

(٣) هن خط لکيو پر مون ڏي ڪاڏو .

# مرڪب جملي جا قسم

مرڪب جملا چئن قسمن جا آهن :- (١) عطفي جملا (٢) ضديہ جملا (٣) سببي جملا ۽ سببي شرطيہ (٤) اختياريہ جملا

(١) مون گوشت ورتو ۽ خالد ميوو ورتو

(٢) انور اچي تہ تون ھلي وڃ .

مٿين جملن ۾ هرهڪ جملي ۾ بہ ڌار ڌار خيالن وارا جملا آهن پر ٻنهي جي وچ ۾ حرف جملي جي لفظن مان هڪ آهي ، جو ڪين ملائي ٿو . يعني ٻنهي غير واسطيدار جملن جو عطف (ڳانڍاپو) ڪري ٿو . اهڙن جملن کي "معطوفي يا عطفي جملا" چوندا آهن .

## عطفي جملا

اُهي جملا جن ۾ ڌار ڌار خيالن وارا جملا ڪن حرف جملي جي لفظن سان پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن تن کي عطفي جملا چوندا آهن . جيئن تہ :-

(١) مان پاهر ويس ۽ هو اندر آيو .

(٢) جاويد جيتوڻيڪ ننڍو آهي تہ بہ لکڻ ۾ ڏاڍو هوشيار آهي .

## ضديہ جملا

هرهڪ جملي ۾ بہ ڌار ڌار خيالن وارا جملا هجن يا هڪ ٻئي جي برخلاف هجن يا جملي ۾ ڄاڻايل حقيقت ٻئي

حقيقت جي برخلاف هجي . اهڙن جملن کي "ضديه جملا" چوندا آهن . جيئن ته

(١) ماني نه کاءُ پر ميوو کاءُ

(٢) ناصر آيو، وينو يا اٿين هليو ويو .

"پر" ۽ "يا" حرف جملا آهن . جي مٿين ٻن جملن ۾ ٻن ٻن خيالن کي ڌار ڌار پيش کن ٿا . هر هڪ جملي ۾ ٻه ڌار خيال هڪ ٻئي جي برخلاف آهن . اهي جملا جن جو هڪ ڀاڱو ٻئي جو ضد آهي ، ۽ ٻئي کنهن حرف جملي جي لفظن سان پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، تن کي ضديه جملا چوندا آهن.

# سببي جملا

اهڙا جملا جي پنهنجي لاڳيتي جملي جو سبب هڻن سبب پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن تن کي سببي جملا چوندا آهن . پر سبب ۾ کو شرط بيان کيل هجي ته سببي شرطيه جملو چوندا آهن . جيئن ته :-

(١) مان حيدرآباد مان اڄ آيو آهيان تنهن کري اوهان وٽ اچي نه سگهيس .

(٢) مان پهريون نمبر اچان ها جيکڏهن تون مون کي پنهنجا سمورا کتاب ڏئين ها .

"اوهان وٽ نه اچڻ جو سبب هي آهي جو مان حيدرآباد مان اڄ آيو آهيان" تنهن کري هن جملي کي "سببي جملو" چئبو آهي .

ٻئي جملي ۾ "مان پهريون نمبر تڏهن اچان ها جڏهن

هومون کي سمورا ڪتاب ڏنئي ها." يعني جڏهين ڏيڻ جو سبب (شرط) بجا آندو وڃي ها .

اهڙا جملا جي پنهنجي لاڳيتي جملي جو سبب هئڻ سبب پاڻ ۾ ڳنڍيل هجن ، تن کي سببي جملا چوندا آهن . پر اهڙا جملا ڏيکارين تہ ڪو سبب (شرط) پورو ٿئي ها تہ جيڪر لاڳو جملي ۾ آيل فعل وارو ڪم پورو ٿئي ها ، اهڙي جملي کي سببي شرطيہ جملو چوندا آهن .

# اختياريہ جملا

اهي جملا آهن جي ڏيکارين تہ انهن ۾ پنهنجي اختياري هلايل آهي يا اختياري هلائڻ لاءِ ڇڏيو ويو آهي . تن کي **اختياريہ جملا** چوندا آهن . جئن تہ :-

(١) سبق لک يا تون ڪتاب پڙهہ

(٢) نڪي تون پڙهندين ۽ نڪي تون هن سگهندين .

پهرين جملي ۾ اختياري ڏنل آهي "سبق لک يا ڪتاب پڙهہ" هن جي مرضي (اختياري) جاٽايل آهي . ۽ ٻئي جملي ۾ پڻ پڙهڻ ۽ هن سگهڻ ٻئي ڪم هن جي اختيار ۾ آهن . تنهن ڪري اهڙا جملا جي ڏيکارين تہ انهن ۾ پنهنجي اختياري هلايل آهي يا پنهنجي اختياري هلائڻ لاءِ ڇڏيل آهي ، تن کي اختياريہ جملا چوندا آهن .

# امتحاني سوال

هيٺ ڏنل جملن جا قسم ٻڌايو :-

(١) حامد يا اڪبر گلاس ڪيرايو .
(٢) ڪتو نڪي پاڻ گاهه کائي ٿو ۽ نڪي ٻين کي کائڻ ٿو ڏئي.
(٣) هو ٻڌي ٿو يا ٻوڙو آهي .
(٤) جيڪڏهين تون محنت نٿو ڪرين ته توت امتحان ۾ ناپاس ٿيندين .

# مرڪب جملن جو ڇيد ڪرڻ

مرڪب جملي جي ڇيد ڪرڻ کان اڳ ان مان حرف جملو (ملائيندڙ لفظ) ڪڍي ڇڏڻ بعد جيڪي ٻه مفرد جملا بچن، تن مان هرهڪ کي ڌار جملو سمجهي ڇيد ڪرڻ گهرجي .
**مثال** :- منهنجو پيءُ اڄ ٻاهران آيو آهي تنهن ڪري موڪل تي رهيو آهيان .

| جملو | قسم | ملائيندڙ لفظ | مبتدا: فاعل | مبتدا: فاعل جو لڳ | خبر: مفعول | خبر: مفعول جو لڳ | خبر: فعل | خبر: فعل جو لڳ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| منهنجو پيءُ اڄ ٻاهران آيو آهي تنهن ڪري موڪل تي رهيو آهيان | سببي | تنهن ڪري | پيءُ<br>آءُ (ڳجهو) | منهنجو | - | - | آيو آهي ،<br>رهيو آهيان | اَڄ ٻاهران<br>موڪل تي |

**نوٽ ١** :- ڇيد ڪرڻ وقت جيڪي لفظ فاعل ۽ مفعول جي لڳن کان وڌيڪ بچن سي فعل جي لڳ ۾ آڻڻ گهرجن .

نوٽ ۲ :- مرڪب جملي جو هرهڪ ڀاڱو جيڪڏهن مرتب هجي ته هرهڪ ڀاڱي کي ڌار ڌار مرتب جملو سمجهي، ڌار ڌار ڇيد ڪرڻ گهرجي.

# امتحاني سوال

۱— مفرد ۽ مرڪب جملن ۾ ڪهڙو فرق آهي ؟

۲— مرتب ۽ مرڪب جملن ۾ ڪهڙو فرق آهي ؟

۳— مداري جملو ڇا کي چئجي ؟

۴— مداري جملا گهڻن قسمن جا آهن ؟

۵— هيٺين جملن جا فاعل، مفعول ۽ فعل ڳوليو :-

(الف) احمد سبق پڙهي ٿو .

(ب) انور جو ڪتاب ميز تي رکيل آهي .

(ج) نسيم اڄ صبح سوير حيدرآباد ويو .

۶— ڇيد ڪريو :-

(۱) تو کي ڏند پرڻو آهي .

(۲) هن مون کان پڇيو ته اندر ڪير آهي ؟

(۳) حامد ڏاڍو سياڻو ڇوڪر آهي تنهن ڪري سڀڪو هن کي پسند ڪري ٿو.

(۴) تون اچين ها ته مان وڃان ها .

(۵) هن چيو ته مون اکين سان جاويد کي ويندي ڏٺو، هو سائيڪل تي چڙهيل هو ۽ سندس هٿ ۾ ڪتاب هئا.

# باب ڇهون

# بيهڪ جون نشانيون

لکيل جملي جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ بيهڪ جي نشانين جي صحيح استعمال ضروري آهي. جي بيهڪ جون نشانيون پوري هنڌتي نه هونديون ته جملو بي معنيٰ ۽ اڻ نگو پيو لڳندو ۽ سندس معنيٰ ۾ به فرق ايندو. مثلاً

| بنا نشانين وارا جملا | غلط نشانيون لڳل | صحيح نشانيون لڳل |
|---|---|---|
| (١) نصير چيو منير<br>تون بي وقوف آهين. | نصير چيو منير ،<br>"تون بي وقوف آهين." | (١) نصير چيو ، "منير!<br>تون بي وقوف آهين ؛"<br>(٢) "نصير" ، چيو منير<br>"تون بي وقوف آهين ؛" |
| (٢) ٻڍُ چيو پٽ نوٽ<br>مٽائي اَچ . | "ٻڍُ" ، چيو پٽ ، "نوٽ<br>مٽائي اچ ؛" | ٻيُ چيو ، "پٽ ، نوٽ<br>مٽائي اچ ؛" |
| (٣) چوڪر هٽ ۾ ماني<br>وات ۾ گرهه ڪڇ ۾<br>ڪتاب ڪٽي سڪول<br>ڏانهن ويو . | چوڪر هٽ ۾ ، ماني<br>وات ۾ ، گرهه ڪڇ ۾<br>ڪتاب ڪٽي سڪول<br>ڏانهن ويو. | چوڪر ، هٽ ۾ ماني ،<br>وات ۾ گرهه ، ڪڇ ۾<br>ڪتاب ڪٽي ، سڪول<br>ڏانهن ويو . |
| (٤) ظفر وڃ نه ويهه. | ظفر ، وڃ نه ويهه. | (١) ظفر وڃ ، نه ويهه.<br>(٢) ظفر وڃ نه ، ويهه. |

مٿين مثالن مان ظاهر آهي ته غلط نشانين لڳائڻ ڪري معنيٰ ۽ مطلب ۾ گهڻو فرق ٿئي ٿو.

# مکيه بيهڪ جون نشانيون

| | | |
|---|---|---|
| پورو دم ( . ) | دم ( : ) | |
| اڌ دم ( ، ) | ٿورو دم ( ؛ ) | |
| سوال جي نشاني ( ؟ ) | عجب جي نشاني ( ! ) | |
| واڪ جون نشانيون ( " " ) | | |

## پورو دم ( . )

جڏهن هڪ خيال وارو جملو پورو ٿئي، تڏهن سندس پڇاڙي ۾ پورو دم ( . ) ڏجي. پڙهڻ مهل جنهن هنڌ هي نشان ڏنل هجي اتي چڱو وقت ساهه کڻجي. جيئن ته :-

(١) سپاٽي موڪل آهي. (٢) ظفر انب کائي پيو.

## دم ( : )

جنهن هنڌ ڪنهن ماڻهوءَ جا چيل لفظ هو بهو لکڻا هجن ته انهن جي اڳيان. يا ڪن شين جي ياد داشت لکجي ته انهن شين جي اڳيان هي نشاني ڏبي آهي :-

(١) چوٽي آهي ته : اڄ جو ڪم سڀان تي نه رک.

(٢) رستم :- جي تون سهراب آهين ته چوءِ ؟

(٣) شاهه صاحب جن فرمايو آهي ته :

"ڏاڍيا، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک

سي سڀ پانيو سک ، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.“

## ٽورو دم (ٛ)

ڪنهن به جملي ۾ به يا ٻن کا وڌيڪ ڳالهائڻ جا لفظ، شين يا ماڻهن جا نالا يا اصطلاحون ڪم آيل هجن ته هر هڪ جي پٺيان ٽورو دم ڏيڻ گهرجي . جئن ته :-

(١) اقبال ، نثار ، انور ، ظفر ۽ آفتاب حيدرآباد ويا آهن .

(٢) توکي ، مون کي ، هن کي ۽ ساري جهان کي ڏڻي تعالىٰ خلقيو آهي .

(٣) بازار مان مون لاءِ مس ، قلم ، پينسل ، پنو ، ربڙ ۽ ڪاپي وٺي اچج .

## اڌ دم (؛)

جنهن جملي جا به يا ٻن کان وڌيڪ ڀاڱا هجن ۽ انهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو هجي ، يا به ڌار ڌار خيالن وارا اصطلاح گڏ اچن يا اُهي پاڻ ۾ کو لاڳاپو ڏيکارين ته انهن ۾ اڌ دم ڏيڻ گهرجي جئن ته :-

(١) اسان کي گهرجي ته پهرياڻين پنهنجي گهر جي صفائي ڪريون؛ پوءِ محلي جي صفائي لاءِ ٻين کي چئون .

(٢) بادشاهه پنهنجي عقل سان ملڪ سنڀالي ٿو ؛ سپاهي اسان لاءِ وڙهي ٿو ؛ جج انصاف ٿو ڪري ؛ استاد علم ٿو سيکاري ؛ نوڪر خدمت ٿو ڪري ؛ ائين آهي ، تڏهين ماڻهو دنيا ۾ ٽڪي ٿو .

# سوال جي نشاني (؟)

جيڪڏهين جملي ۾ سوال پڇڻ جو مطلب رکيل هجي ته جملي جي پويان سوال جي نشاني ڏيڻ گهرجي . جيئن ته :-

(١) ظفر ڪڏهين لاهور مان ايندو ؟

(٢) تنهنجو پاءُ ڪاڏي ويو ؟

(٣) توکي ڇا گهرجي ؟

# عجب جي نشاني(!)

جنهن جملي مان دل جي حالت ( اچرج ، عجب ، افسوس، ڏک، ارمان ، سڌ ، جوش، خوشي ) ڏيکارجي تنهن جي پڇاڙيءَ ۾ (!) ندا جي نشاني ڏيڻ گهرجي .

(١) مار ! اڪبر پهريون نمبر آيو.

(٢) شل ! مان امتحان ۾ پاس ٿيان.

(٣) اڙي گلڻ ! هي ته ڏس.

(۴) واهه ! واهه !! هاڻي ته مان تڪڙو پڙهي سگهان ٿو!!

# واڪ جون نشانيون(" ")

هي نشانيون تڏهين ڪم آڻبيون آهن ، جڏهين ڪنهن ٻئي جا چيل يا لکيل لفظ ڪتب آڻجن ٿا . جيئن ته :-

(١) استاد ٻارن کي چيو ته "هي ڪلفٽن وڃڻ جو رستو آهي ." هڪ ڇوڪر پڇيو: "سائين هتان ڪياماڙي به وڃي سگهجي ٿو ڇا ؟"

استاد : "نه بابا نه ، هي فقط ڪلفٽن وڃڻ جو رستو آهي ."

(٢) چوٿي آهي ته : "اهڙي ڪجي جو اوڪي مهل ڪم اچي "
(٣) شاهه جهان :- "ڏس ، ڪير اندر آيو آهي ؟"
نوڪر :- "جيئندا قبلا ، پاڇو پيو لڏي "

# امتحاني سوال

١__ ٺورو دم ڪٿي ڪم اچي ؟
٢__ واڪ جون نشانيون ڪٿي ڪم اچيون آهن ؟
٣__ هيٺ ڏنل جملن ۾ مناسب جاين تي بيهڪ جون نشانيون وجهو :-

(١) خالد يوسف جاويد ابوبڪر ۽ سعيد گڏجي گهمڻ ويا
(٢) توکي ڇا گهرجي ڪجهه به نه مان فقط اوهان کي ڏسڻ لاءِ آيو آهيان منور چيو .
(٣) قائد اعظم محمد علي جناح رحمة الله عليه فرمايو ڏٺي جا لک شڪرانه جو مان پنهنجي فرض ادائي ۾ ڪامياب ٿيس .
(٤) جڏهين گدڙ ٿيا ڏيئي ٿڪو تڏهين چوڻ لڳو جنهن کي وٺي سو وڃي جني ڪائي مون کي ڪونه گهرجن . اهي ڪچا ۽ کٽا آهن .
(٥) صوف انب توت زيتون ۽ ڪيترا ئي ٻيا ميوا باغائي آڏي مسافر اڳيان رکيا ڪاڻ سائين باغائي چيو بابا وڏيڪ تڪليف نه ڪر مسافر چيو مون کي فقط پاڻي گهرجي .

# باب ستون

# اِشتِقاق

دنهن به لفظ جي بنياد ظاهر ڪرڻ کي "اشتقاق" چئبو آهي. اشتقاق لفظ **شق** مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي چيرڻ. سنڌي ٻولي ۾ انيڪ ٻولين جا لفظ سمايل آهن. انهن ۾ اڪثريت سنسڪرت، عربي ۽ پارسي جي آهي. انگريزي، سرائيڪي، بلوچي ۽ ٻين ٻولين جا پڻ ڪيترائي لفظ اصلي خواهه بگڙيل صورت ۾ سنڌيءَ ۾ موجود آهن. مثلاً گلاس، ڪوٽ، اسٽيشن، ريڊيو، وغيره وغيره. اِهي نج انگريزي لفظ آهن، جي عمومًا سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ به ماڻهو ڳالهائڻ وقت ڪم آڻيندا آهن.

اشتقاق ڪرڻ وقت ظاهر ڪرڻ گهرجي ته لفظ ڪهڙي ٻولي جو آهي ۽ سندس بنياد ڇا آهي. هي پڻ ڏيکارڻ گهرجي ته رواجي طرح هن جي معنيٰ ڇا آهي.

اشتقاق جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:-

| لفظ | ٻولي | بنياد | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چپراسي | فارسي | چپ + راست (کاٻو.... ساڄو) | پٽيوالو |
| درسگاهه | فارسي | درس + گاهه (سبق .... جاءِ) | مڪتب |

| لفظ | ٻولي | بنياد | معنىٰ |
|---|---|---|---|
| اَٻوجهه | سنڌي | اَ + ٻوجهه (نہ ... سمجهه) | نادان |
| انصاف | عربي | نصف (اڌوَاڌ ڪرڻ) | پوروفيصلو |
| ڇاپ | انگريزي | شاپ (دڪان) | دڪان |
| پرديسي | سنسڪرت | پرايہ + ديش (ڌاريو... ملڪ) | مسافر |
| ڪارساز | فارسي | ڪار + سازدهہ (ڪم ... ناهيندڙ) | ڏڻي تعاليٰ |
| اپائڻهار | سنڌي | اپائڻ + هار (پيداڪندڙ... وارو) | خلقيندڙ |
| انحرافي | عربي | حرف (پاسو ڪرڻ) | ڪنهن قانون جي ابتڙ هلڻ |
| خاڪنشين | فارسي | خاڪ + نشين (مٽي .... ويهڻ) | تمام غريب |
| شاباش | فارسي | شاد + باش (خوش .... رهہ) | آفرين |
| امتحان | عربي | محن (پورهيو ڪرڻ) | آزمائش |
| ٽيشن | انگريزي | اسٽيشن (ريل گاڏي جي بيهڻ جي جاءِ) | سٽيشن |

| لفظ | بولي | بنياد | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رومال | فارسي | رو+ماليدن (منهن...مهڻ) | رومال |
| انيڪ | هندي | اَن + ايڪ (نہ ... هڪ) | بيشمار |
| سڦلو | سنڌي | س + ڦل (چڱو... نتيجو) | چڱونتيجو |
| تڪليف | عربي | ڪلف (سختي ڀاچڻ) | ڏکيائي |
| اميرالمومنين | عربي | امير+ال+مومنين (حاڪم .... مومن) | مومن جو سردار |
| امير | عربي | امر (حڪم) | شاهوڪار حڪم ڏيندڙ |
| نرمل | سنسڪرت | نر + مل (سواءِ... ميل) | پاڪ صاف |
| تقرير | عربي | قراء (پڙهڻ) | بيان ڪرڻ |
| گلاب | فارسي | گل + آب (گل .... پاڻي) | گل جو قسم |
| مذهب | عربي | ذهب (وات وٺڻ) | دين ديني رستو |
| پيرسن | فارسي | پير + سن (وڏي ...ڄمار) | ٻڍو ماڻهو |

| لفظ | ٻولي | بنياد | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بيوقوف | فارسي | بي + وقوف (سواءِ ... سمجھ) | نادان |
| مهراج | سنسڪرت | مها + راجن (وڏو ... راجا) | ڏٽي تعاليٰ ڏي اشارو |
| مهمان | سنسڪرت | مها + مان (وڏي ...عزت) | مزمان |
| ڀڳوان | سنڌي | ڀاڳ + وان (نصيب ...وارو) | ڏٽي تعاليٰ ڏي اشارو |
| ايمان دار | فارسي | ايمان + داشتن (اعتقاد ... رکڻ) | سچو |
| پروردگار | فارسي | پروردن + گار (سنڀال لهڻ ...وارو) | ڏٽي تعاليٰ |
| عبادت | عربي | عبد (ٻانهو) | بندگي |
| عالم آشڪار | فارسي | عالم + آشڪار (دنيا ... پڌرو) | دنيا ۾ مشهور |
| مصنف | عربي | صنف (ڪتاب ناهڻ) | ڪتاب لکندڙ |
| شاگرد | فارسي | شاھ + گرد (شاھ... چوطرف) | طالب علم چيلو |
| هوشيار | فارسي | هوش + يار (عقل ... همراھ) | دانا، عقل وارو |

| لفظ | بولي | بنياد | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بالادست | فارسي | بالا + دست (مٿي ... هٿ) | آفيسر |
| زيردست | فارسي | زير + دست (هيٺ ... هٿ) | هٿ هيٺ ڪمرڪندڙ |
| فرمانبرداري | فارسي | فرمان + برداشتن (حڪم ... مڃڻ) | حڪم مڃڻ |
| اعتقاد | عربي | عقد (ڳنڍ ڏيڻ) | ويساهه |
| راج سڀا | سنسڪرت | راجن + سڀا (راجا... ڪچهري) | دربار |
| اڪثريت | عربي | ڪثر (گهڻا) | گهڻائي |
| اقليت | عربي | قلت (گهٽ) | گهٽتائي |
| بغداد | فارسي | باغ + داد (باغ ... انصاف) | ملڪ جو نالو |
| غيرمسلم | فارسي | غير + مسلم (اڪانسواءِ ـ مسلمان) | مُسلمان ڪان سواءِ ٻيون قومون |
| علمبردار | فارسي | علم + برداشتن (جهنڊو + کڻڻ) | جهنڊو کڻندڙ |
| پاڪستان | فارسي | پاڪ + آستان (پاڪ ... جاءِ) | مُلڪ جو نالو (پاڪ ماڻهن جو ملڪ) |

| لفظ | بولي | بنياد | معنىٰ |
|---|---|---|---|
| سرڪار | - فارسي | - سر+ ڪار (مٿو...ڪم) | - (ڪم جو اڳواڻ) حڪومت |
| سڳند | - سنڌي | - س + ڳند (چڱو ... بوءِ) | - خوشبوءِ |
| سلڇڻو | - سنڌي | - س + لڇڻ (چڱو...اخلاق) | - سٺن اخلاقن وارو |
| بدظن | - فارسي | - بد + ظن (خراب...گمان) | - اجايو شڪ ڪندڙ |
| بيماري | - فارسي | - بيم+آوردن (ڊپ ... آڻڻ) | - مرض |
| خيرخواه | - فارسي | - خير- خواستن (ڀلائي ...گھرڻ) | - ڀلو گھرندڙ |
| پيغامبر | - فارسي | - پيغام+ بردن (نياپو...کڻي وڃڻ) | - قاصد ،نبي |
| ڪارخانا | - فارسي | - ڪار+ خانہ (ڪمڪار...جاءِ) | - ڪم ڪرڻ جي جاءِ (فيڪٽري) |
| رضاڪار | - فارسي | - رضا + ڪار (خوشي...ڪم) | - بنا معاوضہ ڪم ڪرڻ وارو |
| مجاهد | - عربي | - جهد (ڪوشش ڪرڻ) | - جهاد ڪرڻ وارو (غازي) |
| معلومات | - عربي | - علم (ڄاڻڻ) | - واقفيت |

## باب اٺون

# ضد يا ابتڙ لفظ

| | | | |
|---|---|---|---|
| اياڻو | سياڻو | اقليت | اڪثريت |
| اعليٰ | ادنيٰ | اوڪو | سوڪو |
| ارزان | گران | امير | غريب |
| اوڏو | ڏور | آغاز | انجام |
| اڳ | پٺ | آشنا | ناآشنا |
| اول | آخر | اوچو | سادو |
| اتر | ڏکڻ | ترقي | تنزل |
| اُبو | سمهيل | اشراف | ڪميڻو |
| آباد | غيرآباد | تونگر | مفلس |
| اڻ سمجهه | سمجهه | سفيد | سياهه |
| ابتدا | انتها | وحدت | ڪثرت |
| اتفاق | نفاق | عزت | ذلت |
| اُڀرائي | ڏيرج | رنج | راحت |
| اڳهائي | سگهائي | رحمت | زحمت |
| ارهو | سرهو | ديانت | خيانت |
| ملاقات | الوداع | ليل | نهار |
| روحاني | جسماني | رات | ڏينهن |

| | |
|---|---|
| كمال | زوال |
| صغير | كبير |
| شاهه | گدا |
| فقير | بادشاهه |
| دانا | نادان |
| مدح | هجو |
| كمزور | طاقتور |
| نرمي | سختي |
| سهاڳ | ڏهاڳ |
| وصال | فراق |
| ثواب | گناهه |
| ممكن | ناممكن |
| بزدل | بهادر |
| فاعل | مفعول |
| علميت | جاهليت |
| ڏڪار | سڪار |
| تواضع | تكبر |
| مفرد | مركب |
| سارڻ | وسارڻ |
| حق | ناحق |
| بالادست | زيردست |
| دشوار | آسان |

| | |
|---|---|
| عاشق | معشوق |
| عرش | فرش |
| ظالم | مظلوم |
| غم | خوشي |
| هستي | نيستي |
| هار | جيت |
| خادم | مخدوم |
| عالم | جاهل |
| ڊڄڻو | همتوارو |
| لاڀ | ڇيهو |
| كماليت | زواليت |
| بدخواهه | خيرخواهه |
| نرمي | سختي |
| قناعت | طمع |
| تقدير | تدبير |
| بهار | خزان |
| خوشبو | بدبوءِ |
| ڏٺو | اڻ ڏٺو |
| خوبصورت | بدصورت |
| شفاف | غيرشفاف |
| پاڪ | ناپاڪ |

# باب نائون

# مختلف اعرابن وارا ساڳيا لفظ

| | |
|---|---|
| اَن : اناج | حرف : اکر |
| اُن : پشم | حرف : ڏوھ |
| اِن : ھن | پڇرو : پکين جي رکڻ جي جاءِ |
| بابو : پيءُ | پڇرو : ھڏن جو پڃرو |
| بابُو : فقير | بَدَ : بدڻ سوگھو ڪرڻ |
| بابُو : ٽڪيٽ وٺندڙ (ريلوي جو ملازم) | بُدَ : بدڻ - ٻُڌرجو ڏينھن |
| پلٽڻ : ڳالهائڻ ۾ اچي پوڻ | تَڪُ : حصو - حد |
| پلٽڻ : لشڪر جو پاڳو | تُڪ : ست |
| پُسڻ : پاڻي ۾ پچڻ | تڪ : جاچي ڏسڻ |
| پَسڻ : ڏسڻ | ترُ : رڻ پٽ |
| پورو : اندر خالي ھجي | ترِ : رھڻ جي جاءِ |
| پُورو : مڪمل | پار : نديءَ جي ٻئي پر |
| پَتر : خط | پارُ : طرف |
| پُتر : پُٽ | ٿَر : آلو |
| پُڙ : ڍڪ | ٿِر : ڪارو داغ (بدن تي) جنس جو قسم |
| پِڙ : گول چڪر (زمين جو) | پرم : چڱو نالو |
| سَن : سال | پرم : سنسو |
| سُن : بلڪل ماٺ | |

پاٽ : مٽي جو ٿانوَ
پاٽ : لائق - برابر
ٿُلهه : منارو (قلعي جو)
ٿلهه : ڪمزور (زمين)
ڏُڪو : لڏ
ڏڪو : انومان
سِڪَه : هڪ قوم
سک : (ڪم) سکڻ جو امر
هنج : گود
هنج : ڳوڙهو
مُلڪ : ڏيهه
مَلَڪ : فرشتو
مَلِڪ : بادشاهه
مِلڪ : ملڪيت
وير : پهلوان
وير : مهل ، وقت
سُر : راڳ جو آواز
سر : مٿو
سِر : مٽي جو پڪل پٽ
لک : خبر
لک : هڪ سو هزار
لِک : لکڻ جو امر

گُهٽ : هوا جو بند ٿي وڃڻ
گَهٽ : ٿورو
گُهر : خواهش ظاهر ڪرڻ
گَهر : رهڻ جي جاءِ
سار : ياد گيري
سار : ڳَٽِڻ
ڳُڙ : ڪمند مان مٺي شيءِ.
ڳِر : ميوي جو مال
مِنائڻ : نڪ سان ڳالهائڻ
منائڻ : ملهائڻ
هَرڻ : هڪ جانور
هِرڻ : عادت پرائڻ
آمين : شل ائين ٿئي
امين : منصف
آلُو : پٽاٽا
آلو : گهميل
اُلُو : چبرو
اُلو : چڻنگ
اُتارڻ : ڏسي لکڻ
آتارڻ : پرچائڻ
مَلڻ : مهٽڻ
مِلڻ : ملاقات ڪرڻ

كَنپ : پکي جا کنپ
کُنپ : ڏوبي ڌوئڻ لاءِ ڪپڙا
باهرتي چاڙهي .
قُوت : ڪاڏو
قوت : طاقت
مَکہ : هڪ جيت
مُک : وات
مَک : تيل سان مهٽڻ
گجي : صابڻ جي گجي
گجي : پيٽ ۾ گجي
چٽ : صفاويل، ڪمزور
چٽ : برباد
چِٽائي : تڏو
چٽائي : صفائي
سهرو : زال جو پيءُ
سِهرو : هار گهوٽ جي منهن
تي ٻڌجي

سهو : خرگوش
سهو : چوڪ، غلطي
قَسم : سونهن
قِسم : نمونو
چڪ : ويڇهڙائي
چِڪ : ڪشش
چڪ : ٻيڙي ڇڪڻ جو امر
کَن : جسم جو حصو
کِن : ڪچرو ، گندگي
کُن : گرداب
هُل : شوروغل
هَل : هلڻ جو امر
هِلائڻ : چورڻ
هُلائڻ : پڌرو ڪرڻ

# مُرڪّب لفظ

## (اڳيان حرف ڳنڍڻ سان :)

اَ ــــ اَبوجهه - اَجهل - املهه - اَجايو
اڻ ــــ اڻ ڏٺو - اڻ چاتل - اڻ ٻڌل
غير ــــ غيرآباد - غيرحاضر - غيرشفاف
بي ــــ بي چيو - بي دين - بي وفا - بي ڪار
بد ــــ بدبخت - بد نصيب - بد صورت - بدبوءِ
لا ــــ لاوارث - لاغرض - لاپرواهه
نہ ــــ نڌڻڪو - نراس
نا ــــ ناپاڪ - ناپاس - ناڪامياب - نااهل
نر ــــ نرلڄو - نرديا - نرمل
مَ ــــ مڇڏو - مرنج
ري ــــ ري گناهه - ري چيو
س ــــ سڄايو - سپتيو
او ــــ اوگڻ - اوجاڳو - اوپري
ڪ ــــ ڪپتيو - ڪروپ
و ــــ ودليش - وڳيان
پر ــــ پرمتريو - پروس
من ــــ منتار - من متيو
يڪ ــــ يڪسالو - يڪ تارو

# ( پُٺيان حرف گڏڻ سان : )

دار — ديندار - خبردار - داغ دار

وار — اميدوار - پيداوار

گار — گنهگار - مددگار - سازگار - آزمودگار

تار — ڪرتار - ڏاتار - گفتار - گرفتار

ڪاري — بدڪاري - سياهه ڪاري

يو — ڀاڳيو - اجايو - سجايو

ڪ — ليڪ - لوڪ

ي — نياڳي - عادتي - بدي - نيڪي

تو — ٻولائتو - خوفائتو - ڪارائتو

لو — شرميلو - ڇيڙهالو

ڪو — ٺاهوڪو - واڻڪو

پال — رکپال - گوپال

ٽو — راڄوٽو - پٽاٽو

ساز — ڪارساز - ناساز

رو — ڇاپرو - ساڪرو

ڪار — تجربيڪار - سياهه ڪار - ڇٽڪار - ٽڏڪار

يل — ڪاوڙيل - ستايل - ماريل

ڙو — ننڍڙو - گڏهڙو - پنڙو

# پاڱو ٽيون

## باب پهريون

# علم عروض

عروض انهي علم کي چيو وڃي ٿو جنهن جي وسيلي شعر جي جوڙ جڪ بابت ڪيترين ڳالهين سڃاڻ ۾ اچن جنهن جي وسيلي شعر جي بحرن، ارڪان ۽ وزن جي خبر پئجي سگهي جنهن جي ڄاڻ سان موزون ۽ غير موزون شعر جدا ڪري سگهجي.

هن علم جو موجد خليل بن احمد بصري آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته عروض مڪه معظمه جي نالن مان هڪڙو آهي ۽ جڏهن خليل بن احمد بصري مڪه معظمه ويو هو تڏهين هن کي شعر ناهڻ جي ڏات ملي هئي.

پهريون عربي شعر يعرب بن قحطان چيو، جو سام بن نوحؑ جي اولاد مان هو ۽ عربي ٻولي جو بنياد وجهندڙ هو.

سنڌي شعر ۾ پهريون مشهور شاعر شاهه ڪريم بلڙيءَ وارو هو. جن جو ڪلام سنڌي بيتن ۾ موجود آهي.

ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري سنڌ ۾ فارسي زبان زور وٺڻ لڳو ۽ فارسي شعر جو نمونو شروع ٿيو. سيّد ثابت علي شاهه

اهڙي شعر جو بنياد وڌيو . ساڳئي وقت مرثيا، قصيدا، هجو عشقيه غزل وغيره شروع ٿيا . سنڌي الف - ب جي اکرن جي رديف ۽ قافين تي ديوان ٻر لکجڻ لڳا . خليفي گل محمد هالائي جو لکيل ديوان جنهن کي "ديوان گل" چوندا آهن ، سو سڀ کان پهريون سنڌي ٻولي جو ديوان آهي ، تنهن کان پوءِ "ديوان قاسم"، "ديوان فاضل"، "ديوان بلبل"، "ديوان سانگي" ۽ ٻين ديوان لکيا ويا.

# شعــر

انهن جملن کي ، جي با معنيٰ لفظن سان انتظام موجب وزن ۾ پورا هجن ، تن کي "شعر" چوندا آهن . شعر پهريائين عرب ماڻهن جوڙيو . تنهن کري سڀ کم آيل نالا عربي آهن

# شعر جا اُصول

شعر جا اصول ، جن مان شعر جا ارکان ٺهندا آهن سي ٽي آهن : (١) سبب (٢) وتد ۽ (٣) فاصله

## سبب

هي ٻه اکرو جزو آهي . هن جا ٻه قسم آهن :-

(١) خفيف :- اهو ٻن حرفن وارو کلمو يا لفظ آهي جنهن جو پهريون حرف متحرک ۽ ٻيو ساکن آهي ، جئن تہ گُل مِل وغيره .

(٢) ثقيل :- هن ۾ ٻئي اکر متحرک هوندا آهن . اهو تڏهين ٿيندو آهي جڏهن ٻه لفظ حالت اضافت ۾ هوندا آهن جئن

گُلِ زرد ، ڪِلِ ، ڪپ ، چِتِ

## وتد

وتد جا ٻہ قسم آهن :- وتد مجموع ۽ وتد مفروق.

(۱) **وتد مجموع** :- اهو ٽہ اکرو لفظ ، جنهنجو پويون اکر ساڪن ٿيندو آهي ، باقي اکر متحرڪ هوندا آهن ۾ مثلاً:- جفا ، وفا ، سفا ، اگر ، سڪو ، وغيره

(۲) **وتد مفروق** :- انهي ٽن حرفن واري لفظ کي چوندا آهن جنهنجو پهريون ۽ پويون اکر متحرڪ هجن ۽ وچون اکر ساڪن هجي . جئن :- يار ، غار ، باب ، تات وغيره

## فاصلہ

فاصلہ جا ٻہ قسم آهن :-(۱) فاصلہ صغرٰي ۽(۲) فاصلہ ڪبرٰي .

(۱) **فاصلہ صغرٰي** :- اهو چو اکرو لفظ ، جنهن جا پهريان ٽي اکر متحرڪ هجن ۽ چوٿون اکر ساڪن هجي . جئن تہ عربي ، ادبي ، وغيره

(۲) **فاصلہ ڪبرٰي** :- اهو پنج اکرو لفظ ، جنهن جا پهريان چار اکر متحرڪ ۽ پنجون اکر ساڪن هجي . جئن تہ :- مس چتو .

## شعر جا رڪن

شعر جا رڪن يا ٿنڀ ، جن تي شعر جا بحر بيهندا آهن سي ڪل اٺ آهن . جن تي علم عروض جو دارومدار آهي . جن مان ٻہ پنج اکرا آهن . جئن تہ فاعلن ۽ مفعولن،

انهن کي "خماسي" چئبو آهي. باقي هيٺيان ست اکرا، جن کي "سباعي" چوندا آهن، اهي هي آهن :-
(١) مفاعيلن (٢) مستفعلن (٣) فاعلاتن (۴) مفاعلتن (٥) مفعولاتن (٦) مفتاعلن

انهن ارڪانن جي حرڪتن مان معلوم ٿيندو ته ڪهڙن قسمن جا "سبب" ۽ "وتد" هر هڪ ۾ ڪم آيل آهن. مثلاً فعولن مان "فعو" "وتد مقرون" آهي ۽ "لن" "سبب خفيف" آهي. ساڳيءَ طرح "فاعلن" ان جي برخلاف آهي، يعني پهرين "فا" سبب خفيف آهي ۽ پوءِ "علن" وتد مفروق آهي.

# بحر

شعر جي وزن کي "بحر" ڪوٺيندا آهن. سندس لغوي معنيٰ "دريا" آهي ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي" مجموعو شعر جي رڪنن جو.

اصولن مان ارڪان ٿا نهن. رڪنن جي گڏجڻ يا وري وري اچڻ سان "بحر" نهن ٿا کل ١٩ بحر آهن. انهن مان وڏيڪ استعمال ۾ ١٢ اچن ٿا. اُهي هي آهن :-
(١) رجز-(٢) هزج-(٣) رمل-(۴) ڪامل-(٥) متدارڪ-(٦) متقارب-(٧) وافر-(٨) خفيف-(٩) سريع-(١٠) مجتث-(١١) مضارع ۽ (١٢) منسرح.
انهن کان سواءِ باقي ست جي گهٽ استعمال ۾ اچن ٿا سي هي آهن :-

(١) طويل -(٢) مديد -(٣) بسيط -(۴) مقتضب - (٥) قريب - (٦) جديد ۽ (٧) مشاڪل -

قريب، جديد ۽ مشاڪل نوان نڪتا آهن. بحرمتدارڪ ابوالحسن اخفش ڪڍيو. باقي ١٥ بحر، خليل بن احمد بصري ناهيا هئا.

# سالم ۽ غيرسالم

جيڪي بحر مقرر ڪيل رڪنن سان بنا ڪنهن مٽ ست جي نهندا آهن، انهن کي سالم چوندا آهن. پر جيڪي مٽ ست سان نهندا آهن، انهن کي غيرسالم ڪري چوندا آهن.

# ڪن مکيه بحرن جا وزن

| نالو بحر جو | وزن |
|---|---|
| ① بحر هزج | مفاعيلن - مفاعيلن - مفاعيلن - مفاعيلن - |
| ② بحر رمل | فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلاتن - فاعلاتن - |
| ③ بحر مضارع | مفعون - فاعلات - مفاعيل - فاعلن - |
| ④ بحر متقارب | فعولن - فعولن - فعولن - فعولن - |
| ⑤ بحر منسرح | مفتعلن - فاعلن - مفتعلن - فاعلن - |
| ⑥ بحر متدارڪ | فاعلن - فاعلن - فاعلن - فاعلن - |
| (٧) بحر سريع | مفتعلن - مفتعلن - مفتعلن - مفتعلن - |
| بحر رجز | مستفعلن - مستفعلن - مستفعلن - مستفعلن |

| نالوبحرجو | وزن |
|---|---|
| (٩) بحرڪامل | متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن |
| (١٠) بحر وافر | مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن |
| (١١) طويل | فعولن مفاعيلن فعولن مفاعيلن |
| (١٢) بسيط | مستفعلن فاعلن مستفعلن فاعلن |
| (١٣) مديد | فاعلاتن فاعلن فاعلاتن فاعلن |
| (١٤) مجتث | مستفعلن فاعلاتن مستفعلن |
| (١٥) خفيف | فاعلاتن مستفعلن فاعلاتن |

# رڪنن جا نالا

**مثمن** :- بيت ۾ جڏهن اٺ رڪن هجن تڏهن ان کي "مثمن" چئجي ٿو.

**مسدس** :- شعر ۾ جي ڇهه رڪن هجن تن کي "مسدس" چئجي.

**مربع** :- هرهڪ بيت ۾ جي چار رڪن هجن تن کي "مربع" ڪونجي.

**مخمس** : شعر ۾ جي پنج رڪن هجن، تن کي "مخمس" چئجي.

**مثلث** : بيت ۾ جڏهن ٽي رڪن هجن، تڏهن ان کي "مثلث" ڪوئبو آهي.

**مثنيٰ** : جي بيت ۾ ٻه رڪن هجن ته ان کي " مثنيٰ" چئبو آهي.

# زحافات

جنهن مکن ۾ مٽ سٽ ٿئي ٿي ان کي "رُڪن غيرسالم" چئبو آهي. جتي ساڳيو رڪن بنا ردوبدل جي ڪم ايندو آهي، انهي کي "سالم" سڏيندا آهن. اهڙي مٽ سٽ کي "زحافات" چوندا آهن. اها مٽ سٽ هڪ اکر کي ڪيرائي ڇڏڻ يا ان کي ساڪن ڪرڻ جي ڪري ٿئي ٿي.

## ڪي مکيه زحافات

(١) **قبض**:- رڪن جو پنجون اکر ڪڍي ڇڏجي. جيئن تہ:-

(١) فعولن مان "ن" ڪڍي ڇڏجي، فعول.

(٢) مفاعيلن مان "ي" ڪڍي، مفاعلن.

"فعول" ۽ "مفاعلن" کي **مقبوض** چئبو آهي.

(٢) **قصر**:- رڪن جي پڇاڙي جي سبب خفيف جو ساڪن اکر ڪيرائي ڇڏجي ۽ ان جي متحرڪ اکر کي ساڪن ڪجي. جيئن تہ

(١) فعولن مان فعول

(٢) مفاعيلن مان مفاعيل

(٣) فاعلات مان فاعلا

اهڙي زحافات کي **مقصور** چئبو آهي.

(٣)**حذف**:- رڪن جي پڇاڙيءَ جي سبب خفيف کي ڪيرائي ڇڏجي. جيئن تہ:-

(١)فعولن مان فعو. ( جنهن جي بدران ڪم ايندو آهي فعل.)

(٢) مفاعيلن مان مفاعي. (جنهن جي بدران ڪم ايندو آهي فعولن.)

(٣) فاعلاتن مان فاعلا . (جنهن جي بدران ڪم ايندو آهي فاعلن)
اهڙي زحافات کي **محذوف** چوندا آهن .
(٤) **ڪف** :- رڪن جي ستين ساڪن اکر کي ڪيرائي ڇڏجي جڏهن ته :-
(١) مفاعيلن مان مفاعيل .
(٢) فاعلاتن مان فاعلات .
اهڙي زحافات کي **مڪفوف** چوندا آهن .
(٥) **خرب** :- رڪن جي پهرين ۽ پوئين اکر کي ڪيرائي ڇڏجي جڏهن ته :-
(١) مفاعيلن مان فاعيل . (جنهن جي بدران ڪم ايندو آهي مفعول)
اهڙي زحافات کي **اخرب** چوندا آهن .
(٦) **خبن** :- رڪن جو ٻيو ساڪن اکر ڪيرائي ڇڏجي - جڏهن ته
(١) مستفعلن مان متفعلن . (جنهن جي بدران مفاعلن) .
(٢) مفعولات مان معولات . (جنهن جي بدران مفاعيل) .
اهڙي زحافات کي **مخبون** چوندا آهن .
(٧) فعولن مان عولن ، جنهن جي بدران فعلن ، جو **اثلم** سڏبو آهي .
(٨) فاعلن مان فاعل ، جنهن جي بدران فعلن ، جو **مقطوع** چوندا آهن .
(٩) مستفعلن مان مستعلن ، جنهن جي بدران مفتعلن ، جو **مطوي** سڏبو آهي .
(١٠) مستفعلن مان مستفعلان . جو **مذال** چئبو آهي .

(١١) مفعولات مان مفعولا ، جنهن جي بدران بہ مفعولن ، جو **مکشوف** سڏبو آهي.
(١٢) مفعولات مان مفعولات ، جو **موقوف** سڏبو آهي.

# وزن

شعر کي علم عروض جي قاعدي موجب بحرن ۽ رڪنن ۾ تورڻ کي وزن چئبو آهي. لغوي معنیٰ بار ، بوجو . عروضي اصطلاح ۾ شعر جو بحر .

وزن ڪرڻ ۾ حرڪتن ۽ سڪون جي شمار ۽ پوريءَ جاءِ تي اچڻ جي گھٽتي رکڻ کپي ، نہ حرفن جي . اُچار يا وات مان نڪتل آواز تي نظر رکڻ کپي ،نہ لکيل حرفن تي .

# تقطيع

سيکنهن شعر جي باوزن يا بي وزن هجڻ جي خبر تقطيع مان پوندي آهي، باوزن جنهن جي معنیٰ آهي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ . يعني شعر کي اهڙي طرح ٽڪر ٽڪر ڪرڻ جو جنهن بحر تي سج پج چيل هجي ، تنهن جا وزن يا رڪن پوريءَ طرح نڪري اچن .

تقطيع جو مدار ۽ وزن جو بنياد گھڻو ڪري لفظ جي اُچار ۽ آواز تي آهي . الف ، واوُ ۽ ي "حرف علت" آهن. اُهي جي لکيل هجن پر اُچار ۾ نہ اچن تہ اُهي تقطيع مهل ويچار ۾ نہ آڻجن . اهڙي طرح نون غنو جو صاف نہ ٿو چئجي

مثلاً ڪان ، مان وغيره تہ اهڙي حالت ۾ حذف ڪجن ۽ تقطيع ۾ شمار نہ ڪجن . شد ۽ مد وارا اکر ٻن اکرن جي بجاءِ ليکيا آهن . جزم سان ڳنڍيل لفظن جو خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي .

# تقطيع جو نمونو

مثال :- ڪرم ڪر اسان تي سدائين خُدايا
رحم ڪر ڪرم ڪر اسان تي خدايا

| مصرع | ڪرم ڪر | ا سان تي | سدائين | خدايا |
|---|---|---|---|---|
| نشان | ^ — — | ^ — — | ^ — — | ^ — — |
| ماڻ | فعولن | فعولن | فعولن | فعولن |

| مصرع | رحم ڪر | ڪ رم ڪر | ا سان تي | خدايا |
|---|---|---|---|---|
| نشان | ^ — — | ^ — — | ^ — — | ^ — — |
| ماڻ | فعولن | فعولن | فعولن | فعولن |

**بحر** :- فعولن اٺ ڀيرا ، متقارب مثمن سالم .

مثال ٢ :- زمانو گهٽو ٿيو ، جواني بہ ويئي
مگر پوءِ بہ ڊولڻ ، مگر پوبہ سائين

| مصرع | زمانو | گهٽو ٿيو | جواني | بہ ويئي |
|---|---|---|---|---|
| نشان | ^ — — | ^ — — | ^ — — | ^ — — |
| ماڻ | فعولن | فعولن | فعولن | فعولن |

| مصرع | مگر پوء | به ڊو لڻ | مگر پو | به سائين |
|---|---|---|---|---|
| نشان | ^ — — | ^ — — | ^ — — | ^ — — |
| ماڻ | فعولن | فعولن | فعولن | فعولن |

فعولن ، فعولن ، فعولن ، فعولن ، اٺ پيرا .

**بحر:-** متقارب مثمن سالم .

مثال۳:- پرت مان بلبل پڪاري سربسر ساتي سلام

| مصرع | پرت مان بل | بل پُڪاري | سربسرسا | تي سلام |
|---|---|---|---|---|
| نشان | — ^ — — | — ^ — — | — ^ — — | — ^ — |
| ماڻ | فاع لا تن | فاع لا تن | فاع لا تن | فاع لات |

فاعلاتن ، فاعلاتن ، فاعلاتن ، فاعلات .

**بحر :-** رمل مثمن مقصور .

# باب ٻيو

# قافيو

**قافيو**:- هر هڪ بيت جي پڇاڙيءَ ۾ ساڳئي وزن وارو لفظ، مختلف معنيٰ سان، رديف کان اڳ ڪم اچي، تنهن کي قافيو ڪوٺبو آهي. جئن ته

ظلم ايڏو نه چشم يار نه ڪر
قتل هڪ وار سان هزار نه ڪر

يار، هزار، زار، غار، نار ۽ اهڙا ٻيا لفظ قافيا ۾ شمار ڪبا آهن.

## حرف روي

قافيه جو پويون اکر جو ضرور وري وري اچي ته تنهن کي "حرف روي" چئبو آهي. مٿين ڏنل مصرعن ۾ "ر" اکر روي آهي، ڇاڪاڻ ته ٻنهي مصرعن جي قافين جي آخر ۾ رديف "نه ڪر" کان اڳ آيو آهي ۽ قافيه جو مدار ان تي آهي.

"روي" کان جيڪي چار حرف اڳ ۾ ڪم اچن ٿا تن جا نالا هي آهن:- (١) ردف (٢) قيد (٣) تاسيس ۽ (٤) دخيل.

"روي" کان چار اکر پوءِ استعمال ۾ اچن ٿا، تن جا نالا هي آهن:- (١) وصل (٢) خروج (٣) مزيد ۽ (٤) نائره.

### حرف روي جي اڳيان ايندڙ اکر

(١) **ردف**:- روي کان اڳيون اکر، جي حرف علت هوندو

”ڇڏي ويوس“ ۾ ”ڇڏي“ واري ي آهي روي. تنهن کان پوءِ و آهي وصل و کان پوءِ ي آهي خروج ي کان پوءِ بيهر و آهي مزيد.

**نائره:**- اهو اکر آهي جو مزيد جي پٺيان ڪم ايندو آهي. مثلاً مزيد جي و کان پوءِ س.

## قافيہ جا عيب

قافيہ جا چار عيب آهن، انهن کان هر وقت پاسو ڪرڻ گهرجي. اُهي هي آهن:- (١) اقوا (٢) اڪفا (٣) اسناد ۽ (۴) ايطا.

### اقوا

روي يا قيد کان اڳ واري حرڪت مختلف هجي. جيئن تہ گُل سان گِل، دِل سان بُلبُل وغيره

### اڪفا

روي جو اهڙي حرف سان بدلجي جنهن جي صورت خطي ۾ فرق هجي. جيئن تہ هڪڙي ۾ ”قاف“ ۽ ٻئي ۾ ”ڪاف“ هجي مثلاً شق ۽ شڪ

### اسناد

ردف جو حرف مختلف هجي. جيئن تہ زمان ۽ زمين، شريف ۽ شرافت، وغيره

### ايطا

ايطا: لفظي معنىٰ آهي ’پائمال ڪرڻ‘ اصطلاحي معنىٰ

موجب 'قافيہ جو وري وري اچڻ'. انهي جا ٻہ قسم آهن:- هڪڙو جلي ۽ ٻيو خفي.

**جلي** تڏهن آهي جڏهن روي هڪڙو اهڙو حرف جو اصل هئڻ جو لائق نہ هجي، ٻئي حرف سان گڏ اچڻ جهڙو هجي، جئن تہ کائڻ سان کنڻ يا مارڻ سان مرڻ.

**خفي** تڏهن آهي، جڏهن قافيي جو وري وري اچڻ ظاهر نہ ٿئي. جئن تہ آب سان شراب، کباب وغيره. اهو قافيو عيب دار آهي.

# رديف

قافيہ پٺيان سڀني شعرن ۾ ساڳيو لفظ وري وري ڪم آڻجي، تنهن کي **رديف** چئبو آهي.

قافيو سڀني نظم ۾ ڦرندو رهندو آهي پر رديف جو لفظ ساڳيو ايندو رهندو آهي.

مثال:- اڄ اچي سارلهہ جي يار **آهين**
غم اچي ڪر جي غمگسار **آهين** (عبد)

هتي 'يار' ۽ 'غمگسار' (قافيہ) جي پٺيان آهين آيل آهي ۽ ساڳيو لفظ وري وري ڪم آيل آهي، تنهن ڪري **آهين** لفظ کي **رديف** چئبو آهي.

جنهن شعر ۾ فقط قافيو آهي، رديف ڪونهي، تنهن کي **مقفي** ٿا چون ۽ جنهن ۾ رديف بہ آهي، اُنهي کي **مردف** چئبو آهي.

# باب ٽيون
# اصناف سخن

## بيت

ٻن مصرعن جي گڏجڻ کي بيت چوندا آهن . جنجو وزن ساڳيو هوندو آهي انهن جو قافيو ساڳيو هجڻ ضروري نہ آهي پر انهن مان پورو مطلب نڪري اچي .

مثال:- ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي

بيت جي پهرئين مصرع کي صدر ۽ ٻيءَ کي **عجز** چئبو آهي. پهرئين مصرع جي پهرئين رکن کي عروض ، پوئين کي ابتدا ۽ وچين کي حشو چئبو آهي. ٻئي مصرع جي پهرئين رکن کي ابتدا، پوئين کي ضرب ۽ وچين کي حشو ڪوٺبو آهي.

## غزل

هي اهو شعر جو قسم آهي ،جنهن ۾ پنجن کان پندرهن تائين بيت هجن . هن ۾ حسن ،عشق، سونهن ،خط وخال ، قد وبت ، يار جي ٻين عضون جي تعريف ، وصال ۽ فراق جا درد ڀريل داستان ،گل ،بُلبل ۽ بهار جوذڪر ٿيل هجي .

اُن جي شعرن مان پهرين ٻن مصرعن جا قافيا ،غزل جي باقي ٻين بيتن جي قافين سان برابر هوندا آهن .

غزل جي پهرين بيت کي مطلع چئبو آهي. ٻئي نمبر کي حسن مطلع ۽ پڇاڙيءَ جي بيت کي مقطع ڪوٺبو آهي، جنهن ۾ شاعر پنهنجو ذاتي نالو يا تخلص ڏيڪاريندو آهي. جئن ته

اي "نماڻا " فسانهٔ شب غم

هر ڪنهن وٽ تہ آشڪار نہ ڪر

(ماستر نور محمد نماڻو)

جڏهن غزل الف، ب وار ڪري لکيا آهن، جئن ته:- پهريائين الف رديف وارا غزل پوءِ ب وغيره وغيره، تڏهن ان ڪتاب کي ديوان چئبو آهي، جئن ته ديوان گل، ديوان قاسم، ديوان سانگي، ديوان فاضل، ديوان بلبل، وغيره غزلن ۾ سانگي جو ديوان وڏيڪ مشهور آهي.

# قصيده

قصيده: هن جي پهرين بيت جون سٽون يعني ٻئي مصراعون ٻين بيتن جي پوين مصرعن سان هم قافيہ ٿين ٿيون. هي سيني شعرن ۾ وڏو شعر جو قسم آهي، جنهن ۾ ٻارهن کان مٿي هڪ سو ويهہ بيتن تائين ٿين ٿا.

اڳئين سمي شاعر بادشاه جي تعريف ۾ قصيده ڏاهي وقت ڪٽي وجي پڙهندا هئا ۽ انعام اڪرام ۽ بخششون حاصل ڪندا هئا. هاڻي بہ وڏن ماڻهن جي خوشامد ڪندڙ شاعرانهي فن کي استعمال ڪندا آهن. بعضي شاعر ڪنهن کان ناراض ٿي ان جي خلاف هجو يا شڪايت لکندا آهن.

# مثنوي

مثنوي : اهو شعرجو قسم آهي جنهن جي سڀني بيت جي ٻنهي مصرعن جا قافيہ ۽ رديف پاڻ ۾ برابر هجن.

فارسي ٻوليءَ ۾ وڏن وڏن شاعرن جون مثنويون ساري دنيا ۾ مشهور آهن. انهن مان فردوسي جو شاهنامون، نظامي جو سڪندرنامون، شيخ سعديؒ ۽ عطار جا پندنامہ، مولانا جلال الدين روميؒ جي مثنوي معنوي قابل ذڪر آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي ٿوريون مثنويون لکيون ويون آهن پر اُهي سڀ گهڻو ڪري ترجما آهن. جيئن تہ يوسف زليخا، اميرحمزه وغيره.

# رباعي

رباعي: هي انهيءَ شعرجو قسم آهي، جنهن ۾ چار مصراعون هونديون آهن. جن مان ٽين مصرع کان سواءِ باقي سڀ همقافيہ آهن. هي شعر خاص بحر ۾ چئبو آهي. جي سڀ بحر هزج مثمن جي رڪنن ۾ مٽ سٽ ڪرڻ سان ٺهن ٿا. هن جو خاص وزن "لاحول ولا قوة اِلّا بالله" يعني "مفعول مفاعيل مفاعيل فعل" آهي.

رباعي کي **دوبيتي** بہ ڪري چوندا آهن. پر رباعي ۽ دوبيتي جي وچ ۾ تفاوت هي آهي جو رباعي فقط بحر هزج جي مقرر بحرن مان ٺهندو آهي ۽ دوبيتي ڪنهن بہ بحر ۾ ٺهي سگهي ٿو.

فارسي ٻوليءَ ۾ ”رباعيات عمر خيام“ اهي عُمر خيام جون مشهور رباعيون آهن، جن جو ترجمو مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين نامور شاعرن ڪيو آهي. واصفؔ، احسنؔ ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي شاعرن رباعيون لکيون آهن.

مثال:- رباعي

سيڪنهن جي لهين سار عليم آهين تون
ڏيئي نه ڏکوئين، جو ڪريم آهين تون
اميد رهي ڇو نه گنهگارن کي ؟
رحمت جي طلب آهي، رحيم آهين تون

(واصفؔ)

# قطعه

اهو شعر، جنهن جا بيت هم وزن ۽ هم قافيه آهن. قطعه ۾ مطلع جو هجڻ هرو ڀرو ضروري نه آهي. رباعي وانگر هن ۾ به چار مصراعون ٿين، پر رباعي وانگر هن جو خاص وزن مقرر ٿيل نه آهي.

مثال:- قطعه

اي ”اثر“ ”عبد“ فاضل دوران
سوءِ جنت سو عِلم پرور ويو
فڪر تاريخ تي چيو هاتف
طوطيءَ دهر نيڪ محضر ويو

٩٣ ١٣ ھ

”عبد“ مرحوم جناب عبدالله عبدؔ (عبدالله اثرؔ چانڊيو)

# ڏوهيڙا

**ڏوهيڙا:-** شاهه جي رسالي جي شعر کي ڏوهيڙا چوندا آهن. هن ۾ رديف ۽ قافيه جي علم عروض موجب بندش ڪا نهي. وزن جو لحاظ رکڻ ضروري آهي. عربي ۾ اهڙي شعر کي **رجز** چوندا آهن. عرب ڏالون جنگ جي دوران بهادرن کي همٿائڻ لاءِ رجز ڳائيندا هئا.

مثال:- **ڏوهيڙو**

پيءِ پيالو اڄ جو، اڄ سين اڄ اڻيار
تن ۾ تونس پرين جي، پيان تر نہ ڏاپان
جي سمنڊ منهن ڪريان، تہ سرڪيائي نہ ٿيئي
پاڻي مٿي جهوپڙا، موڙڪ اڄ مرن
ساهان اوڏو سپرين، لوچيئو ڪين لهن
(شاهه)

# منظر نگاري

منظر نگاري هڪ شاعري فن آهي. شاعر کنهن حقيقت يا واقعي کي نظاري جي ماحول پٽاندر فطري طور بيان ڪري انهي کي منظر نگاري چوندا آهن.

منظر نگاري ۾ شاهه صاحب جي مقابلي ۾ ورلي ڪو شاعر اچي سگهي. مثال:-

شاهه

دنگي منجهه درياهه، ڪي ٻڏي، ڪي اُپري

هي جي واڊي واٽيا ، سي سونهن سپ سڙيا
معلم ماڳ نہ اڳهين ، ڦلنگي منجهہ ڦٽريا
ملاح تنهنجي مڪڙي ، اچي چور چڙهيا
جتي ڊينگ ڊريا ، تتي تاري تڳي تنهنجي
مقابلي ۾
حافظ ـــ
شب تاريڪ بيم موج ، گرداب چنين هائل
ڪجا دانند حال ما ، سبڪ باران ساحل ها
غالب ـــ
شب تار بيم موج ، بحر طوفان خيز
گسستہ لنگر ڪشتي و ناخدا خفتہ است

شاه جي بيت ۾ بيڙياتين جي بيڪسي جو اندازو ڪري سگهجي ٿو . غالب جي شعر ۾ ناخدا خفتہ است (ناڪو ستل آهي) فطرت جي خلاف آهي . شاه جي ڪلام ۾ جا ٽايل آهي تہ انهي کان زياده خطرناڪ وقت ڪو نہ ٿي سگهندو . آفت مٿان آفت پيئ ڪڙڪي پر حافظ ڪي فقط پنهنجي ڳڻتي آهي .

---

# امتحاني سوال

١ـــ علم عروض ڇا کي چئجي ؟
٢ـــ شعر جا اصول ڪولي سمجهايو ؟
٣ـــ شعر جا ارڪان ٻڌايو .
٤ـــ سالم ۽ غير سالم بحر ۾ ڪهڙو فرق آهي ؟

٥— ڪن ٻه ٽن مکيه بحرن جا نالا وزن سميت لکو .

٦— زحافات ڇا کي چئجي ؟ کولي سمجهايو .

٧— تقطيع ڇا کي چئجي ؟ پنهنجي درسي ڪتاب مان ڪي ٻه ٻه مصراعون چونڊي ، انهن جي تقطيع ڪريو .

٨— قافيو ڇا کي چئجي ؟ قافيه جا عيب کولي سمجهايو ، مثال ڏيئي سمجهايو .

٩— رديف ڇا کي چئجي ؟ مثال ڏيئي کولي سمجهايو .

١٠— رباعي ڇا کي چئجي ؟ مثال ڏيئي سمجهايو .

١١— غزل ۽ قصيده ۾ ڪهڙو فرق آهي ؟ اوهان کي ڪهڙي شاعر جا غزل پسند آهن ۽ ڇو ؟

١٢— منظرنگاري ، قطعه ، ڏوهيڙا ۽ تخلص تي مختصر نوٽ لکو .

# باب چوٿون

# علم بيان

## تشبيه

ڪو ماڻهو وڏيڪ سخي ۽ فياض هجي، سخاوت ڪري ملڪ ۾ مشهور هجي، ته مثال ڏيڻ جي سگهبو ته "فلاڻو حاتم وانگر سخي آهي." (حاتم عربستان جو هڪ مشهور سخي هو). اهڙي طرح ڪو وڏيڪ بهادر هجي ۽ بهادريءَ ڪري مُلڪ ۾ مشهور هجي ته هن ماڻهو لاءِ چئبو ته "فلاڻو رستم وانگر بهادر آهي." (رستم ايران جو مشهور پهلوان هو). شينهن به هڪ بهادر جانور آهي. اِئين به چئي سگهجي ٿو ته "فلاڻو شينهن جهڙو مڙس آهي."

ٻن لفظن جي وچ ۾ ڪنهن خاص ڳالهه يا ڳڻ جي ڀيٽ ڪرڻ کي "تشبيه" چئبو آهي. حرف تشبيه "وانگر" يا "جهڙو" لفظ ڪم آڻڻ سان معلوم ٿيندو آهي. مثال:-

(١) شهنشاه جهانگير بادشاه نوشيروان وانگر عادل هو.

(٢) هنجي دل آهي جهڙي پٿر.

(٣) تنهنجا ڏند آهن جهڙا موتي.

جنهن لفظ جي ڀيٽ ڪبي آهي تنهن کي "مشبه" چئبو آهي ۽ جنهن سان ڀيٽ ڪبي آهي تنهن کي "مشبه به" چئبو آهي. جنهن ڳالهه يا خاصيت جي ڪري انهن ٻنهي لفظن جي ڀيٽ ڪبي

آهي تنهن کي "وجهہ تشبيهہ" (ڀيٽ جو ڪارڻ) چئبو آهي .
جو لفظ مشبہ ۽ مشبہ بہ جي وچ ۾ هوندو آهي تنهن کي
حرف تشبيہ ڪوٺبو آهي . سنڌيءَ ۾ "جهڙو ، وانگر، جيان
۽ وانگيان" حرف تشبيہ آهن .
مثال :- منوّر جا ڏند موتي وانگر سهڻا آهن .

ڏند ← مشبہ      موتي ← مشبہ بہ
سهڻا ← وجہ تشبيہ      وانگر ← حرف تشبيہ

تشبيہ جي مٿين چئن رُڪنن کانسواءِ پنجون رڪن بہ
آهي جنهن کي غرض تشبيہ يعني ڀيٽ ڪرڻ جي مراد چئبو
آهي . "منوّر جا ڏند موتي وانگر سهڻا آهن ." انهي جملي ۾
غرض تشبيہ آهي "منوّر جي ڏندن "جي تعريف ڪرڻ .

# ڪي شاعرانہ تشبيهات

**تشبيہ قد جي** :- سرو ، صنوبر ، نخل يا ڪجي ، شاخِ
طوبىٰ ، شاخِ گل ، سرو ناز ، شمشاد ، قامت وغيره .
**تشبيہ زلفن جي** :- زنجير ، نانگ ، سنبل ، ريحان ، رات ،
شام ، عمر دراز ، ڪمند ، سُوري ، وڇون ، رسو ، ڪارو ڪڪر
صليب ، ڪُنڊي ، ڪاڪل ، ڇهبڪ ، وغيره .
**تشبيہ وارن جي** :- دام ، ڄار ، رات ، اڌ رات ، اونداهي
رات ، ظلمات ، شام ، ڪڪر ، مشڪ ، عنبر ، سوري ، ڪاري
رات ، وغيره .
**تشبيہ ڏندن جي** :- موتي ، گوهر ، دُر ، هيرا ، ڏاڙهون جا
داڻا ، تارا ، الماس ، ڳرا ، ياسمين ، موتين جي سر يا ڳنڊ ،

وغيره .

**تشبيه منهن جي** :- چنڊ ، شمع ، چراغ ، ڏيئو ، سج ، طورجو تجلو ، چمن ، گل ، ارغوان ، گلزار ، مصحف ، ڪعبو وغيره .

**تشبيه پيشانيءَ جي** :- چنڊ ، هلال ، آئينو يا آرسي ، بدر ، سج ، زهره ، مشتري ، چانديءَ جي پيتي ، لوح محفوظ وغيره .

**تشبيه ڪاڏيءَ جي** :- صوف ، بهشت جو صوف ، سمرقندي صوف ، شفتالو ، پاڻي جو کُن ، طوق ، زنخ جو کوھ ، وغيره

**تشبيه وات جي** :- غنچو ، مکڙي ، موتين جي دبلي ، مرجان جي دبلي ، مصريءَ جو ڪُوزو ، نمڪ دان ، ٻُڙي ، مُنڊي ، وغيره

**تشبيه چپن جي** :- آبِ حيات ، ماکي ، مصري ، گل جاپن ، قند نباتات ، لعل ، ياقوت ، باھ ، ٽانڊا ، پستا ، ڪوثر ، مرجان ، وغيره .

**تشبيه اکين جي** :- بادام ، نرگس ، پيالو ، جام ، ڪٽورو ، هرڻ ، غزال ، زهره ، سامري ، ساحر يا جادوگر ، صاد ، عين ، وغيره .

**تشبيه ڀرن جي** :- ترار ، نئون چنڊ يا هلال ، ڪمان ، محراب ، خنجر ، انڌلٺ ، ڪُنجي ، ڪمند جو حلقو ، طاق ، نون ، وغيره .

**تشبيه خال يا تِر جي** :- هندو ، مشڪدانو ، داڻا ، شيدي ، نقطو ، هرمرو ، حجرِ اسود ، سونف جو ٻج ، وغيره .

# استعارو

بعضي ڪنهن بهادر ماڻهو ڪي ايندي ڏسي اسين چوندا آهيون ته ”شينهن پيو اچي.“ ڪنهن سخي مرد ڪي ڏسي چوندا آهيون ته ”حاتم پيو اچي.“ ماءُ ننڍڙي ٻار ڪي هنج ۾ کڻي چوندي آهي ” اچ منهنجا چنڊ.“

اهڙي طرح جڏهين ڪنهن به ماڻهو يا شيءِ لاءِ ڪو اڌارو ورتل لفظ ڪتب آڻجي، تنهن کي **استعارو** چوندا آهن.

جيئن ته :- (١) ٽيپو سلطان شينهن هو.

(٢) هن جي دل پٿر آهي.

(٣) هي ڇوڪر اڻ گهڙيو ڪاٺ آهي.

(۴) پيچ پتنگن کان سنديون ڪامڻ خبرون (شاه)

استعارو جي معني آهي اُڌارو وٺڻ. شاعري اصطلاح ۾ استعاري جي معنيٰ آهي هڪڙي لفظ کي ٻئي لفظ کان اڌاري معنيٰ وٺي ڏيڻ. هتي پتنگ مان مراد مبلغ ۽ داعي آهي.

تشبيه ۽ استعاره ۾ هي فرق آهي ته تشبيه ۾ هڪڙي شيءَ ٻي شيءِ جهڙي يا مشبه چوڻ ۾ ٿي اچي. جيئن ته

”شينهن جهڙو مڙس.“

۽ استعاره ۾ مڙس کي خود شينهن چوڻ ۾ ٿو اچي ۽ حرفِ تشبيه ڪم ۾ ڪونه ٿو اچي. مثال :-

”ٽيپو سُلطان شينهن آهي؛ جنهن انگريزن سان سخت مقابلو ڪيو ۽ هار نه مڃيائين.“

شينهن جي معنيٰ هن جملي ۾ بهادري ورتي ويئي آهي ڇاڪاڻ

تہ شينهن اصل هڪ بهادر جانور جو نالو آهي ، تنهنڪري اهو لفظ "بهادري" لاءِ اڌارو ورتل آهي . انهيءَ مثال ۾ :-
**شينهن** آهي **مستعار** يعني (جانورڪان) اڌارو ورتل ، ۽
**بهادري** آهي **مستعار لہ** يعني جنهن کي اڌار مليو ، شينهن ۽ بهادر جي وچ ۾ جيڪا هڪجهڙائي جي خاصيت آهي تنهن کي چئبو آهي **وجہ جامع** يعني (شينهن ۽ بهادر ) جو لاڳاپو رکائيندڙ ڪارڻ .

**نوٽ** :- استعاره ۾ چوندڙ يا لکندڙ کي فقط مستعار ظاهر رکڻ ضروري آهي . باقي مستعار لہ ۽ وجہ جامع ڳجهارهندا آهن ، جي ٿوري ويچار ڪانپوءِ معلوم ڪري سگهبا آهن .

## امتحاني سوال

١ــــ تشبيہ ڇا کي چئجي ؟ مثال ڏيئي سمجهايو .
٢ــــ استعارو ڇا کي چئجي ؟ مثال ڏيئي سمجهايو .
٣ــــ تشبيہ ۽ استعاره ۾ ڪهڙو فرق آهي ؟ مثال ڏيئي سمجهايو .
٤ــــ هيٺين مان تشبيہ ۽ استعارو چونڊيو :-
(١) نورجهان پاڪستان جي بلبل آهي .
(٢) هو بُلبل وانگر منو ٺي ڳائي .
(٣) چيتو شينهن وانگر جهنگلي جانور آهي .
(٤) ننڍڙو ٻار مچ جو وار .
(٥) ڇپرو اهڙو بي وقوف آهي جهڙو گڏه .

# باب پنجون

# علم بديع

**علم بديع يا صنايع بدايع** اهو علم آهي، جنهن ۾ فصيح ۽ بليغ ڪلام جي لفظي ۽ معنوي خوبين سان بحث ڪجي ٿي. هن علم جي ڄاڻيندڙ کي ڪلام جون سڀ خُوبيُون ۽ صنعتون معلوم ٿين ٿيون، جنهنڪري هو عمدو، پڪو ۽ سُهڻو ڪلام، عمدن لفظن ۽ عمدي عبارت ۾ لکي يا ڳالهائي سگهي ٿو.

عربي ۾ پهرياتين **ابوتمام** صنعتون ڪم آنديون. پهرياتين هن تجنيس ڪم آندي. هن کان پوءِ ٻين عالمن جداجدا صنعتون ڪڍيون. جڏهن ته هي علم ايرانيين کي نئون لڳو تنهن ڪري انهن اُن کي **علم بديع** ڪري ڪوٺيو ۽ انهي علم جي صنعتن کي **صنايع بدايع** ڪري ڪوٺيائون.

صنعت جي معنيٰ آهي ڪاريگري يعني ڪلام جي لفظ يا معنيٰ ۾ ڪاريگري ڪرڻ. جيڪا ڪاريگري لفظن ۾ هوندي آهي تنهن کي **صنعت لفظي** چوندا آهن ۽ جيڪا معنيٰ ۾ هوندي آهي تنهن کي **صنعت معنوي** چوندا آهن.

صنعتون گهڻن قسمن جون آهن پر هتي فقط ڪن ٿورن مکيه صنعتن جو ذڪر ڪجي ٿو:-

## لفظي صنعتون

# صنعت ترصيع

"ترصيع" جي لفظي معني آهي "جواهر جڙڻ". ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي عبارت يا شعر ۾ لفظ خانن خانن ۾ آڻجن جي تڪن ۾ موافق هجن ۽ اهڙا هجن جي وزن ۽ قافيي ۾ برابر هجن. اهڙي عبارت يا شعر کي "مرصع" سڏبو آهي.

مثال سه منهنجا قبلا! تنهنجو مُنهن، مصحف مجيد
منهنجا ڪعبا! تنهنجو گهر، بيت الحرام

# تجنيس

"تجنيس" معنيٰ هڪجهڙائي ڪرڻ. جڏهن ڪنهن شعر يا عبارت ۾ هڪ جنس يا قسم جا لفظ ڪم اچن تنهن کي تجنيس چوندا آهن. هن جا ست قسم هيٺ ڏجن ٿا.

## (١) تجنيس تام

جڏهن ڪنهن جملي، بيت يا شعر ۾ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظ اهڙا ڪم اچن، جي صورت خطي، عدد ۽ تلفظ ۾ برابر هجن پر معني ۾ مختلف هجن. تن کي تجنيس تام چئبو آهي.

مثال سه

نه توکي ترس[١] ڪو اي شوخ، هيءَ ڪهڙي ٿي ترسائي[٢]
ذرو ڪي ترس[٣]، تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ آءٌ پيو ترسان[٤]

(١) ترس : رحم — (٢) ترسائي : پارسائي
(٣) ترس : بيهه — (٣) پيو ترسان : سڪان پيو

## (٢) تجنيس ناقص

تجنيس ناقص يعني اڻ پوري هڪجهڙائي . جڏهن ڪنهن جملي ، بيت يا مصرع ۾ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظ صورت خطي ۾ هڪجهڙا پر معنيٰ ۽ اعرابن ۾ مختلف هجن، تن کي "تجنيس ناقص" چوندا آهن . مثال

اڄ ڪريون چشمن جي چشمن کان اسين جاري نديون

(١) چشمن : اکيون . (٢) چشمن : حوضن .

## (٣) تجنيس زائد

تجنيس زائد :- جڏهن ڪنهن جملي يا شعر ۾ ٻه لفظ اهڙا ڪم آيل هجن جي حرفن ۽ حرڪتن ۾ هڪجهڙا هجن پر هڪڙي ۾ ٻئي کان منڍ ، وچ يا پڇاڙيءَ ۾ هڪ حرف وڌيڪ هجي . مثال ـــ

عاشق وفا ڪري ، ڪري معشوق سرڪشي
گهرجي تو ناز حسن کي ۽ عشق کي نياز

ناز...... نياز : وچ ۾ هڪ حرف (ي) وڌيڪ آهي .

## (٤) تجنيس مرڪب

تجنيس مرڪب : جڏهن ڪنهن جملي ۾ ٻه لفظ هم جنس ڪم اچن ، جي تلفظ ۽ صورت خطي ۾ برابر هجن ، پر معنيٰ ۾ مختلف هجن . هڪ لفظ مفرد ۽ ٻيو مرڪب هجي ، تن کي "تجنيس مرڪب" چئبو آهي ، هي ٻه تجنيس تام جهڙي آهي پر تجنيس تام ۾ ٻئي لفظ مفرد ايندا آهن ، هن ۾ هڪ لفظ مفرد ته ٻيو مرڪب ڪم ايندو آهي .

مثال ـــ

عشق سچو رکين ٿو پروانا
جوجلڻ جي رکين ٿو پروانا

پروانا : پروانو — پروانا : پرواه + نا
مُفـرد — مرڪب

## (۵) تجنيس مڪرر

تجنيس مڪرر : هن کي "مزدوج" به چوندا آهن . هن ۾ بيت جي پڇاڙيءَ ۾ به همجنس لفظ گڏ ايندا آهن ،جن مان پهرئين لفظ جي منڍ ۾ ، ٻئي پوئين کان هڪڙو يا ٻه حرف زياده هوندا آهن يا پهرئين لفظ جو پويون ياڱو وري ايندو آهي ۽ معنيٰ پنهنجي ڌار هوندي اٿس . مثال ـ

تنهنجي ٿي لڳي دوست پياري ياري
جندجان جي ڳڻتي مون وساري ساري

پياري ـــ ياري : منڍ ۾ هڪڙو حرف (پ) وڌيڪ آهي .
وساري ـــ ساري : منڍ ۾ هڪڙو حرف (و) وڌيڪ آهي .

## (٦) تجنيس مطرف

تجنيس مطرف : هن ۾ اهڙا ٻه لفظ اچن ٿا جن مان هر هڪ جا ٻيا سڀ اکر پاڻ ۾ هڪ جهڙا هجن ، سواءِ پوئين حرف جي ، جو مختلف ٿو ٿئي .

مثال :-

(۱) شراب ---------- شرار
(۲) آزار ---------- آزاد
(۳) خراب ---------- خرار

## (٧) تجنيس خطي

تجنيس خطي : جڏهن ڪنهن جملي ياشعر ۾ ٻه لفظ اهڙا ڪم اچن، جي صورت ۾ هڪجهڙا هجن پر حرفن ۽ معنيٰ ۾ مختلف هجن.

مثال ــ مون کي تو کان خدا جُدا نه ڪري

ٿيان تو کان جُدا خدا نه ڪري

خدا ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ جُدا

جُدا ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ خدا

پوش ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ نوش

زبان ـ ـ ـ ـ ـ ـ زيان

# باب ڇهون

## (١) صنعت اشتقاق

صنعتِ اشتقاق : جڏهن ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظ ساڳئي اشتقاق مان نڪتل ڪم ۾ اچن ، جي هڪڙي ئي بنياد جا هجن ، تنکي "صنعت اشتقاق" چئبو آهي . مثال :-

(١) طلب ---- طالب ---- مطلوب--- طلبڻ

(٢) حب---- محب ---- محبوب --- محبت

(٣) فرق ---- فراق ----- فرقا--- تفريق

## (٢) صنعت سياقة الاعداد

صنعت سياقۃ الاعداد : نظم ۾ اسم عدد اهڙي طرح ڪم آڻجن ، جو انهن جي آڙ ڪري معنيٰ سهڻي ٿئي ۽ دل کي به خوشي حاصل ٿئي . مثال ؎

"ٻه ٽي" قطره جي باقي تيرِ قاتل دل ۾ ڇڏيا ها
نماز عشق لئہ تن سان ڪرڻو پيو وضو مون کي
(محمّد خان فقير)

"ٻه ٽي" --- سياقۃ الاعداد

## (٣) صنعت مقلوب

صنعت مقلوب : اهي لفظ جي اُبتا ۽ سبتا هڪجهڙا هجن ۽ هڪجهڙا پڙهي سگهجن . مثال ؎

ناهي بقا زماني ۾ اقبال کي ادا
"اقبال" کي جو ابتو ڪرين، ٿئي تو "لابقا"
اقبال - - - - - - لابقا

## (٤) صنعت رد العجز على الصدر

صنعت رد العجز على الصدر: جڏهن ڪو لفظ پهرئين مصرع جي شروعات ۾ يا وچ ۾ اچي ۽ اهو ساڳيو لفظ موٽي پهرئين مصرع جي پڇاڙي ۾ ڪم اچي يا ٻي مصرع ۾ ڪم اچي تنهن کي "رد العجز على الصدر" چوندا آهن.

مثال سه شاد بندو ٿئي، جو ٿئي آزاد
تنهنجو بندو ٿيان، تا ٿيان مان شاد

## (٥) صنعت تضمين

صنعت تضمين: جڏهن شاعر ٻئي ڪنهن شاعر جو شعر پنهنجي شعر ۾ آڻي. مثال سه

ادا **مسڪين** کي واه واه وڻي سانگي سندي مصرع
"نماڻي نار آهيان پر وڏن جا وڻ وڃائيندس"

## (٦) صنعت تجاهل العارف

صنعت تجاهل العارف: پاڻ کي ڄاڻي ٻجهي، نادان ۽ جاهل بڻائڻ. هن ۾ شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ڪا ڳالهه سمجهي ڇوي ٿو پوءِ پاڻ کي اڻ ڄاڻ سمجهي يا شڪ ڏيکاري.

مثال سه

تو پڇين تون مون کان منهنجي ماه جي منزل ڪٿي
منزل آهي دل ۾ ان جي ، پر نہ ڄاڻان دل ڪٿي

## (٧) صنعت مڪرّر

صنعت مڪرر : جڏهن ساڳيو لفظ ٻہ يا وڌيڪ ڀيرا وري وري ڪم آڻجي ، مثال ـــ

ماڻا ڪري نہ مار سڄڻ تون ذري ذري
پاڻان نہ ڪر مون کي تون پيارا پري پري

## (٨) صنعت ملمّع

صنعت ملمع : جنهن ۾ هڪڙي بيت جي مصرع عربي ۽ ٻي فارسي ياڪنهن ٻي ٻولي جي هجي . مثال ـــ

اَلَاَ يَا اَيهَاالسـاقي اَدر کاسًا وَ نَاولـهَـا
کہ عشق آسان نمود اول ولي افتادمشکلها

## (٩) صنعت تلميع

صنعت تلميع : شعر ۾ ڪنهن قصي يا مسئلي يا ڳالهہ يا قرآن شريف جي آيت ياڪنهن حديث ڏانهن اشارو هجي .

مثال ـــ من از آن حسن روز افزون کہ يُوسفؑ داشت دانستم
کہ عشق از پرده عصمت بدون آرد زُليخا را

انهي بيت ۾ حافظ يوسفؑ ۽ زليخا جي قصّي ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

"اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ" جڏهين ڪن پيو م !
"قَالُوۡا بَلٰى" قلب سين تڏهين تہ چيو م

خُدا جڏهين رُوح خلقيا، تڏهين انهن کان پڇيائين تہ ”اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ“ يعني ”ڇا نہ آهيان مان اوهانجو رب ؟“ رُوحن جواب ۾ چيو: ”هائو“، ”قَالُوْا بَلٰى“. قرآني آيات ڏي اشارو آهي.

## (١٠) صنعت ايهام

**صنعت ايهام**:- شعر ۾ شاعرکي اهڙا لفظ ڪم آڻيندا آهن جن مان بہ معني نڪرندا آهن. هڪڙو ويجهو ٻيو ڏور. ٻڌندڙ ويجهي معنيٰ سمجهي پر شاعر جو مطلب پرانهون هجي.

مثال ــہ ڪرڙ ۽ ڪنڊو، دال ۽ زال
اهي ٿيا جاني عجيب مثال
ڪرڙ:- وڻ جو نالو ۽ ماٺهوجو بہ.
ڪنڊو:- وڻ بہ ۽ ماٺهوجو نالو بہ.
دال:- اڪر ۽ ڪاڏي جي دال.
زال (ذال):- اڪر ۽ عورت.

## (١١) صنعت سوال وجواب

**صنعت سوال وجواب**:-جن بيتن ۾ سوال ۽ انجا جواب ڏنل هجن.

مثال ــہ

مون کي ميخوار ڪيو، ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو
مست، سرشار ڪيو، ڪنهن ڪيو؟ دلدار ڪيو

## (١٢) صنعت مدح و ذم

**صنعت مدح وذم :-** هن صنعت ۾ شاعر ڪا ڳالهه اهڙي ريت پيش ڪري جو پهرين تعريف يا ڪا معلوم ٿئي پر جلدي پڇاڙيءَ ۾ ان جي برخلاف معلوم ٿئي . هن صنعت ۾ اڪثر لفظ 'مگر'، پر ، ليڪن ۽ سواءِ ڪم ايندا آهن مثال :-

زلف ڏنگا ، مگر سنئون تس قد
بت سگهو تس ، مگر اڪيون بيمار

## (١٣) صنعت لفّ و نشـــر

**صنعت لف ونشر :-** 'لف' جي لغوي معنيٰ ويڙهڻ ۽ 'نشر' معني کولي پکيڙڻ . جڏهن شاعر پهرين مصرع ۾ ڪي شيون مختصر طرح بيان ڪري ۽ پوءِ ٻئي مصرع ۾ وضاحت سان کولي سمجهائي ، تنهن کي صنعت لف ونشر چئبو آهي. مثال :-

حلاوت سان ، مزي سان ، لطف شيريني سان پريل آهه
زبان پنهنجي ، سخن پنهنجو ، ڪلام پنهنجو ، بيان پنهنجو

## (١٤) صنعت مراعات النظير

شاعر شعر ۾ هڪ شيءَ جو نالو آڻيندو آهي ته ان سان گڏ ٻين ڪيترين نسبت رکندڙن شين جو ذڪر ڪندو آهي . مثال :-

چو ڏکي ٿي دل تنهنجي انديشۂ طوفان کان؟
ناخدا تُون، بحر تون، ڪشتي بہ تون، ساحل بہ تون

## (١٥) صنعت متضاد

**صنعت تضاد**:- هن کي تضاد يا ضد بہ چوندا آهن هن صنعت ۾ اهڙا لفظ ڪم ايندا آهن، جي هڪ ٻئي جا ضد هوندا آهن. مثال ـــ

رات ويئي تہ ڏينهن ٿيو ظاهر
شام گذري تہ ٿيو سحر پيدا
(عبدالله عبّد)

## (١٦) صنعت مبالغو

ڪنهن ڳالهہ کي وڌاءِ اهڙي طرح بيان ڪجي، جو عقل کان بعيد ۽ جو اعتبار ۾ نہ ايندي هجي.

ڪانڌي ڪنگ ٿياس وهڻ جنازو سوهڻي
ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلا تن ڏنـــاس
اکين ملڪ ڏٺاس، توءِ من ڪاڍو مهار ڏي

ڪنگ ۽ ٻگهن جو سوهڻي جي جنازي کي ڪلهو ڏيڻ ۽ اکين سان فرشتن کي ڏسي ميهار جو قاصد سمجهڻ، هي تخيل جو ڪرشمو آهي ۽ شاهہ صاحب هتي مبالغي کان ڪم ورتو آهي.

## (١٧) صنعت حسن تعليل

شاعر ڪنهن شيءِ جي ڪا صفت بيان ڪري ۽ ان لاءِ ڪو

سهڻو سبب ڏيکاري جو حقيقت ڪري سبب نہ هجي ۽ فقط شاعراڻو خيال هجي.

مثال:- تاچشم تو ريخت خون عشاق
زلف تو گرفت رنگ ماتم

هتي رنگ جي ڪارانڻ لاءِ شاعر پنهنجو خيالي سهڻو سبب ڏئي ٿو.

ترجمو:- تنهنجون اکيون عاشق جو رت وهائڻ ٿيون.
تنهنجا زلف ان جي ماتم ۾ ڪارا ٿيا آهن.

# امتحاني سوال

١- علم بديع ڇا کي چئجي؟

٢- صنعت مان ڪهڙي مراد آهي؟ ۽ ان جا قسم سمجهايو.

٣- صنعت لفظي ۽ صنعت معنوي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

٤- تجنيس جا ڪيترا قسم اوهان سکيا آهيو؟ ڪن بہ ٻن تجنيسن جي سمجهاڻي مثالن سميت ڏيو.

٥- هيٺين مان تجنيس ۽ صنعتون چونڊيو:-

(١) تون جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي
فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ اي پروڙج بات

(٢) هن ڪيرايا ڪيترا مٿان ماڙين مير.

(٣) اسان جا دشمن اسان جا مددگار آهن.

(٤) ڪوٽ جي استر کي هڪڙيءَ استريءَ ڪٽي استري.

(٥) پارساجو ظاهري تون "پوش" ڪر
پوءِ باطن ۾ پيو مئي "نوش" ڪر
(٦) خط وڌيو پڻ زلف ۽ ڪاڪل وڌيا، گيسو وڌيا
حسن جي سرڪار ۾ جيڪي وڌيا، هندو وڌيا

٦ــــ صنعتون مراعات النظير، لف و نشر ۽ حسن تعليل
کولي سمجهايو.

# پاڱو چوٿون

## باب پهريون

# اصطلاح ۽ پهاڪا

ٻولي کي سواري ۽ وڻندڙ نموني پيش ڪرڻ مهل لکڻ خواه ڳالهائڻ ۾ اصطلاح ۽ پهاڪا ڪم آڻيندا آهن. اصطلاح ان کي چئجي جنهن جي لفظي معنيٰ ۽ رواجي معنيٰ ۾ فرق هجي يعني لفظي معنيٰ هڪڙي هجي ۽ رواجي معنيٰ ٻي.

جئن ته :-

| اصطلاح | لفظي معنيٰ | رواجي معنيٰ |
|---|---|---|
| (١) اُڀ ڦاڙڻ. | آسمان کي چيرڻ. | ٻناڪ هڻڻ. |
| (٢) اکين اڳيان ڦرڻ | سامهون ڏسڻ ۾ اچڻ. | ياد پوڻ. |

**اصطلاح** جي لفظي معنيٰ ڏي ڌيان ڏيڻ نه گهرجي پر سندس رواجي معنيٰ کي سمجهڻ ضروري آهي ۽ اهو ئي ڪم آڻجي.

**پهاڪو يا چوڻي** اُها آهي جنهن ۾ ڪو عقل يا ڏاهپ جو نڪتو يا ڪا حقيقت ٿورن پر سُٺن لفظن ۾ جاٽايل هجي

ٻوليءَ کي رنگين ڪرڻ لاءِ منهجس مناسب جاءِ تي اهڙا ٻهاڪا ، چوڻيون يا اصطلاح ڪتب آڻڻ گهرجن جي نهڪي اچن ۽ ٻڌندڙ يا پڙهندڙ کي به اُن مان مزو اچي .

# ڪي ٻهاڪا هيٺ ڏجن ٿا :-

## ①
## اڻ گهريو ماءُ به پٽ کي ببو نه ڏي.

هن جو مطلب هي آهي ته ڳالهائڻ بنا رڳي ماٺ ڪري ويهڻ مان ڪو به فائدو ڪو نه ٿيندو . ماٺ ڪرڻ مان ڪير به مطلب کي نه پهچندو . ياد رکڻ گهرجي ته بنا چوڻ جي ڪو به ڪم نٿو ٿئي .

## ②
## بي عقل دوست کان دانا دشمن ڀلو.

هن جو مطلب هي آهي ته نادان دوست مان هر وقت خطرو رهي ٿو . نادان دوست پنهنجي ناداني ڪري پنهنجي دوست کي تڪليف ۾ وجهي سگهي ٿو عقلمند دشمن مان اهڙو نقصان ورلي ٿو پهچي . تنهن ڪري هن ٻهاڪي جو مطلب آهي ته بي وقوف جي دوستيءَ مان سر وڃڻ جو خوف آهي .

## ③
## ٻه گدرا هڪ مٺ ۾ نه ماپن

هن جو مطلب هي آهي ته ساڳئي وقت ٻن خاص ڪمن ۾ ڪامياب ٿيڻ مشڪل آهي ، جيستائين دنيا جي ڏندن ڪان

پاڻ نہ چڏائيو تيستائين ڏڻي تعاليٰ ۾ اميد نہ رکجي .
لالچي انسان لاءِ هي پهاڪو استعمال ڪندا آهن .

(٤)

## تڪڙي ڪتي انڌا ڄڻي .

هن جو مطلب هي آهي تہ انسان کي اجائي اُبهرائيءَ
تڪڙ ڪرڻ نہ گهرجي . جيڪو ماڻهو ڪم ۾ اجائي تڪڙ ڪندو
تنهنجو ڪم رلندو . اِئين پڻ چئبو آهي :-

## تڪڙ ڪم شيطان جو .

(٥)

## بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي .

انسان پاڻ بي وس آهي . وٽ جا پن بہ ڏڻي تعاليٰ جي
مرضي سان چرندا آهن . ڪوبہ ڪم ڏڻي تعاليٰ جي مرضي
کان سواءِ نٿو ٿئي . هن پهاڪي جو مطلب آهي تہ انسان ڪيترو
بہ چاهي تہ فلاڻو ڪم ڪريان ، پر جيستائين ڏڻي تعاليٰ جو
حڪم نہ ٿئي تيستائين ڪجھ بہ ڪو نہ ٿيندو .

(٦)

## اهڙو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني

عورتون گهڻو ڪري سينگار واسطي ڪنن ۾ سون جا
زيور پائينديون آهن . پر ڪڏهين زيورن جي بار سببان
ڪن ڇڃي يا ڇجي پوندا آهن . تنهن ڪري هن جو مطلب
آهي جو ڪم فائدي واسطي ڪجي تنهن مان مورڳو نقصان
پهچي سو ڪم گهوريو . اردو ۾ چوندا آهن : "پهٽ پڙي
وه سونا جس سے ٽوٽين ڪان" فارسي ۾ پڻ چوندا آهن :

"از پسر ناخلف دختر بهتر ."

(٧)

## اُستاد جي مار، پار لاءِ سنوار.

هن جو مطلب هي آهي ته استاد سيکارڻ ۾ سنئين وات ڏيکارڻ مهل جيڪڏهين مجبور ٿي پار کي ماري ، ته تنهنجي شڪايت نه ڪرڻ گهرجي. اِها مار پار لاءِ فائدي مند آهي. فارسي ۾ پڻ چوٽي آهي : "جور استاد به زمهر پدر" يعني استاد جو ظلم پيءُ جي مهرباني کان چڱو آهي .

(٨)

## اهوڪر جو مينهن وسندي ڪماچيئي.

هن جو مطلب آهي ته پنهنجي ڪمائي مان ڪجھ بچائي ته ڏکئي وقت ڪماچيئي ۾ ٻين جي اڳيان هٿ ٽنگڻو نه پوي

(٩)

## اندي وڃي ملتان لذو

هن جو مطلب آهي ته جيڪو ٻين کان پڇندو رهندو سو ضرور وڃي منزل مقصود کي پهچندو . اِئين به چوندا آهن : **پڇندڙ نه منجهندڙ** . اردو ۾ چوندا آهن : "پوچھتے پوچھتے دلّي پهنچ جاتے هيں". فارسي ۾ چوندا آهن : "جوئنده يابنده ."

(١٠)

## اندو هاٿي لشڪر جو زيان .

جئن اندو هاٿي پنهنجي ئي لشڪر کي لتاڙي ماريندو آهي ، تئن بي وقوف دوست کان نقصان پهچڻ جو انديشو

رهي ٿو.

١١

## آئي ٽانڊي ڪاڻ بورچاڻي ٿي ويٺي.

هن جو مطلب آهي ته پرائي گهر ۾ ٿوري وقت لاءِ اچي پناه ورتائين ته گهر جو مالڪ ٿي وينو.

١٢

## اَجاڻ کي جهڙي مصري، تهڙي ڦٽڪي.

ڦٽڪي جو رنگ مصري جهڙو آهي پر سواد ۾ گهڻو فرق آهي. اَجاڻ ماڻهو ٻنهي کي ئي هڪ جهڙو سمجهندو جڏهين ڪو ماڻهو اڻ ڄاڻائي ڪري ڪنهن ڪم کي نه سمجهي ته اهو پهاڪو استعمال ڪندا آهن.

١٣

## ڏڪي ڇڏي سڄي پڻيان ڊوڙي تنهنجو اڌ به وڃي.

مطلب هي آهي جو لالچ ڪري ٿورو ڇڏي گهڻي پٺيان ڊوڙندو ته اهو ماڻهو اِهو ٿورو به هٿان وڃائيندو.

١٤

## ڀلي اُٺ پنهنجي مُت تان ترڪي.

مطلب هي آهي ته ڀلي بدچال ماڻهو پنهنجي لچڻ ڪان پاڻ بچڙو ٿئي ۽ ماڻهن ۾ خوار ۽ ذليل ٿئي.

١٥

## اُٺ بڍو، تر به ڪنوات لهي

ڪنوات يعني ننڍو اُٺ يا نئون سکيل. جڏهن اُٺ بارکڻڻ ۾ ڪنوات کان وڌيڪ آهي تڏهن آزمودگار ۽ تجربي ڪار ماڻهو

نٿين سگهيل کان وڌيڪ هوشيار آهي.

(١٦)

## اَگهه ڪنيو ڪائجي، وَٽ ڪنيو نه ڪائجي.

واپار ۾ اگهه مهانگو يا سهانگو وڪڻ واپارين جي وس جي ڳالهه آهي. پر سهانگو ٻولي تور ۾ گهٽ ڏيڻ بي ايماني آهي، اهو ڪم هرگز نه ڪجي.

(١٧)

## اڳياڙي تڏهين سُرهي، جڏهين پڇاڙي سُرهي.

جڏهن ڪنهن جا پويان ڏينهن چڱا گذرن ته چئبو ته هن کان اڳيان ڏينهن به چڱا گذريا هوندا. دوستي رکجي ته پڇاڙي تائين نباهجي.

(١٨)

## اهازبان اُس ۾ ويهاري، اهازبان ڇانوَ ۾ ويهاري.

مطلب هي آهي ته جيڪو ماڻهو ٻين سان ادب سان يا مٺو ڳالهائيندو تنهن کي سڀ ڪو ڀائيندو ۽ پيار ڪندو. جتي تتي اهو ماڻهو مانُ پائيندو. بي ادب ۽ ويڙهو، ڪوڙو ۽ زبان دراز هر وقت، جتي ڪٿي بي مانو ٿيندو. اِئين به چوندا آهن:-

**”زبان آهي ننڍڙي، پر آهي وڏه جي ڳنڍڙي.“**

(١٩)

## چپ جو ترڪڻ کان پير جو ترڪڻ چڱو آهي.

مطلب هي آهي پَير جو ترڪيل ماڻهو ٿورو گهڻو ڏک ڏسندو پر زبان مان اجائي ڳالهه يا بڪ بڪ ڪرڻ ڪري دِل ٿي ۽ هميشه لاءِ ناراضپو ٿئي ٿو.

(٢٠)

## اُپرندي تاءَ جنهن نه ڪيو، سو الهندي ڇا ڪندو

مطلب هي آهي ته ننڍپڻ يا شروع ۾ جو ماڻهو ڪجهه نٿو ڪري سو وڏپڻ يا ٻڍاپڻ ۾ ڇا ٻوٽو ٻاري سگهندو.

(٢١)

## اُٺ ڪي لاٺو، گهوڙي ڪي داڻو
## مرد ڪي ناڻو، محبوب ڪي ماڻو

لاڻو هڪڙو جهنگلي گاهه جو قسم آهي، جو اُٺ کي ڏاڍو پسند آهي. اهڙي ريت گهوڙي کي داڻو، ماڻهو کي دولت ۽ محبوب کي ناز نخرو پسند آهي.

(٢٢)

## اَنڌا رکن روزا، تڏهين ڏينهن به ٿين وڏا.

مطلب هي آهي ته سُست، ٿوري ۽ نياڳو ماڻهو جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو سو جيڪڏهين سَولو هوندو تڏهن به ڏکيو ٿي پوندو.

(٢٣)

## ٻه پائر، ٽيون ليکو

مطلب هي آهي ته وهنوار توڙي سڳي ياءُ سان هجي تڏهن به وهنوار آهي.

(٢٤)

## اُٺندو اُها، جا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي.

مطلب هي آهي ته خُدا وند تعاليٰ ڪي جيڪي وڻي سو ڪري.

(٢٥)

## ٻُڪ ٻيڙو ٽوَل دانا ديوانا ڪري.

مطلب هي آهي ٻڪ سڀ ڪان ٻيڙي بلا آهي. هوءَ سياڻن ڪي به چريو ڪري.

(٢٦)

## ٻيڙو ڪتو ڏٽي پٽائي

'ڏٽي پُٽائي' معنيٰ مالڪ کي گاريون ڏياري. مطلب هي آهي ته جيڪڏهين ڪو ڪتو ڪنهن ماڻهو کي پٽي ٿو ته هو از خود سندس مالڪن کي بد الفاظ ڳالهائيندو. تنهن وانگر جو ماڻهو ٻيڙو ۽ بد اخلاق ٿيندو، هو پنهنجن ماڻٽن کي شرمندو ڪرائيندو.

(٢٧)

## اکري ۾ منڍو وجهن، سي مُهري ڪان نه ڊڄن

اُکري هڪ ڪاٺ جي پوري شيءِ آهي ۽ مُهري ڪاٺ جي هڪ ڊگهي شيءِ آهي جنهن سان اکري وارو ان ڪُٽيجي. مطلب هي آهي ته عاشق دنيا جي لعنت ملامت جو هرگز پرواه ڪو نه ڪندو آهي. اردو ۾ چوندا آهن: "اوکهلی میں سر دیا تو موسلوں کا کیا ڈر."

(٢٨)

## ٻڪري کي ساس جي، ڪاسائي کي ماس جي.

جهڙي طرح ڪاسائي ٻڪريءَ کي کڻ لاءِ ليٽائيندو آهي ۽ هوءَ دانهون ڪندي آهي پر ڪاسائي پنهنجي مطلب واسطي هن گگدامر جي دانهون ۽ ڪوڪن تي ڪو به ڌيان

ڪونہ ڏيندو آهي ۽ هن ڪي ڪهندو آهي - تهڙي ريت ، مظلوم تي ظالم بہ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ظلم ڪندو آهي.

(٢٩)

## ٻڪري جنهن وڻ سان ٻڌجي، سوئي وڻ ڪاٽي.

مطلب هي آهي . ڏنو ويو آهي تہ جنهن سان ماڻهو چڱائي ڪندو، اهوئي اڪثر هن لاءِ ڪڏ کوٽيندو -

(٣٠)

## اَن ٻلي ذات ٻلي

ٻلي اَن رکڻ جي جاءِ آهي، جنهن ۾ ٻهراڙين جا ماڻهو اَن رکندا آهن . مطلب هي آهي تہ جنهن ماڻهو جي گهر اَن سان ڀريل ٻلي آهي سو دولت مند سڏبو آهي.

(٣١)

## اُپ ڦاتي ڪي بہ ڪڏهين اڳڙي پوي.

مطلب هي آهي تہ جنهن ڪم جو ٿيڻ ناممڪن آهي ، تنهن لاءِ ڳڻتي نہ ڪائجي .

(٣٢)

## ٻليءَ کي خواب ڇڇڙا

مطلب هي آهي تہ بدمعاش ماڻهو سدائين بدمعاشي ۾ رذل رهي ٿو . اردو ۾ پڻ چوندا آهن: "بلی کے خواب میں چھیچھڑے".

(٣٣)

## ٻُگَڙن ڪاڏي هٿ ڏوتا پيا آهن .

مطلب هي آهي تہ جي ٻُري ڪمن ۾ هٿ وجهبو تہ ڳڻتي

رهندي نہ تہ کھڙو دپ.

(٣٤)

## پڄندڙن جي اڳ ۾ لڪندڙن جي پوءِ ۾.

مطلب هي آهي جيڪي ماڻهو ٻن دوستن جي وچ ۾ ڦيٽارو پيدا ڪن ٿا انهن لاءِ اهو پهاڪو ڪتب آڻيندا آهن.

(٣٥)

## تاڙي هڪ هٿ نہ وڄي

دوستي يا دشمني جڏهن ٻن ڌرين جي دل ۾ پوي تڏهن اثر ڪري. يعني ٻن ڌرين جي رضامندي سان ڪم ٿئي ٿو. اُردو ۾ چوندا آهن: "تالي ايک هاتھ سے نهيں بجتي."

(٣٦)

## تيل سهانگو هو، تہ جيڪر گدڙن پڇ مکيا.

سيکڻهن ڪم لاءِ عقل، عِلم ۽ محنت جي ضرورت ٿئي ٿي. دُنيا ۾ ڪو بہ ڪم سوَلائيءَ سان ٿي ڪو نہ سگهندو.

(٣٧)

## ٽِرجي گٽي، سوچو نون ڪائي

ٿوري جي پرواهي يا اَڻ جاڻائي ڪري ماڻهو گهڻي تڪليف ۾ وڃي پوندو.

(٣٨)

## ٿوري ڪتيءَ گهڻي برڪت.

ڪفايت شعار، ڪمائي گهٽ هوندي بہ سکيو وقت گذاريندو آهي. ايمان داريءَ سان گهٽ ڪمائي ۾ بہ برڪت آهي.

(٣٩)

## ڏڏو گهڙو پاڻ کي پاڻ چانوَ ۾ رکائي.

وفادار، ايماندار ۽ هڏ ڏوکي ماڻهو هر وقت ۽ سڀ کنهن وٽ مانُ پائيندو.

(٤٠)

## ٿورو ڏسي ارهو نہ ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نہ ٿجي.

انسان کي سڀڪنهن وقت ڌڻي تعاليٰ جو شُڪر ادا ڪرڻ گهرجي. سک ۽ ڏک سڀ الله تعاليٰ جي وس آهي.

(٤١)

## ٽٽونءَ کي ٽارو، تازي کي اشارو.

بي وقوف ماڻهو ڦٽ لعنت سان ڪم ڪري ٿو. اهو ڪم سياڻو ماڻهو اشاري ملڻ سان پورو ڪري ٿو. اُردو ۾ چوندا آهن: "ڀلے گهوڙے کو ايک چابک، ڀلے آدمی کو ايک بات". فارسي ۾: "عاقل را اشاره کافی است".

(٤٢)

## نونت لڳي، ساهيڙي ڀڳي.

دوستي دائمي هئڻ گهرجي. ٿوري گهڻي ڳالهہ تي دوستي ڀڃڻ مناسب نہ آهي.

(٤٣)

## ٻرائي ڏيءَ تان ڪارڪ ٻہ ڇڳي.

مطلب هي آهي تہ بنا محنت يا ڪوشش جي ڪو فائدو پهچي، پوءِ اهو ڪٿي ٿورو هجي تہ بہ چڱو. فارسي ۾ چوندا آهن: "مفت راچہ بايد گفت".

(٤٤)

## پنهنجي ڪئي جو نڪو ويج ، نڪو طبيب.

جو ماڻهو پاڻ پنهنجو زيان ڪندو ، تنهنجو ڪهڙو علاج. فارسي ۾ چوندا آهن : "خود کرده را علاجي نيست". اردو ۾ "آپ اپنے حق میں کانٹے بونا".

(٤٥)

## پاڻي ڪان اڳ ڪپڙا نہ لاهجن

مطلب هي آهي تہ اڳ ڪتي ڪيل ڳالهہ لاءِ فڪر ڪرڻ يا پريشان رهڻ سياڻپ نہ آهي.

(٤٦)

## پرڻ چوي ڏونگهي ڪي وچ تہ ننگا.

ماڻهو پنهنجن عيبن ڏي نٿو ڏسي. پاڻ ۾ گهڻن عيبن هوندي بہ ٻين ڪي مهڻو ڏيڻ.

(٤٧)

## پرائي ماڙي ڏسي پنهنجو ڀنگو نہ ڊاهجي.

مطلب هي آهي تہ وت آهر خرچ ڪجي ، ٻين سان ريس نہ ڪجي.

(٤٨)

## پاڻ نہ پلي ، لوڪان متيون ڏئي.

مطلب هي آهي تہ ٻين کي روڪي ٿو پر سا ڳيو ڪم پاڻ ڪري پيو.

(٤٩)

## پاڻ نہ پاري ، ڪتا ڏاري.

مطلب هي آهي تہ گهٽ ڪمائيندڙ ماڻهو جڏهين فضول خرچ ڪندو آهي تہ اهو پهاڪو ڪتب آڻيندا آهن .

٥٠

## پرائي دهلين احمق نچي

جيڪو ٻين جي ڪمن ۾ خواه مخواه ٽپي اچي تہ اهو پهاڪو ڪتب آڻيندا آهن .

٥١

## ٻلا ڇڏي پاپي ڪو ڪتل ڪـــڳا ڪائي .

مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن ڏٺي تعالىٰ ڪنهن تي مهربان ٿئي ۽ هن کي آسودو رکي پوءِ هو بصر سان ماني ڪيئن کائي .

٥٢

## پنهنجي گهر ۾ ٻلي بہ شينهن

غريب توڙي شاهوڪار سيڪو پنهنجي گهر ۾ چڱ ڀتہ راجا آهي.

٥٣

## پوءِ ڏائي ڪان قرض نہ ڪـٽجي ، توڙي لـڪ لٽائي .

مطلب هي آهي تہ نٿين ڏاول ڪان ڪڏهن بہ قرض نہ ونجي .

٥٤

## پيٽ پر ، پٺي لڏ

مطلب هي آهي تہ نوڪر يا مزدور کي چڱي طرح کارائجي ، تہ هو اطمينان سان ڪم ڪري .

(٥٥)

## پڙهي پاڻ نہ ڄاڻي ماري ڪتابي

جيڪو پاڻ نہ ڄاڻي، سو ٻئي کي ڇا سيکاريندو . اُردو ۾ چوندا آهن : " ناچ نہ جانے آنگن ٹیڑھا ."

(٥٦)

## پڙهڻ، ترڻ، تيرهڻ، چوٿين سواري
## ننڍي هوندي نہ سکيو، وڏي هوندي خواري

پڙهڻ، ترڻ، تيراندازي ڪرڻ ۽ گهوڙي سواري، اِهي ڪم ننڍپڻ ۾ سکڻ سولا آهن، وڏ پڻ ۾ انهن جو سکڻ ڏاڍو مشڪل آهي .

(٥٧)

## پٽ ٿي گذار تہ سگهوئي پيءُ ٿيندين .

مطلب هي آهي تہ نئڙت، ادب ۽ فضيلت وارو ماڻهو جلدي ئي مانُ پائيندو .

(٥٨)

## ڦڙي ڦڙي تلاءُ .

ٿورو ٿورو گڏ ڪبو تہ گهڻو ٿي پوندو . فارسي ۾ چوندا آهن تہ "قطره قطره دريا مي شود ."

(٥٩)

## پڳ ڪان ٻتانو وڏو .

حقيقي ڳالهہ ٻڌائڻ مهل خواه مخواه ڳالهہ کي ديگهہ ڏجي تہ هي پهاڪو استعمال ڪندا آهن . اٿين بہ چوندا آهن :

**تِيلي مان ٿنڀ ."**

(٦٠)

## پيٽ پريو تہ منھن ڪارو سھي .

ڪميڻي ماڻھو ڪي فقط ماني جي ڳڻتي ٿئي ۽ عزت جو فڪر ڪونھي.

(٦١)

## جھڙي ڪرڻي تھڙي پرڻي

مطلب ھي آھي ، نيڪ يا بد ، جو ٻئي لاءِ ڪندو يا سوچيندو سو پاڻ لوڻيندو . اردو ۾ پڻ چوندا آھن ؛ "جيسي کرنی ، ويسی بھرنی ."

(٦٢)

## جنھن ساس ڏنو آھي ، سو گراس بہ ڏيندو .

گراس معنيٰ آھي کاڌي جو گرھ . جنھن خلقيو آھي سو ضرور سار سنڀال لھندو ۽ کاڌو ڏيندو .

(٦٣)

## جيڪي ھوندو ڀاڳ ۾ ، سو وھي پوندو پاڳ ۾ .

مطلب ھي آھي تہ جيڪي نصيب ۾ لکيل ھوندو ، سو ضرور ملندو .

(٦٤)

## جيري لاءِ ٻڪري نہ ڪھجي .

ٿوري مطلب کان گھڻو نقصان نہ ڪجي .

(٦٥)

## جتي وڻ نہ آھي ، تتي ڪانڌيرو بہ درخت .

جتي سڀ اڻ پڙھيل ھوندا آتي ٿورو پڙھندڙ بہ غنيمت آھي

(٦٦)

## جيئرو ته لک جو، مئو ته ڪک جو

هي هڪ ڳجهارت به آهي ته انسان جيئري هزارين لکين رپيا ڪمائي ٿو پر مُئي ڪانپوءِ سندس مُلهه ڪک برابر آهي.

(٦٧)

## جنهن جو وات نه وڃجي، تنهن جو پنڌ به نه پڇجي.

مطلب هي آهي ته جنهن ڪم سان مطلب نه هجي تنهن جي پڇا ڳوڇجي؟

(٦٨)

## جو ڏيري، گڏهه رکوال

مطلب هي آهي ته امانت جيڪڏهين خيانت واري ماڻهو جي سپرد ڪجي، تنهنجي سلامت رهڻ جو ڪهڙو ڀروسو.

(٦٩)

## جهڙي پِت، تهڙو چِت

مطلب هي آهي ته جي پت لسي آهي ته مٿس چِٽ به چڱو ٿيندو. جي ڪنهن ماڻهو جو ارادو نيڪ آهي ته ڦل به چڱو ملندس.

(٧٠)

## جهڙي نيت، تهڙي مراد

چڱي نيت جو ڦل به چڱو ۽ بري نيت جو نتيجو برو.

(٧١)

## جيڪي ڪني ۾ هوندو، سو پاٽ ۾ پوندو.

جي ڪني ۾ پُلاءُ رڌل هوندو ته پُلاءُ، جي رب رڌل

هوندي تہ رب پاڻ ۾ پوڻ گهرجي. جيڪو چڱو ڪندو سو ڦل بہ چڱو حاصل ڪندو. بُري ڪم جو انجام بہ بُرو هوندو.

٧٢

## جهڙا روح، تهڙا ختما

هر هڪ ماڻهو کي سندس لياقت آهر عزت ڏيڻ گهُرجي. اُردو ۾ چوندا آهن: "جيسي رُوح ويسے فرشتے"

٧٣

## جهڙا ڪانوَ، تهڙا ٻچا.

ڪانوَ هڪ سياڻو پکي آهي. مطلب هي آهي تہ سياڻي ماڻهو جو ٻار بہ سياڻو ٿئي.

٧٤

## جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا.

دولت مند ۽ شاهوڪار، بادشاهہ ۽ اميرکي، فقير ۽ غريب کان وڌيڪ ڳڻتي ٿئي ٿي.

٧٥

## جهڙي سٺ، تهڙيون ٿي ويهون.

بي وقوف ماڻهو پنهنجي اڻ ڄاڻائي ڪري هڪڙي ئي ڳالهہ ۾ فرق سمجهي تہ هي ڀاڪو ڪتب آڻيندا آهن. هن کي ائين بہ چوندا آهن:

سي ادائي، سي سادا بہ.

٧٦

## جيءُ خوش تہ جهان خوش.

جي ماڻهو پاڻ سکيو ۽ آباد آهي، تنهن جي ليکي ساري دُنيا

سکي آهي .

٧٧

## چٽ جي چمار، ملوڪ جي رات

نادان جي دوستي ۾ سڄي چمار وڃائبي تہ بہ ڪجھ ڪين پرائبو. پر دانا جي هڪ گهڙيءَ جي صحبت مان گهڻو فائدو پهچندو .

٧٨

## چريءَ جو چوڙو، ڪڏهين ٽنگ ۾ ڪڏهين ٻانهن ۾ .

چريو ماڻهو بيوس آهي . ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ رهي ٿو.

٧٩

## چريا چرين گڏيا، ادا عيد مبارڪ .

مطلب هي آهي تہ چرين کي دوستي پڻ چرين جي وڻي ٿي.

٨٠

## چرين ڪهڙا چت، مٺن ڪهڙا معاملا

جئن مئل ماڻهو دنيا جي ڳڻتي فڪر کان آزاد آهي . تئن چريو بہ دنيا جي ڏنڌن کا ڇٽل آهي .

٨١

## چري ڦٽ ۾ بہ خوش .

بي وقوف ماڻهو کو نادانيءَ جو ڪم ڪري ۽ کو سياڻو ڳالا جي صورت ۾ هن جي تعريف ڪري ، اهو بي وقوف سچ پچ ساراه سمجهي ڏاڍو خوش ٿيندو .

(٨٢)

## چڱو ڪر تہ چڱو ٿئي ٿي

چڱائي جو نتيجو سدائين چڱائي آهي. اِئين پڻ چوندا آهن تہ

## ڀلو ڪر تہ ڀلو ٿئي ٿي

(٨٣)

## چڱا سي، جن جا پويان چڱا.

اولاد جي نيڪ ۽ صالح آهي تہ والدين جو نالو چڱن ماڻهن ۾ شمار ٿيندو آهي.

(٨٤)

## چاڪري چور، نيوالي حاضر

مطلب هي آهي تہ ڪم چور ماڻهو ڪم جي وقت وڃي لڪي ويهي رهي ٿو پر کاڌي وقت سڀني کان اڳ ويٺو هوندو.

(٨٥)

## جبل سان متو هڻئين، نيٺ متو ڀڄي.

مطلب هي آهي تہ ماڻهو پاڻ کان ڏاڍي سان وير رکندو تہ ضرور پاڻ کي نقصان پهچائيندو.

(٨٦)

## جنهن جو ڪم اهو ئي ڪري، ٻيو ڪري تہ گهانو پري.

مطلب هي آهي تہ جيڪو ڪم جو ڄاڻو آهي سو اهو ڪم سولائي سان ڪري سگهندو. اَڻ آزمودگار ۽ اَڻ ڄاڻ ڪم کي بگاڙيندو.

(٨٧)

**جو واءُ جبل اڏائين، تنهن جي اڳيان ڪپهہ ڇا آهي.**

مطلب هي آهي تہ جنهن ڏاڍي ڪان همت وارو پڻ ڏجي، تنهن جي اڳيان ٻي همتو ۽ ڪمزور ڇا آهي.

(٨٨)

**جيڪي لکيو منجهہ ازل، تنهن کي ڪير وجهي جهل.**

مطلب هي آهي تہ قسمت جو لکيل ضرور ٿيڻو آهي. تنهن کي ڪو بہ روڪي ڪونہ سگهندو.

(٨٩)

**جيڪو ڪري گيهہ، سو نہ ڪري ماءُ پيءُ**

مطلب هي آهي تہ پئسي سان انسان هر ڪا شيءِ حاصل ڪري سگهي ٿو. اُردو ۾ چوندا آهن: "دام بنائے کام"!

(٩٠)

**جيڪو ڏاڍو، سو گابو.**

مطلب هي آهي تہ ڏاڍي ماڻهو کي جئن کپي، تئن ڪري سگهي ٿو. اُردو ۾ چوندا آهن: "جس کی لاٹھی اس کی بھینس"!

(٩١)

**جتي لوڀي هجن تتي ٺوڳي بک نہ مرن.**

لالچ بُري بلا آهي، تنهن ڪري لالچي ماڻهو کي ٺڳ سولائي سان ڦري سگهي ٿو. هي پهاڪو اِئين بہ چوندا آهن:

**"لوڀي سندي راڄ ۾ ٺوڳي مري نہ بک."**

(٩٢)

**خون ڪتوري ڳجها نہ رهن**

ڪٿوري کي ڪيترو به ڪٺي لڪائجي ته سندس خوشبوءِ نه لڪي. اهڙي طرح خون کي به لڪائي نٿو سگهجي.

٩٣

## دال روٽي ڪاڏي ڏن ڪٽي، ته ڪنڻ ڏي.

مطلب هي آهي ته دال روٽي کائڻ قناعت جي نشاني آهي. قناعت وارو ماڻهو ڪڏهين ڪونه ڪٽندو.

٩٤

## دل ڪوٽي ته عذر گهڻا.

ماڻهوجي دل ۾ کوٽ هوندو ته بي شمار بهانا ڪري سگهي ٿو.

٩٥

## دائي کان ڪو پيٽ ڳجهو آهي

مطلب هي آهي ته خداوند تعالىٰ جي اڳيان سڀ ڪجهه روشن آهي.

٩٦

## دل ڪاريءَ کان منهن ڪارو چڱو آهي.

مطلب هي آهي ته دل ۾ کوٽ، مڪاري، دغا ۽ ٺڳي رکي پاڻ کي بزرگ پيش ڪرڻ کان بهتر آهي ته پاڻ کي اصلي روپ ۾ ظاهر ڪجي.

٩٧

## ڀڳو گهڙو ڀان ڀان ڪري.

مطلب هي آهي ته جيئن ڀڳل گهڙي جو کڙڪو خراب، تيئن بيوقوف ماڻهو جو ڳالهائڻ اجايو.

(٩٨)

## ڏکوڪٽجي پاءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ .

پاءُ لاءِ وڙهجي پر جيڪڏهن شاهدي ڏيڻي پوي ته هميشه سچ ڳالهائي .

(٩٩)

## ڏاهو ڪانءُ پہ ڄنگهو ڦاسي

سياڻو ماڻهو تمام مشڪل سان ڦاسي ٿو. پر جيڪڏهن ڦاٿو ته پوءِ سندس ڇٽڻ بہ مشڪل ٿئي .

(١٠٠)

## ڏڌل کير ٿڻن ۾ نہ پوي .

مطلب هي آهي ته وقت هٿان نڪري ويو سو وري ڪٿان هٿ ايندو . اردو ۾ پڻ چوندا آهن : ”گيا وقت پهر هاتھ آتا نہيں“

(١٠١)

## ڏيئي کي پٺ ۾ اونده .

مطلب هي آهي تہ بعضي ماڻهو پنهنجا عيب لڪائي فقط پنهنجي تعريف ڪندا آهن .

(١٠٢)

## ڏنيجي گڏهہ سور ٿئي سانيءَ کي .

مطلب هي آهي تہ بعضي بد معاش ماڻهو کي سندس ڪيل ڪمن جي سزا ملي ٿي، تہ ڪي بيوقوف ان تي ارمان ڪندا آهن .

(١٠٣)

## ڏبرو ڍورن مچر گهڻا

مطلب هي آهي تہ ڪمزور ماڻهو کي سڀڪو ستائي ٿو .

(١٠٤)

**وار تہ ڦٽي، نہ تہ ڪوڙائي ڪٽي**
**ڏڻ تہ ڏٽي، نہ تہ وڪڻ ڪٽي**

ماڻهو پنهنجي شي پاڻ سنڀال ڪري تہ بهتر آهي، جي ڏڻ رکين تہ اُن کي پاڻ سنڀال، نہ تہ وڪڻي ڇڏ.

(١٠٥)

**ڏکڻ مينهن نہ وسنا، وسي تہ بوڙي**
**ڪانئر ڏک نہ هڻان، هڻي تہ جهوري**

ڏکڻ پاسي کان مينهن جو وسڻ ۽ ڪمزور يا ڊڄڻي ماڻهن جو وڙهڻ ناممڪن آهي. پر جي مينهن وسي تہ گهڻو نقصان ڪري ۽ پر جي ڊڄڻو ڌڪ هڻي تہ ڏاڍو هڻي.

(١٠٦)

**ڏني جو پٽ چڱو.**

مطلب هي آهي تہ جنهن کي ڪجهہ ڏيڻو هوندو، سو جڏهن ڏيندو تڏهن چڱو.

(١٠٧)

**ڏنو سڀ وسار، اَڻ ڏني کي ياد ڪر.**

مطلب هي آهي تہ هن ظاهري دنيا کي وسار فقط ڏٺي تعالىٰ کي ياد ڪر.

(١٠٨)

**باليتو تہ ماليتو**

وڏي عيال وارو ماڻهو مشڪل سان وڃي شاهوڪار ٿيندو.

(١٠٩)

## ڍ ڄ تنهين جي ڍاءِ، جنهنجي وائي ڪي ورڳهٽا

مطلب هي آهي تہ جنهن ماڻهو جي زبان ڦرندي ڳهرندي آهي تنهن کان ڍپ ڪر.

(١١٠)

## ٻورو ٻڳو نہ ٿئي.

مطلب هي آهي تہ منجهيل ڳالهہ سمجھ ۾ نہ اچي.

(١١١)

## ڏاڏي جي لٽ ڪي ٻہ ممتا.

مطلب هي آهي تہ زبردست ماڻهو جيڪو ڪرڻ گهري ٿو سو ڪري سگهي ٿو.

(١١٢)

## اَڻ سرنديءَ سيڪو ٽري، ڪرو ڪو سرنديءَ ٽري.

مطلب هي آهي تہ اَڻ پڄندي وارو ازخود غريبي سان هلندو پر پڄنديءَ وارو جڏهن ڪفايت شعاريءَ سان هلي، تڏهن چڱو مڙس سڏجي.

(١١٣)

## رڍ اڳيان رباب، وڄائيندي ورهہ ٿيا.

بيوقوف ماڻهو کي ڳالهہ سمجهائڻ ۾ بہ تمام گهڻو وقت گهرجي. اِئين بہ چوندا آهن:

## "رڍ ڄا ڄاڻي رباب مان".

(١١٤)

## جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجهہ مقام

جيڪي ڌڻي تعالىٰ جا سچاپچا طالب آهن، تن کي مرڻ خواه جيئڻ، ڏک خواه سک، غم خواه خوشي، سڀ برابر آهن.

١١٥

## چا پندي چام ٿيو.

مطلب هي آهي ته ڪو پيدا ٿيندي ئي وڏو ماڻهو ٿئي ته اهو ڀاڳ ڪو ڪتب آڻيندا آهن.

١١٦

## سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي.

چڱي صحبت مان هميشه فائدو رهي ٿو ۽ بڇڙي صحبت سخت نقصان ڪار آهي.

١١٧

## سچ جي ٻيڙي لڏي، پر ٻڏي ڪين.

مطلب هي آهي ته سچ هميشه قائم آهي تنهن کي نه لهر ۽ نه لوڏو. ائين به چوندا آهن:

## سچ بيٺو نچ.

١١٨

## سکٽي ڪني گهڻو اُيامي.

جاڙو يا اشراف ماڻهو گهٽ ڳالهائي ٿو. نچ ۽ اَڻ جاڻ گهڻي ٻٽاڪ هڻي ٿو. ائين به چئجي ٿو:

## ٺلهو چڙو وڃي گهڻو

اُردو ۾ چوندا آهن: "جو گرجتے هيں وه برستے نهيں."

١١٩

## سِرُ ڏجي پر سُرُ نه ڏجي

سِرُ: مٿو ۽ سُر معني راز. مطلب هي آهي تہ سِرُ وڃي پرواہ نہ ڪجي پر دل جي ڳالھ اصل ظاهر نہ ڪجي.

(١٢٠)

## سڪن گڏ آلا ٻرن.

مطلب هي آهي تہ بد معاش جي صحبت ۾ اشراف کي پڻ نقصان آهي.

(١٢١)

## سوٽي هجي ساڻ تہ گڏھ گوھي نہ ڪري

مطلب هي آهي تہ بد معاش ماڻهو کي موچڙي کان سواءِ نہ ٿئي. ائين بہ چئجي:-

## چتي ڪتي جي دوا پتر.

(١٢٢)

## سرمو سيڪو پائي پر اک جو ڦير آهي.

مطلب هي آهي تہ جو ڪم سمجهو ۽ هوشيار ماڻهو جي هٿان سڌري سو ساڳيو ڪم نادان ۽ بي وقوف جي هٿان برباد ٿئي.

(١٢٣)

## سياري جي سوڙ سيڪو پاڻ ڏي سيري

هن دنيا ۾ سيڪو پنهنجو سک ڳولي ٿو.

(١٢٤)

## سڄڻ سڄي ٻانهن ڏئي، تہ سڄي نہ ڳھجي.

مطلب هي آهي تہ ڪو همدرد دوست ڀروسو ڪري ڪو ڪم سپرد ڪري تہ چاڙهي واٽي هن ڪم ۾ بي ايماني نہ ڪجي ۽

جيڪڏهن ڪو مهربان ٿئي ته اُن جي مهرباني مان غلط فائدو حاصل نه ڪجي.

(١٢٥)

## سلو سو، جو انگورين پلو

مطلب هي آهي ته ماڻهو ننڍپڻ ۾ چڱن عادتن وارو هوندو سو وڏپڻ ۾ به سڌرندو.

(١٢٦)

## سوي ڪري سينگار، ته به ڪودڙي پٽ ڪودڙو.

ڪميڻو ماڻهو ڪٿي چڱي صحبت ۾ رهي ته به اشراف ٿي ڪو نه سگهندو.

(١٢٧)

## سيڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگجي.

مطلب هي آهي ته جيڪو ڪندو سو پريندو.

(١٢٨)

## سوناري جا سو ڌڪ، لوهار جو هڪڙو ڌڪ

موڳو يا ٿوتي ماڻهو جنهن ڪم ڪي مس مس پورو ڪري سگهي ٿو انهي سا ڳئي ڪم ڪي سياڻو ۽ چالاڪ ماڻهو اشاري سان اڪلائي سگهي ٿو.

(١٢٩)

## سُتي شينهن کي اگر نه ڏجي

مطلب هي آهي ته جاڳي واٽي ڪنهن ماڻهو کي ستائڻ نه گهرجي.

(١٣٠)

## ست ڪٺا ڪانئي ٻلي حج چڙهي .

مطلب هي آهي تہ ڪي ماڻهو دنيا جي سيني بڇڙن ڪمن ۾ مصروف هوندي بہ ظاهري طرح نيڪ ۽ شريف ڏيکاري ڏين ٿا.

(١٣١)

## سيڪو پنهنجي هٽيءَ جو هوڪو ڏئي

مطلب هي آهي تہ سيڪو پنهنجي شيءَ جي تعريف ڪري ٿو.

(١٣٢)

## سڪيلڌو پٽ پينگهي ۾ پڌرو .

ماڻهو پنهنجي چال چلن مان ئي پڌرو ٿئي تہ اشراف آهي يا بدمعاش .

(١٣٣)

## سون پرکجي ڪسوٽي ، رپو پرکجي باهہ
## ماڻهو تڏهن پرکجي ، جڏهن ڪي ڳالهاءِ

مطلب هي آهي ، جيستائين ماڻهو مان ڪيو ويئو آهي ، تيستائين هن جي سياڻپ يا اياڻپ ، چڱائي يا برائي جي خبر نٿي پوي.

(١٣٤)

## سڄڻ پيڻان وڌيا ، وڏين پيڻان سڄا

مطلب هي آهي تہ بعضي اشراف جا ٻار لچ ۽ بدمعاش ٿين ، لچ ۽ بدمعاش جا ٻار شريف ٿين .

(١٣٥)

## ستين لنگھٽين ڪتو حلال

نهايت لاچاري وقت نہ ڪرڻ جھڙو ڪم بہ انسان کي ڪرڻو پوي ٿو. شراب جيتوڻيڪ حرام آهي پر دوائن ۾ ڊاڪٽر استعمال ڪندا آهن .

(١٣٦)

## صبر جنين سينگ، تير نہ ڳُسي تن جو .

انسان کي سيڪنهن وقت صبر ڪرڻ گهرجي . جيڪو صبر ڪندو سو مطلب کي پهچندو . قرآن شريف ۾ آهي :-
"اِنَّ الله مَعَ الصّابِرِيْن بيشڪ
الله تعاليٰ صبر وارن سان آهي ."

(١٣٧)

## عيسيٰ، نہ موسيٰ، وڏا پير پيسا

مطلب هي آهي تہ دولت سان مشڪلاتون ۽ مصيبتون گهٽجن ٿيون .

(١٣٨)

## علت وڃي، عادت نہ وڃي

علّت مان مراد بيماري آهي، دوا درمل ڪرڻ سان مرض ڇڏي وڃي پر عادت ڪنهين ڪين مٽبي .

(١٣٩)

## غريب جي جوءِ جڳ جي ڀاڄائي

مطلب هي آهي تہ غريب جي زال کي سڀڪو ڀاڄائي سمجهي مٿس حڪم هلائي ٿو .

١٤٠

## قاضي چانڊي، قيامت چانڊي

انسان کي گهرجي تہ محنت ۽ سچائي سان ڪم ڪري ۽ پوءِ انهي ڪم کي ڏڻي تعاليٰ کي سونپي.

١٤١

## ڪڏهن پريءَ ۾، ڪڏهن پاڪرم

مطلب هي آهي تہ ماڻهو ڪڏهين کهڙي حال ۾ ۽ ڪڏهن کهڙي روپ ۾ رهي ٿو.

١٤٢

## ڪتي جو پچ ٻارهن مهينا نڙ ۾ پائي رک تہ بہ ڏنگوئي رهندو.

مطلب هي آهي تہ جنهن ماڻهو کي اصل کان بچڙي عادت هوندي، اها عادت هرگز ان مان نہ نڪرندي.

١٤٣

## ڪتو چاچانڊي ڪٽڪ جي مانيءَ مان

ڪميڻو ماڻهو سدائين ڦٽ لعنت سان سمجهندو آهي، اهو شاباس چوڻ مان چا سمجهندو.

١٤٤

## ڪتي جو ڪارو منهن، رب اوتري جي اوتري.

ٻہ دوست ڪاوڙجڻ کان پوءِ، هڪ ٻئي جي شڪوه شڪايت ٻڌڻ کان پوءِ پرچي وڃن تہ هي پهلڪو ڪتب آڻيندا آهن.

١٤٥

## ڪتو بہ ڪاڏو، ڪک بہ نہ پري

مطلب هي آهي تہ کو ماڻهو رشوت وٺي ۽ ٺڳي ۽ دغاکري تہ ڪامياب زندگي بسر ڪري نہ سگهي تہ هي پهاڪو ڪم آڻيندا آهن.

١٤٦

## ڪتو ۽ ڪپاٽ ٽوڙهي سان ٽپائجي،
## ساڌو ۽ سپاٽ وهارجي وچهو.

مطلب هي آهي تہ ڪتي ۽ نالائق ٻار کي عزت هرگز نہ ڏجي متقي پرهيزگار ۽ لائق اولاد کي هميشہ مانُ ڏجي.

١٤٧

## ڪني آگر وڃي پلي.

مطلب هي آهي تہ نالائق دوست، بداخلاق مائٽ ۽ لچ بدمعاش کان جيترو ٿي سگهي تہ پاسو ڪرڻ گهرجي.

١٤٨

## ڪٿي چورسچا، ڪٿي ڍورسچا

ڌڻي تعالي بي پرواه بادشاه آهي. ڪٿي چور وتن چوري لاءِ واجهائين تہ ڪٿي بي شمار خزانو بنا حفاظت رکيل آهي.

١٤٩

## ڪک جو چور سو لک جو چور

چوري بڇڙي عادت آهي. جي ماڻهو ٿوري چوري ڪرڻ تي هريو سو گهڻي چوري ڪندي ڪونہ گسائيندو.

١٥٠

## ڪم پوي تہ ڪلِ پوي

ماڻهو کي صحيح سڃاڻڻ لاءِ مٿس ڪو ڪم رکجي.

(١٥١)

**ڪم پرين سيڪو آهي چم پرين ڪو نہ آهي.**

سيڪو ڪم کي پسند ڪري ٿو. مهانديءَ کي ڪو بہ ڪو نہ ٿو ڏسي.

(١٥٢)

**ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار؟**

ڪمزور ۽ ڏٻري ماڻهو کان وڙهڻ جي اميد نہ رک.

(١٥٣)

**ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال.**
**حيف تنين جي حال، جن وساريو حال کي.**

ماضي ۽ مستقبل کي ڇڏي اسان کي هلندڙ زماني کي سامهون رکڻ گهرجي.

(١٥٤)

**کهي سارهي، ٻولي ٻاروچن جي.**

سچار ماڻهو جي واتان ڳالهہ نڪتي تہ ڄڻ ٿي. فارسي ۾ چوندا آهن: "سخنِ مردان جان دارد."

(١٥٥)

**ڪوري ڪڏ ڪٽي، پر پاڻ پوي.**

جيڪو ٻئي لاءِ کڏ کٽيندو سو پاڻ ان ۾ ڪريندو. فارسي ۾ چوندا آهن: "چاه کن را چاه در پيش."

(١٥٦)

**ڪوسو پاڻي ڪک نہ ساڙي**

ڪو بہ ماڻهو پنهنجي کي مَٺو نٿو گهري.

(١٥٧)

## ڪڻ چڏي ته ميڙڻ

مطلب هي آهي ته فائدي جو ڪم ڇڏي ، اجايو ڪم ڪرڻ.

(١٥٨)

## ڪرچگائي جت سان ، ته ڦيري هٽيئي پٽ سان .

ڪميڻي ماڻهو سان ڪيترو به چڱو ٿي هل ته به هو
برائي ڪندو .

(١٥٩)

## ڪچي ڪنا نه وريا ، پڪي ڇا ورندا .

جو ماڻهو ننڍ پڻ ۾ ادب ۽ فضيلت ڪو نه سکيو ، وڏي
هوندي ڇا سکندو .

(١٦٠)

## ڪک هيٺ لک پيو آهي .

مطلب هي آهي ته ڳجهه جي خبر ڪنهن ڪي به ڪانهي ،
سواءِ الله جي .

(١٦١)

## ڪڏهن ماني مٿ تي ، ڪڏهن ماني مٿان مٿ .

ڌڻي تعاليٰ جا رنگ نرالا آهن. ڪڏي پٽ پيءُ جو محتاج ته
ڪڏي پيءُ پٽ جو محتاج .

(١٦٢)

## ڪير جو ڪانيل ، جهڙ ڪي ڦوڪي پيئي .

مطلب هي آهي ته هڪ ڀيري ڪنهن ماڻهو يا شيءُ مان نقصان
پهچي ته بيهر وري احتياط رکڻ ضروري آهي . اردو ۾ پڻ چوندا

آهن :- "سانپ کا کاٹا رسّی سے بھی ڈرتا ہے"

(١٦٣)

## ڪيتي سِر سيتي

مطلب هي آهي ته پنهنجو ڪم پاڻ ڪجي ته لاڀ ٿئي.

(١٦٤)

## ڪوهه جي مٽي ڪوهه کي لڳي

جيڪو مال جنهنجو ڏنل هجي تنهن لاءِ ڪم اچي. فارسي ۾ چوندا آهن :- "مال حرام بجاءِ حرام"

(١٦٥)

## ڪٽيو واٽيو، پراٽيون وهيون ساري.

جڏهن ڪنهن کي ناڻي جي سخت ضرورت ٿئي ٿي، تڏهن هو ويهي پراڻا ڪاغذ جاچيندو ته متان ڀل چوڪ ڪري ڪا رقم نڪري اچي.

(١٦٦)

## گهڻن هٿين چپر ڪجي.

جيڪڏهن گهڻا ڄڻا گڏ ٿي ڪنهن مشڪل ڪم ۾ هٿ وجهن سو به جيڪر سولو ٿئي. چوندا آهن :- همتِ مردان مددِ خدا.

(١٦٧)

## گهڻين زالين گهر ته هلي، گهڻين ڏاندين هر نه هلي.

هر ۾ ٻن ڏاندن جي ضرورت ٿئي ٿي ۽ مڙس لاءِ گهر سنڀالڻ لاءِ هڪ پاڪ دامن ۽ سليقه شعار زال ڪافي آهي. ضرورت کان وڌيڪ سڀ ڪا شيءِ نقصانڪار آهي.

(١٦٨)

## گدرو ڪري ڪاتي تي ته به گدري جوڪو
## جي ڪاتي ڪري گدري تي ته به گدري جوڪو

مطلب هي ته آهي ڏاڍي ۽ هيڻي جي وڙهڻ مان هيڻي کي ئي نقصان آهي، پوءِ ڪٿي ڏوهه ڏاڍي جوئي هجي .

(١٦٩)

## گهر جو پير چلهه جو ماڙنگ .

مطلب هي آهي ته دوست يا مٽ مائٽ جنهن سان سيڪنهن وقت ملاقات ٿيندي رهندي ، تنهن سان محبت ٽوري رهندي .

(١٧٠)

## گهوٽ ڪنوار راضي ته ڇا ڪندو قاضي .

جيڪڏهن ٻه ماڻهو پاڻ ۾ راضي آهن ۽ سيڪنهن ڳالهه ۾ نهيل آهن ، پوءِ فيصلي ڪرڻ جو سوال ئي ڪونه ٿو اٿي .

(١٧١)

## ڪن ڪِن سان نه ڏوڀي ، نيٺ پاٺي سان ڏوڀي .

هن جو مطلب هي آهي ته جيڪڏهن هڪڙو ٻچڙو ٿئي ته ئُي ڪي لچو يا بدمعاش ٿيڻ نه گهرجي .

(١٧٢)

## گنجو ڪنهڻ ڪان نه رهي .

مطلب هي آهي ته لچو بدمعاش ماڻهو ڪڏهن به لچائي ڪان نه ٽري سگهي .

(١٧٣)

## گره گهٽ ، چلهه وٽ

پرديس ۾ مصيبت ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجھ وڏيڪ ڪمائڻ ڪان پنهنجي وطن ۾ گهٽ ڪمائڻ بهتر آهي.

(١٧٤)

### ٻُڙ سان مري تہ زهر ڇو ڏجيس

مطلب هي آهي تہ جيڪو ڪم پيار محبت سان ٿئي تنهن لاءِ تڪڙو ڇو ڳالهائي.

(١٧٥)

### گڏي اڏجي يا لڏي ڇڏجي.

مطلب هي آهي تہ اندر ۾ دشمني ۽ ٻاهران دوستي ڪان بهتر آهي گڏ رهجي يا لڏي ڌار ٿجي.

(١٧٦)

### ڪنيو ڪائي فقير، لنيون جهلي پولڙو

تڪليفون ۽ مصيبتون هڪڙا برداشت ڪن ۽ فائدو ٻين کي پهچي.

(١٧٧)

### پارسي گهوڙي چاڙهسي

ميرن جي صاحبي ۾ فارسي علم جو وڏو مان هو، اڪثرماڻهو عربي ۽ فارسي علم حاصل ڪرڻ بعد وجي ملازمت ڪندا هئا.

(١٧٨)

### لکين ليلائون چنيسر جي راڄ ۾.

نوڪر يا زال کي وڏائي ڪرڻ نہ جڳائي.

(١٧٩)

### مارڻ واري ڪان بچائڻ وارو ويجهو آهي.

مطلب هي آهي تہ جنهن کي ڏٽي تعاليٰ رکي ، تنهن کي ڪو بہ ماري نہ سگهي .

(١٨٠)

**ماڻهو سڀ نہ سهڻا ، پکي سڀ نہ هنجهہ**
**ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ ، اچي بوءِ بهار جي**

مطلب هي آهي تہ سڀ ماڻهو برابر نہ آهن . ڪي سهڻا آهن تہ ڪي ڪوجها . پر سياڻا ۽ عقلمند تمام ٿورا آهن . فارسي ۾ پڻ چوندا آهن تہ

نہ هر زن زن است ، نہ هر مرد مرد !
خدا پنج انگشت يکسان نہ کرد !

(١٨١)

**مينهن ڍائي هوري هلي ، رڍ ڍائي ٽينگ ڏئي .**

مطلب هي آهي تہ اشراف ماڻهو کي جي دولت هٿ اچي تہ هو بردباري سان هلي پر جي هلڪڙي ماڻهو کي ٿورو فائدو پهچي تہ گهڻي ٻٽاڪ هڻي .

(١٨٢)

**مئي کي مارڻ سوره جي گلا .**

جيڪو اڳي ئي مئل آهي تنهن کي مارڻ بهادري نہ آهي .

(١٨٣)

**موتين جي پرک مان ڇا ڄاڻي شيشہ گر .**

مطلب هي آهي تہ گڏهہ ڪٿوري مان ڇا ڄاڻي .

(١٨٤)

**ميان جي مڏي ، پر ڏندڻ ٿين تڏي**

ڪي ماڻهو ٿوري هوند وارا ٿين تہ پوءِ پنهنجي پاڻ تعريف ڪرڻ شروع ڪن. پر جي انهن جي غربت ظاهر ٿئي تہ پوءِ اهي ڦڪا ٿين.

(۱۸۵)

## مغلن اڳيان فارسي وسري وڃي.

سياڻي ماڻهو اڳيان اڻ پڙهيل ۽ بي عقل جي دال ڪا نہ ڳرندي آهي.

(۱۸۶)

## مڙس آئي پڪي چڪي، زال وڃائي هڪڙي چڪي

مطلب هي آهي تہ مڙس پائي پائي ڪري گڏ ڪري، زال وري هڪئي ڀيري سان پوري رقم لٽائي ناس ڪري ڇڏي.

(۱۸۷)

## ظلم قائم آهي پر ظالم قائم نہ آهي

ظلم ڪندڙ دنيا جي لعنت ملامت ڪري قائم رهي نہ سگهندو.

(۱۸۸)

## لڪ ڪٽيا ڏومڻيءَ جي ڏوم سلامت آيا.

مطلب هي آهي تہ جيڪو ماڻهو خير سان موٽي گهر اچي، ڪٽي ڪو بہ فائدو حاصل ڪري ڪو نہ آيو هجي تہ بہ فڪر ڪو نهي پر سلامتي سان تہ آيو. (ڏوم :- لنگهو)

(۱۸۹)

## نہ ڏي، نہ ڏکوءِ

جي ڪنهن کي نہ ڏجي تہ ڪيس ڏکوئج متان. ڪنهن جي بہ

دل آزاري ڪرڻ نہ گھرجي ·

(١٩٠)

## نہ ئن بہ تکي ، گٽ بہ منو

لالچي ماڻھو ، رشوت وٺڻ کي فائدي مند سمجھندو آھي ، پر پڪڙجڻ جو ڊپ بہ اٿس ·

(١٩١)

## نہ کنھن جي ڪتي کي ھٿ لاءِ ، نہ پنھنجو پٽ پُٽاءِ ·

مطلب ھي آھي نہ ٻئي کي ٻچڙو سمجھہ يا اُن سان گھڻو ڳالھائي ، نہ پاڻ کي ٻئي کان ٻچڙو ڪرائي ·

(١٩٢)

## نندي وات مان وڏو وڻ نہ ڪڍجي

مطلب ھي آھي تہ زبان کي ھر وقت قابو ۾ رکڻ گھرجي . ائين بہ چوندا آھن :-

**زبان آھي ننڍڙي پر وھ جي ڳنڍڙي ·**

(١٩٣)

## نہ ڪتو ڏسي ، نہ پونکين

لچ بدمعاش ماڻھو کان ھر وقت پاسو ڪرڻ گھرجي ·

(١٩٤)

## نہ ڪتي ، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي

مطلب ھي آھي تہ ماڻھو اھڙو ڪم چوڪري جو ٻئي جي مدد جي ضرورت پوي ·

(١٩٥)

## نيچ نوڪري ، اُتم کيتي ، وڏنت واپار

ملازم هر وقت حڪم ۾ رهي ٿو. ڪيتي ۽ واپار آزاد ڌنڌا آهن، تنهن ڪري اهي اُتم ۽ وڌندڙ آهن.

(١٩٦)

## سنون ميهارن مينهون ڌاريون
## ڪٿا لاهي ڏونهيون پاريـون

ناتجربي ڪار ۽ اڻ آزمودگار ماڻهو نقصان جهڙو ڪم ڪري ٿو. ڇا ڪاڻ تہ ڪيس چڱي ۽ بُري ۾ فرق گهٽ ٿو سمجھ ۾ اچي.

(١٩٧)

## نالي چڙهيو، واپاري ڪٿي ڪائي
## نالي چڙهيو، چور ڦاهي ڪائي

مشهور واپاريءَ جو واپار سدائين گهڻو هلندو، پوءِ ڀلي اهو بي ايمان هجي. اهڙي طرح نالي چڙهيو چور هميشہ پڪڙبو، پوءِ ڪٿي چوري ڪرڻ کان توبہ ڪيل هجي ۽ اشراف ٿيو هجي.

(١٩٨)

## نچڻ هلي تہ گهونگٽ ڪهڙو

جي ماڻهو بري ڪم ڪرڻ لاءِ آماده هجي تہ پوءِ لڪجي ڇو؟

(١٩٩)

## ناڻو ڏجي آڪرو، تہ گيهہ ڇونجي پاڪرو

جيڪو ماڻهو ايمان داري، سچائي ۽ محنت سان ڪم ڪري تو تنهن کي ڇو چڱو ڦل نہ ملي؟

(٢٠٠)

## نهن سان ڇڄي ، ته ڪاٽي چو وجهجي ؟

ته جي ڪوڪم سولائي سان ۽ ٿوري محنت مشقت سان ٿي سگهي ته پوءِ انهي لاءِ ڏک ڏوجهرا ۽ تڪليف ۽ مصيبت ڇو قبول ڪجي. اِئين به چوندا آهن ڳڙ سان مري ته زهر ڇو ڏجيس

(٢٠١)

## نير جو ٽڪو لهي، مگر ڪلا جو ٽڪو نه لهي

جيتوڻيڪ نير جو رنگ پڪو ٿئي ٿو سو به آخر ۾ لهيو وڃي پر ڪلا جو ٽڪو هرگز نٿو لهي.

(٢٠٢)

## رنج بنا گنج ڪونهي

اِنسان بنا تڪليف يا محنت جي ڪامياب زندگي گذاري نٿو سگهي.

(٢٠٣)

## ڳڙ جاٽي، ڳڙ جي ڳوٿري جاٽي

ڳڙ کي ڳوٿري مان نقصان ڪونهي. جيڪڏهن ڪي ماڻهو پاڻ ۾ دوست هجن ته پلي جيڪي وٽين سوڪن ، ٻئي کي دخل ڏيڻ نه گهرجي .

(٢٠٤)

## ويئي سڳڻ کي، ڪن به وڃائي آئي

مطلب هي آهي ته فائدي بدران اٽلو نقصان پرايائين .

(٢٠٥)

**ويهي درياءَ جي پرتيءَ، وڄهي واڳوءَ سان وير.**

مطلب هي آهي ته جنهن جي هٿ هيٺ ڪم ڪري تنهن سان دشمني نه رکجي.

(٢٠٦)

**وانگڻ هڪڙن کي وائي، هڪڙن کي پيچي.**

ساڳيو ڪم هڪڙي لاءِ فائدي مند ۽ ٻئي لاءِ نقصان ڪار ٿي سگهي ٿو.

(٢٠٧)

**ويري هڪڙو به گهڻو، سڄڻ هزار به ٿورا.**

دوست جيترا وڌيڪ هجن ته چڱو پر دشمني هڪڙي سان به هئڻ نه گهرجي.

(٢٠٨)

**وٽجن ٻير، ڪاٺن ڏاڪون**
**تن گهرن جون، کهڙيون ساکون**

مطلب هي آهي ته جيڪو ماڻهو ڪمائيندو ٿورو ۽ خرچيندو گهڻو تنهن جي ساک ڪٿان رهندي.

(٢٠٩)

**وڃ ڪير ڏئي، ته مينهن چوڏاري**

ٿوري خرچ سان ڪو ڪم ٿئي ته گهڻو خرچ ڇو ڪجي؟

(٢١٠)

**هڙ سڪئي، لوڏ گهٽي**

مطلب هي آهي ته گهٽ شاهوڪار وڌيڪ ٺاڪ هڻي.

(٢١١)

## هٿ جي ڪنگڻ لاءِ آرسي ڪهڙي ؟

مطلب هي آهي ته جا شيءِ پڌري ڏسڻ ۾ اچي ان بابت دريافت ڇو ڪجي ؟ اردو ۾ پڻ چوندا آهن :- ”ہاتھ کنگن کو آرسی کیا ؟“

(٢١٢)

## هنر واري جو هنر بي هنر جي جان

هنر وارو ماڻهو سيکڻهن ڪم ڪي هنر سان ڪندو رهندو پر بي هنر پنهنجو مٿو وڃائيندو مورڳو ٿي جوکي ۾ پوندو.

(٢١٣)

## هاري ڪان پيٽو پلو آهي.

مطلب هي آهي ته پيسو گڏ ڪري هٿي چڙهي وڃجي، تنهن ڪان بهتر آهي ته ان کي صحيح استعمال ڪجي.

(٢١٤)

## ڇسُوڏيءُ کي ته سڪي نُهن.

ڏيءُ کي چڱائي لاءِ ڏاڍڪو ڏيڻ عيب نه آهي، پر نُهن پرائي ڏيءُ آهي، تنهن کي چوڻ اهڙو سولو نه آهي. انهي ڪري اهو پهاڪو ڪتب آڻجي ٿو.

(٢١٥)

## هاٿي جا ڏند، کائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا.

ڪي ماڻهو اندر ۾ پاپن سان پريل آهن، پر ٻاهران نيڪ ۽ شريف ڏيکار ڪجن ٿا.

اُردو ۾ پڻ چوندا آهن :-

” ہاتھی کے دانت، کھانے کے اور، دکھانے کے اور.“

(٢١٦)

## همتِ مردان مددِ خدا

مطلب هي آهي تہ جيڪو پاڻ تي ڀاڙيندو سوئي خدا جي مدد سان هن دنيا ۾ ڪامياب ٿيندو.

(٢١٧)

## هٿ ڪتائي حلوہ کائڻ.

مطلب هي آهي تہ پڇندي ڪان وڌيڪ خرچ ڪرڻ.

(٢١٨)

## هرڻي اڳي نچڻي، ويتر پيس گهنڊڻي.

بدمعاش ملڪ لاءِ اڳيئي آزار آهن پر جي پئسو وڌيڪ ٿين تہ اڳي ڪان بہ وڌيڪ مست ٿيندا.

(٢١٩)

## هڪ سچ بہ پاچا

اِنسان ڪڏهن بہ هڪڙي ئي حال ۾ رهي نٿو سگهي.

(٢٢٠)

## يادجنين کي يار، سي ياد هميشہ يار کي

مطلب هي آهي تہ جيڪي ڏڻي تعاليٰ کي ياد ڪندا آهن، تنهن کي خدا تعاليٰ ڪڏهين بہ وساري نٿو.

(٢٢١)

## دريا پرتي چوڪر ڪُڏي
## اڄ نہ ٻُڏي، سڀان ٻُڏي

مطلب هي آهي تہ بچڙو ڪم ڪندڙ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ضرور خطا کائي. جئن دريا جي ڪناري تي هميشہ راند ڪندڙ ٻار

ضرور ڪنهن ڏينهن دريا ۾ ٻڏي پوي .

(٢٢٢)

## آزمائي کي آزمائڻ، ڏوڙ منهن ۾ پائڻ .

جنهن کي ہر ڪي پيرا آزمايو هجي ، تنهن کي وري آزمائڻ نہ گهرجي . ان مان تمام گهڻو نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي .

(٢٢٣)

## اٺو ڪاڏو ڪئي، مار پئي ڳابي کي

مطلب هي آهي تہ ڪم هڪڙي خراب ڪيو ، سزا ٻئي کي ملي .

# باب ٻيو

# اصطلاح

| اصطلاح | معنيٰ |
|---|---|
| ١ــ اُپ ڦاٽڻ . | ١. ٻٽاڪ هڻڻ . |
| ٢ــ آڏو اچڻ . | ٢. رنڊڪ وجهڻ . |
| ٣ــ اکين اڳيان ڦرڻ . | ٣. ياد پوڻ . |
| ٤ــ اک ڏيکارڻ . | ٤. دڙڪو ڏيڻ . |
| ٥ــ اک نه ٻڏڻ . | ٥. ڌيان ۾ نه آڻڻ . |
| ٦ــ اکين جو ڏوءُ . | ٦. ٿورو آسرو يا تمام آسرو . |
| ٧ــ اکين ۾ سرمو پائڻ . | ٧. ڪاشي ۽ اهڙي ريت غائب ڪرڻ جو خبر نه پوي . |
| ٨ــ اکيون رت ڇڏڻ . | ٨. ڪاوڙ ۾ ڀرجڻ . |
| ٩ــ اُپ ۾ تراروُن هڻڻ . | ٩. اجايو ٻٽاڪ هڻڻ . |
| ١٠ــ اڇاڪارا پڌرا ٿيڻ . | ١٠. سچي ڳالهه ظاهر ٿيڻ . |
| ١١ــ انحرافي ڪرڻ . | ١١. حڪم نه مڃڻ . |
| ١٢ــ اجر ملڻ . | ١٢. عيوضو ملڻ . |
| ١٣ــ ٻاڦ نه ڪڍڻ . | ١٣. ڳالهه ظاهر نه ڪرڻ . |
| ١٤ــ ٻڪر ٻوساٽ ڪرڻ . | ١٤. زبردستي ڪرڻ . |
| ١٥ــ ٻيرن کان ٻير گهرڻ . | ١٥. اجائي اميد ڪرڻ . |
| ١٦ــ ٻڏڻ ۽ ترڻ . | ١٦. دل هڻڻ |

| اصطلاح | معنيٰ |
|---|---|
| ۱۷ـــ ٻوٽو ٻارڻ . | ۱۷- همت ڪرڻ . |
| ۱۸ـــ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ . | ۱۸- مدد ڪرڻ . |
| ۱۹ـــ ٻيکهي مچڻ . | ۱۹- چڱو وجهه ملڻ . |
| ۲۰ـــ ٻه ٻر ويس ڇهه ٻرويس . | ۲۰- وائڙو ٿي ويو . |
| ۲۱ـــ پڳي پر ٿي ويهڻ , | ۲۱- پيرسن . |
| ۲۲ـــ پيرو پچڻ . | ۲۲- وچڻ ڪان گسائڻ . |
| ۲۳ـــ پير پرڻ . | ۲۳- مدد ڪرڻ . |
| ۲۴ـــ ترين پر ٿيڻ . | ۲۴- تمام غريب ٿيڻ . |
| ۲۵ـــ ترين تيل نه لڳڻ . | ۲۵- قبول نه ڪرڻ . |
| ۲۶ـــ تات پوڻ . | ۲۶- بوجو پوڻ . |
| ۲۷ـــ تڪيا پيٿ . | ۲۷- آسرا ڳولڻ . |
| ۲۸ـــ ٽڪ مان ورلهڻ . | ۲۸- سزا ڪائي سڌو ٿيڻ . |
| ۲۹ـــ تارا ڪڍڻ . | ۲۹- ڪاوڙ ڪرڻ . |
| ۳۰ـــ پرگهو رلهڻ . | ۳۰- سنڀال ڪرڻ . |
| ۳۱ـــ تڏو ڪٽائڻ . | ۳۱- ناس ڪرڻ . |
| ۳۲ـــ ڦٽ تي لوڻ وجهڻ . | ۳۲- ڪنهن جي دل جو ڏک وڌائڻ . |
| ۳۳ـــ ڦاٽوڙو ڍهل . | ۳۳- اهو ماڻهو جو ڳالهه دل ۾ رکي نه سگهي . |
| ۳۴ـــ ڦلهير ۾ ڦوڪون ڏيڻ . | ۳۴- اجائي محنت ڪرڻ . |
| ۳۵ـــ دال نه ڳرڻ . | ۳۵- پهچي نه سگهڻ . |
| ۳۶ـــ تڏو ساهه ڪٽڻ . | ۳۶- ڏک ظاهر ڪرڻ . |
| ۳۷ـــ پرگهور لهڻ . | ۳۷- سار سنڀال لهڻ . |

| اصطلاح | معنيٰ |
| --- | --- |
| ٣٨— جتي ۾ پير پائڻ . | ٣٨. برابر ٿيڻ . |
| ٣٩— ڏاند ڏئڻ . | ٣٩. بخيل مان ڪم ڪڍي اچڻ . |
| ٤٠— ڍير ڍرا ٿيڻ . | ٤٠. ڊڄي وڃڻ . |
| ٤١— سوڙهو گهٽڻ . | ٤١. قابو جهلڻ . |
| ٤٢— شهه ڏيڻ . | ٤٢. جيتڻ . |
| ٤٣— ڪکر ۾ ڪڙو هڻڻ . | ٤٣. چڙئي يا بدمعاش ڪي ستائڻ . |
| ٤٤— ڪار ڪرڻ . | ٤٤. جُنڊ ڪرڻ . |
| ٤٥— ڏڪڙ تي اٿو . | ٤٥. جڻ ته جهيڙو لڳو . |
| ٤٦— گهات گهڙڻ . | ٤٦. ويچار ڪرڻ . |
| ٤٧— پهه پچائڻ . | ٤٧. ويچار ڪرڻ . |
| ٤٨— ڪچ مٺڻ . | ٤٨. گاريون ڏيڻ . |
| ٤٩— حوصلا خطا ٿيڻ . | ٤٩. وائڙو ٿي وڃڻ . |
| ٥٠— سير وجهڻ . | ٥٠. کڻڻ . |
| ٥١— سير چوڙڻ . | ٥١. رت ڪڍڻ . |
| ٥٢— چوهه چنڊڻ . | ٥٢. ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ . |
| ٥٣— وارو نگو نه ٿيڻ . | ٥٣ ڪو به نقصان نه رسڻ . |
| ٥٤— رڪاب وٺڻ . | ٥٤ نوڪري ۾ گذارڻ . |
| ٥٥— مڪو مچڻ . | ٥٥ مراد پوري ٿيڻ . |
| ٥٦— ڪڍ پوڻ . | ٥٦ نقصان پهچائڻ لاءِ پٺيان پوڻ . |
| ٥٧— شتر پوڻ | ٥٧ چڙواڳ ٿيڻ . |
| ٥٨— هٿي سارو هوڪو ڏيڻ . | ٥٨ وت آهر خرچ ڪرڻ . |
| ٥٩— گنڍ ٻڌڻ . | ٥٩ ويچار ڪان سواءِ پروسو ڪرڻ . |

| اصطلاح | معنيٰ |
|---|---|
| ٦٠— پويان پوڻ . | ٦٠- نقصان پهچائڻ . |
| ٦١— تذوڪڙ . | ٦١- چٽ ڪري ڇڏڻ . |
| ٦٢— ٽپ ٽيُ ناري ڇڏڻ . | ٦٢- خوش ڪرڻ . |
| ٦٣— وڻ گهوڙو نہ ٻڌڻ . | ٦٣- گالهہ نہ مڃڻ . |
| ٦٤— وات وجهڻ . | ٦٤- سوال ڪرڻ . |
| ٦٥— لقب لائڻ . | ٦٥- بي عزتو ڪرڻ . |
| ٦٦— ڪنن مان ڪپهہ ڪدي ڇڏڻ . | ٦٦- خبردار ٿيڻ . |
| ٦٧— گهٽگهر و ٿيڻ . | ٦٧- سجڻ ٿيڻ . |
| ٦٨— ٽڪر ڏيڻ . | ٦٨- گلارو ڪرڻ . |
| ٦٩— هٿ ٽنگڻ . | ٦٩- سوال ڪرڻ . |
| ٧٠— سونو ڪٽورو هٿ ۾ هئڻ | ٧٠- پنڻ کان شرم نہ ڪرڻ . |
| ٧١— پنهنجو مٽ پاڻ ٿيڻ . | ٧١- ڪنهن گڻ ۾ تمام پورو هجڻ . |
| ٧٢— انهيءَ تري تيل نہ لڳڻ . | ٧٢- قبول نہ ڪرڻ . |

# پاڱو پنجون

## باب پهريون

# مضمون نويسي

مضمون بياني هجي، خيالي يا قصو، لکڻ کان اڳي سڄو مضمون دل ۾ اٿلائي وڃي. ڪي شاگرد نهرپهه لکڻ شروع ڪندا آهن ۽ ست ٻه لکي واٽڙن وانگر هيڏي هوڏي نهاريندا آهن، پر جيڪڏهين پهريائين سڄو مضمون خيال ۾ آڻي پوءِ قلم کي هلائين تہ هوند بنا اٽڪ وڃي توڙ پهچن.

## مضمون جا ٽپ

مضمون لکڻ اهڙي طرح شروع ڪجي جيئن پڙهندڙن جي دل ۾ ان کي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ شوق جاڳي ۽ پڇاڙي اهڙي منزل تي ڪجي جو پڙهندڙ جي خيال تي ان جو اثر رهجي وڃي.

انهي لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي سڄي مضمون کي اول ٽورن لفظن ۾ درج ڪجي. ان کي ٽپ چئبو آهي. اهي ٽپ نمبر وار ٺاهي رکجن، جيئن مضمون ۾ سڀ ڳالهيون ڪنهن ترتيب تي

ٻيڻا ڏسڻ ۾ اچن.

هر هڪ ٽپ ڪولي سنئي ۽ صاف ٻوليءَ ۾ ڌار ڌار فقري ۾ لکڻو آهي. لکڻ مهل وقت جو خيال رکڻ لازمي آهي ۽ هي ٻڻ خيال رکڻ گهرجي ته ڪيترن سٽن ۾ مضمون پورو ڪرڻو آهي ۽ ڪيترو وقت مليل آهي.

(١)

# گهوڙو

گهوڙو هڪ گهرو جانور آهي. هي اُٺ، گانءِ، ٻڪري ۽ ٻين سڀني پالتو جانورن کان وڌيڪ قيمتي آهي. سندس قد اٽڪل چار پنج فوٽ اوچو ۽ ست اٺ فوٽ ڊگهو آهي. هن جون ٽنگون سنهيون پر مضبوط آهن. هن کي گول ۽ مضبوط کُرَ ٿيندا آهن، جيڪي وچان چيريل آهن. پُڇي تي وڏا وار اٿس. اکيون وڏيون ۽ چمڪندڙ، ڪن ننڍا پر اُڀا ۽ پٺ ۾ وڏن وڏن وارن جو چڳو.

گهوڙو وفادار جانور آهي. سڀني جانورن کان وڌيڪ ڪارائتو ۽ محنتي آهي. هو گاڏي ڇڪي ٿو ۽ سواري جي ڪم اچي ٿو. ٻهراڙين ۾ هن تي بار، ڀاڄيون ۽ ٻيون وڪڻڻ جون شيون لڏي هڪڙي ڳوٺان ٻئي ڳوٺ تائين ويندا آهن. فوج ۽ پوليس ۾ گهوڙي سوار دستا هوندا آهن. پولو راند گهوڙن تي چڙهي ڪندا آهن. گهوڙن جي ڊوڙ تي شرط رکندا آهن. سرڪس ۾ هو سوين ڪرتب ڏيکاري ٿو.

گھوڙو گاهه، جَوَ، ڇٽا ۽ ٻوسو شوق سان کائي ٿو. گھوڙو وفادار، سهڻو، دلير ۽ ڏاڍو ڪارائتو جانور آهي. مالڪ کي مشڪل وقت مدد ڪندو آهي. ساهه صدقي ڪرڻ کان ڪين ٿو گسي.

گھوڙو دنيا ۾، سيڪنهن حصي ۾ موجود آهي، پر عربي نسل جا گھوڙا تيز رفتاري، خوب صورتي ۽ وفاداري ۾ مشهور آهن. ڪيترائي شاهوڪار ماڻهو نهايت قيمتي گھوڙا پاليندا آهن.

## (٢)

# اُٺ

اُٺ هڪ وڏي قد ۽ بي ڍولو جانور آهي. ٽنگون ڊگھيون ۽ پڇ ننڍو اٿس. اُٺ جي ڳچي ڊگھي ٿئي ٿي. پٺن تي ٿوهو اٿس. ڪن اُٺن ۾ ٻه ٿوها ٿيندا آهن، جنهن ۾ چربي پيل آهي. ڊگھي مسافري ۾ اها چربي ان کي کاڌي جي جاءِ تي ڪم ڏئي ٿي. هن جي پيٽ ۾ پاڻي جي وڏي ٿيلهي ٿئي ٿي، جنهن ۾ هڪ ڀيرو پاڻي پرڻ سان، هو ٻن ٽن هفتن تائين بنا پاڻي سفر ڪري سگھي ٿو. پير هيٺان نرم گدي اٿس، تنهن ڪري واريا سي ميدانن ۾ سولائي سان سفر ڪري سگھي ٿو.

اُٺ آفريڪا، عربستان، هندوستان ۽ پاڪستان، جي رڻ پٽن ۽ بيابانن ۾ ملي ٿو. هن کي "ريگستان جو جهاز" ڪري ڪوٺيندا آهن، ڇاڪاڻ ته واريا سي ميدانن جا سوين ميل پنڌ هي سولائي سان ڪري سگھي ٿو.

اُٺ ڏاڍو ڪارائتو ۽ سخت محنتي جانور آهي. هو گاڏي ڇڪي ٿو ، سواري جي ڪم اچي ٿو. اوائلي دور ۾ ٽپال آڻڻ ۽ نيڻ جو ڪم هن کان ورتو ويندو هو.

اُٺ هڪ قيمتي جانور آهي. هن جو گوشت کائڻ جي ڪم اچي ٿو. هن جي کل مان بي شمار چمڙي جون شيون ٺهن ٿيون هن جي وارن مان لوئيون ڪٿا ۽ ٻيون شيون ٺهنديون آهن.

اُٺ جي ڳچيءَ ڏگهي هئڻ سبب ڪري هو ڏگهن ۽ اوچن وڻن مان ٽاريون ٻنتي ، کائي ٿو. لاڻو سندس خاص غذا آهن. انهي ڪري چوڻي آهي تہ

"اُٺ کي لاڻو ، گهوڙي کي ڏاڻو ۽ مڙس کي ناڻو."

اُٺ جي قيمت هن پهاڪي مان لڳائي سگهجي ٿي تہ

" اُٺ ٻيڙو ، ترڀر ۾ ڪنواٽ لهي."

## ٣

# ڪتو

ڪتو ، دنيا جي هر هڪ شهر ، ڳوٺ ، رڻ پٽ ۽ بيابان ۾ ڏسجي ٿو. هي هڪ سمجهو ۽ وفادار جانور آهي. مختلف قد ، بُت ، شڪل شبهہ ۽ ڏيک ويک ڪري هن جي نسل کي ڌار ڌار نالن سان سڏجي ٿو. جيئن تہ بلڊاگ ، گري هائونڊ ، تازي شڪاري ۽ رولو. هي شڪل ۾ لومڙ ، بگهڙ ۽ گدڙ جي نسل مان ٿو پائجي. هن جو قد اتڪل اڍائي فوٽ کان چار فوٽ ٿئي ٿو.

ڪيترا ماڻهو اڪثر ڪتا پاليندا آهن. انهن جي چڱي خدمت ڪندا آهن. ڪي تہ ڪتن لاءِ ڌار ملازم رکندا آهن ، گوشت

۾ استعمال ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو خراب خصلت اختيار ڪندو ۽ پنهنجي وڏن کي ٻين اڳيان لڄي ڪرائيندو ته چوندا آهن :-

"ٻچڙو ڪُتو ڏٺي پُٽائي."

ٻه دوست ڪاوڙجڻ کانپوءِ هڪ ٻئي جي شڪوه شڪايت ٻڌڻ کان پوءِ پرچي پون وقت اڪثر چوندا آهن :-

"ڪتي جو ڪارو منهن ، رب اوتري جي اوتري."

جنهن ماڻهو کي اصل کان ٻڇڙي عادت هوندي آهي ۽ اها عادت ان مان هرگز نه نڪري ته چوندا آهن :-

"ڪتي جو پڇ ٻارهن مهينا نڙ ۾ پائي رک ته به ڏنگوئي رهندو"

ڪميڻو شاباش مان ڪجهه نه جاڻي. هو فقط لعنت سان ڪم ڪري ٿو ته چوندا آهن :-

"ڪتو ڇا ڄاڻي ٽڪ جي ماني مان."

اشراف ۽ ڪميڻي ۾ اهو فرق آهي جو ڪميڻو بنا سبب به اشراف کي ڪجهه نه ڪجهه ڏاڍيان چوندو رهندو آهي. اشراف جا فقط اهي لفظ هن لاءِ ڪافي آهن ته

"ٻلي ڪتو پيو ڀونڪي."

ڪتي کي دانائڻ نڱي، دغا، فريب ۽ بي ايماني جي معنيٰ ۾ ائين استعمال ڪيو آهي :-

"ڪتو به ڪاڏو م ڪڪ ٻه نه پري."

جيڪو ماڻهو ڪم ۾ اجائي تڪڙ ڪندو ۽ نقصان پرائيندو ته چوندا آهن :-

"تڪڙي ڪتي انڌا ڪلر جڻي."

فضول خرچ ڪندڙن لاءِ چئبو آهي تہ
"پاڻ نہ پاري ڪتا ڏاري."
نهايت لاچاري وقت نہ ڪرڻ جهڙو ڪم بہ انسان کي ڪرڻو پوي تہ چوندا آهن:-
"سُتين لنگهڻين ڪتو حلال."
داناءُن ڪتي ۽ نالائق ٻار ۾ ڪو بہ فرق ڪو نہ رکيو آهي:-
ڪتو ۽ ڪپاٽ، ٻوڙهي سان ٺپائجي
ساڌو ۽ سپاٽ، وهارجي وچ ۾."

(٤)

# صفائي

صفائي ۽ پاڪيزگي مسلمان جي ايمان جو جز آهي. صفائي ۽ گدلائي بہ متضاد لفظ آهن. پاڪ صاف رهڻ کي صفائي چئجي ٿو. صاف ٻار سڀني کي سهڻو ۽ وڻندڙ لڳي ٿو. ڪنو ۽ گدلو ٻار ڪنهن کي بہ نہ ٿو وڻي. صفائي مان اهڙو مراد نہ آهي تہ هر وقت روزانہ ريشمي ۽ قيمتي وڳا پائجن. مطلب فقط هي آهي تہ صاف، سُٺا ۽ سادا ڪپڙا پائڻ. انهي ڪانسواءِ بدن کي صاف رکڻ، گهر جي صفائي، گهر جي سامان جي صفائي، گهٽي ۽ آس پاس جي صفائي سان ماڻهو صحت مند رهي سگهي ٿو. جيڪي ماڻهو صفائي جي اصول تي هلن ٿا، اُهي پنهنجي زندگي آرام ۽ فرحت سان گذارين ٿا، ۽ جيڪي گدلائي ۽ ڪن ڪچري کي پسند ڪن ٿا، سي جڻ تہ بيمارين کي پاڻ وٽ مهمان ڪري ڪوٺين ٿا.

جئن مشين جي هلڻ ڪري هن جي پرزن کي تيل ڏيڻ، ۽

صاف رکڻ ضروري آهي ، تنهن انسان کي پنهنجي جسم جي ۽ مختلف ڀاڱن کي گندگي ۽ بيمارين جي جيوڙن کان بچائڻ لاءِ صاف ڪرڻ لازمي آهي . اهوئي سبب آهي جو اسان صبح جو ڏندڻ ڪندا آهيون . ڏندڻ ڏيڻ سان ڏند مضبوط ۽ سٺا رهن ٿا ، منهن مان ڪنهن بانس نہ ايندي آهي . وهنجندا آهيون ، وهنجڻ سان جسم هلڪو رهندو آهي ، آرام ملي ٿو ، چمڙي جو ميرُ لهي ويندو آهي ، مسام کليل رهن ٿا ، اکيون ، ڪن ۽ نڪ کي ڏار ڏار صاف ڪجي ٿو .اکين کي ڏينهن ۾ ٽي چار ڀيرا ٿڌي پاڻي سان ڌوئڻ تمام ضروري آهي . ننهن لهرائڻ گهرجن ڇاڪاڻ تہ منجهن جيوڙا ۽ بيون غلاظتون وڃي انهن ۾ گڏ ٿينديون آهن ،جي کائڻ مهل اسانجي پيٽ ۾ داخل ٿي خلل پاريندیون آهن کاڌي کائڻ کان اڳ ۾ هٿ ڌوئڻ لازمي آهي .

جسم جي صفائي کانسواءِ ڪپڙن جي صفائي بہ تندرستي لاءِ ضروري آهي . وهنجڻ کان پوءِ صاف سٺي ٽوال سان بدن کي اگهڻ گهرجي . پُسيل ۽ ميرن ٽوالن جي استعمال سان چمڙي جون بي شمار بيماريون پيدا ٿين ٿيون . انهي کانسواءِ ميرا ۽ گدلا ڪپڙن پائڻ سان ٻين کي بہ ڪراهت ايندي آهي . اهوئي سبب آهي تہ جسم جي ناپاڪائي ، گدلن ۽ ناپاڪ ڪپڙن سان نماز پڙهڻ جي پڻ ممانعت آهي. ٻين جا استعمال ڪيل رومال، ٽوال ۽ پائڻ جا ٻيا ڪپڙا هرگز ڪم ۾ نہ آڻجن . انهن مان بہ چمڙي جي بيمارين جو امڪان آهي .

گهر جي ٻين ڪمرن جي صفائي کانسواءِ رڌڻي ۽ غسل خاني جي صفائي تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي . هر ڪمري جي فرش تي

فرسٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس جا مسافر انتظار گهرن ۾ نهايت آرام ۽ اطمينان سان پنهنجن پنهنجن بينچن ۽ ڪرسين تي ويٺل هئا. گاڏي کي هلڻ ۾ منو ڪلاڪ باقي هو. ادو ٽڪيٽ وٺي آيو. قلي کان سامان کڻائي پليٽ فارم تي وچي ڪنڊ پاسي سامان رکرائي ۽ قلي کي مخاطب ٿي چيائين ته بيلي! جاءِ هتان نه وڃائج.

اجا ٻه منٽ مس گذريا گاڏيءَ جي سيٽيءَ جو آواز ڪنن تي پيو ته چا ڏسان ديو جهڙي انجڻ پري کان ڏوڪندي پيئي اچي. قلي سيٽي پليٽ فارم نمبر ٥ تي هڪ ٻئي کان اٺن ڏهن فوٽن جي مفاصلي تي پٽ تي وچي ويٺا. پليٽ فارم تي ايندڙ ويندڙ ڪيترن ئي ماڻهن جو رخ اُن پاسي ڦريو. ادي سائين ٻڌايو ته اِها گاڏي پشاور کان آئي آهي. گاڏيءَ جي بيهڻ کان اڳ گاڏيءَ جا مسافر ٽپ ڏيئي لهڻ لڳا. منٽ ۾ پليٽ فارم جي هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين گپا گپ لڳي ويئي. قلي هڪڙي پاسي کان ٻئي پاسي ڊوڙڻ لڳا جيڪي پنهنجن دوستن ۽ عزيزن کي وٺڻ لاءِ آيا هئا سي سيڪنهن گاڏيءَ ۾ جاتي پاتي انهن کي ڳولي رهيا هئا. شين وڪڻڻ وارا ۽ ريلوي جا پائي پيار ايندڙ ملازم هيڏي هوڏي تيزي سان چرپر ڪري رهيا هئا. پليٽ فارم تي جڻ ته ميلو لڳو هو.

اسان جي قلي اچي ادا کي ٻڌايو ته سگنل هيٺ آهي، هاڻي جلد گاڏي ايندي. سامان سيرائي آڻي سامهون رکيائين. ٿوري وقت گذرڻ کانپوءِ گاڏي آئي. فرسٽ ۽ سيڪنڊ جا مسافر آرام سان پئي چڙهيا پر ٿرڊ ڪلاس جا مسافر هڪ ٻئي مٿان زور آزمائي ڪري رهيا هئا. اسانجو قلي دريءَ مان ٽپي اندر ويو ۽ جلد سامان رکڻ ۽ جاءِ والارڻ ۾ ڪامياب ٿيو. مان ادا سائين کي الله تهار چئي گهر موٽيس.

(٧)

# منهوڙي جو سير

منهوڙو، ڪراچي جي اولهه ڏکڻ پاسي هڪ خوبصورت ٻيٽ آهي. اهو ڪياماڙي بندر کان اٽڪل ٽن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي. منجهس هماليہ نالي هڪ فوجي تربيت گاهه آهي، جتي بحري فوج جي سپاهين کي تعليم سان گڏ جنگي فن به سيکاريو وڃي ٿو. انهي ڪري اُتي بارود جو چڱو ذخيرو محفوظ رکيو آهي.

هڪ پاسي روشني جو منارو اٿس، جنهن کي لائيٽ هاؤس ڪري ڪوٺيندا آهن. منجهس هڪ ڦِندڙ بتي رکيل آهي، جنهن جي ڪري ايندڙ يا ويندڙ جهاز سولائي سان ڪاري اندر داخل ٿين ٿا يا ڪاري مان ٻاهر نڪرن ٿا. سمنڊ جي پاڻي جو زور ڀڃڻ لاءِ هڪ بند ٺهيل آهي، جنهن کي بريڪ واٽر ڪوٺيندا آهن.

منهوڙي جي سير ڪرڻ لاءِ ڪياماڙي بندر تان لانچ يا ٻيڙي ۾ چڙهي وڃبو آهي. سمنڊ جو عجيب دلڪش منظر ڏسي روح کي راحت ۽ دل کي ڏاڍي فرحت ايندي آهي. پري کان بابا ٻيٽ ۽ صالح ڳوٺ جو خوشنما نظارو ڏاڍو وڻندڙ ٿو لڳي. لهڻ کانپوءِ اڪثر ماڻهو سمنڊ جي ڪناري سير ڪرڻ لاءِ ويندا آهن. منهوڙي اندر داخل ٿيڻ لاءِ خاص مقرر ڪيل رستي تان لنگهڻو پوي ٿو، جتان چار آنا ڏيئي پوءِ اندر وڃبو آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو تفريح جي غرض سان ٽوليون ٺاهي، کاڌي پيتي جون شيون ۽ راند جو سامان کڻي وڃي سمنڊ جي ڪناري تي ويهي ٿڌڙي هير کان

لطف اندوز ٿيندا آهن . ڪناري تي پاڻي بالڪل ٿانگهو آهي، تنهن ڪري اتي وڃي وهنجندا آهن . پاڻي ۾ بيهڻ شرط هڪ هٿي پنيان چولن لڳڻ ڪري منٽ ۾ ڪپڙا پسيو وڃن . پرسان يوسف شاه غازي جي درگاه آهي، جتي ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن .

## ٨

# چانڊوڪي رات

الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن مان چانڊوڪي رات هڪ نهايت قيمتي نعمت آهي ، هن رات سيڪا شيءِ پُرلطف ، دلڪش حسين ۽ خوب صورت نظر اچي ٿي . باغن ۾ گلن ڦلن جي سونهن سوپيا وڌي ٿي ، تارين ۽ پن سهڻا ۽ خوشنما نظر اچن ٿا . پٽ تي وڇايل چبر مخمل وانگر سرسبز ڏسي دِل بهار بهار ٿي ٿئي .

چنڊ جي جوڀن جواني جي عالم ۾ ، تارا به شرمساري کان جهڪي طرح چمڪن ۽ ٽمڪن ٿا ، نه ته اهي اونده رات ۾ پنهنجي ٿڌڙي روشني سان واٽهڙن جي چڱي رهنمائي ۽ رهبري ڪندا رهندا آهن . تارن وسيلي ، جهاز ران بنا تڪليف جي اٿاه سمنڊ ۾ رات جو سفر ڪندا آهن .

ڪيترا ٻکي چانڊوڪي رات مان صبح جو ڏوکو کائي هيڏي هوڏي اُڏامندا نظر اچن ٿا . ڪيترائي جهنگلي جانور پڻ روڪو کائي شڪار جو خيال لاهي مايوس ٿي وڃي پنهنجي چُرن اندر لڪندا آهن . ڳوٺن ۾ نوجوان چانڊوڪي رات جو ميدانن ۾ مختلف

قسمن جون رانديون كندي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ڪي ته وڻن هيٺ يا واه جي ڪپ تي ويهي راڳ ڳائي دل وندرائيندا آهن

چانڊوڪي رات اُنن تي سفر ڪندڙن لاءِ به هڪ عجيب نعمت آهي. نرم واريا سي زمين کي لتاڙيندي "ريگستان جوجهاز" اطمينان سان پنهنجي منزل مقصود ڏي، وڏيڪ تيزي سان وڪ وڌائي ويندو آهي. رڻ پٽ مان لنگهندي مسافر رڃ جي دوڪي ۾ اچي ڏاڍو خوش ٿيندو آهي.

چانڊوڪي رات ۾ سمنڊ جو دلفريب نظارو ڏسڻ وٽان آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ته جڻ چنڊ جي سونهرين ڪرڻن ڪري پاڻي تي چاندي جا ورق پيا ترن. هن دلڪش منظر مان تفريح ڪندڙن کي ڏاڍو مزو ايندو آهي.

مطلب ته چانڊوڪي رات جا من موهيندڙ منظر پنهنجي رنگ روپ، سونهن سوڀيا ۽ دلڪش نظارن سان انسان ته ڇڏيو پکي پکڻ ۽ جانورن کي به حيرت ۾ وجهيو ڇڏين. سهائي رات کي شاعر به چڱو شرف بخشيو آهي. قدرت جا بي شمار نظاره شاعرانه انداز ۾ بيان ڪري خالق ۽ مخلوق جو جوڙجوڙيو اٿن.

## ٩

## نه وسرندڙ واقعو

صُبح جو سهانو وقت هو. ٿڌڙي هير ڇي لڳي. آسمان تي ڪارا ڪڪر رنگ مٽائي رهيا هئا. چاڪاڻ ته سج پنهنجي تيز شعاعن سان نمودار ٿي رهيو هو. مان ڪرسيءَ تي ويهي دريءَ مان هر هر ٻاهر نهاري رهيو هوس. اوچتو ئي اوچتو اخبار واري جو هوڪو

آهي ، جتي فراسيون ، سوٽي ڪيس ، سوسيون ، آڳٽ ۽ ٻيو مال چڱو ٺهي ٿو . بوبڪ ۾ غاليچا ٺاهين ٿا ، ڇاڪاڻ تہ ڪوهستان پرسان اٿس. ڇتان رڍن مان اُن سولائي سان ملي ٿي . دادو ضلعي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مٽيءَ جا ٿانوَ جوڙيندا آهن . نازڪ ۽ نفيس گهگهيون هن پاڳي جون مشهور آهن . ڪاشيءَ جي ڪم ۾ سنڌ جا ڪاريگر دنيا جي بهترين ڪاريگرن ۾ شمار ٿين ٿا ڏورانهن ملڪن ۾ وڃي انهن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي.

سنڌ جو مقبول ترين هنر جنڊيءَ جو ڪم آهي . جنهن جي ڪاريگرن ولايت جي ماڻهن کي مجبور ڪيو آهي تہ اُهي جنڊي جي ڪم جي ڪاٺ ڪاشيءَ سونهن ۽ سوڀيا لاءِ پاڻ وٽ رکن لقمان، هالا ۽ خانوٽ انهي هنر جا خاص مرڪز آهن ، جتي ڪتون ، هندورا ، گلدستا ، رانديڪا ۽ ٻيون سوين قسمين قسمين شيون جنڊي مان ٺا جوڙين . لقمان جا ڪاريگر هاڻي انهي ڪم ۾ گهٽ ڌيان ڏيئي رهيا آهن پر هالا نوان جنڊيءَ جي ڪم جو مرڪز آهي .

چمڪدوزي جو هنر حيدرآباد ۾ اڄا تائين جاري آهي پر ماڻهن ۾ هن هنر ڏي شوق ڏينهون ڏينهن گهٽجندو ٿو وڃي، تنهن ڪري هن هنر جي ڪاريگرن جو قدر گهٽي پاڳي گهٽجي ويو آهي .

ڪلن جي وسيلي شيون سيئون ۽ سستيون ٺهن ٿيون . جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪاريگرن ۽ هنرن جي همت افزائي نہ ڪندا سين تہ سنڌ جي سرزمين تي جيڪو ٿورو گهڻو ڪاريگرن جو قدر آهي سو بہ ختم ٿيندو ۽ اِهي هنري سامان ڏيساور وڃي

اسان جي ملڪ جي ناليَ ڪي روشن ڪن ٿا تہ جيڪر انهن جونالو نشان بہ نہ رهي. تنهن ڪري ضروري آهي انهن ڳوناڻن هنرن کي تادم حيات قائم رکون.

(١١)

# علامہ سر محمّد اقبالؒ

علامہ محمد اقبال، شاعرِ مشرق جي ناليَ سان دُنيا ڀر ۾ مشهور آهي. هو ٩ نومبر ١٨٧٧ع ۾ سيالڪوٽ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم اُتي ئي حاصل ڪيائين سال ١٨٩٥ع ۾ هو گورنمنٽ ڪاليج لاهور ۾ داخل ٿيو. هو تمام هوشيار شاگردن مان هڪ هو. سال ١٨٩٩ع ۾ لاهور ڪاليج مان ايم، اي جو امتحان پاس ڪري، انهي ساڳئي سال اورينٽيل ڪاليج لاهور ۾ عربي جو پروفيسر مقرر ٿيو. ١٩٠٥ع ۾ هو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ انگلينڊ ويو. لنڊن مان وڪالت پاس ڪيائين. سال ١٩٠٨ع ۾ هن کي ميونخ يونيورسٽي مان پي، ايچ، ڊي جو اعزاز عطا ٿيو، انهي ڪري کيس ڊاڪٽر محمد اقبال سڏجي ٿو. علمي ۽ ادبي خدمتن ڪري انگريز سرڪار کان "سر" جو خطاب پڻ مليو اٿس.

ڊاڪٽر اقبال وڏو قومي شاعر ۽ فلاسافر هو، هن فلسفي جي دنيا ۾ چڱو نالو ڪڍيو. هن مغربي فلسفہ جي علم مان انيڪ خاميون ڪڍيون. اقبال جو فلسفو تمدن ۽ ان جي مخصوص ۽ مرڪزي تصورات تي مبني آهي، هو بنيادي طور قرآن مجيد مان ورتل آهي. اقبال جي نظريہ موجب معاشرو، ملّت يا قوم جي

تشڪيل ڪنهن روحاني عقيدي تي منحصر هئڻ گهرجي. اهڙي روحاني عقيدي جو سڀ کان پهريون وڏو اصول عقيده توحيد آهي هوچوي ٿو انسان جي ترقي ۽ واڌارو انهي ۾ آهي جو فرد ۽ ملت جو پاڻ ۾ لاڳاپو رهي. اهوئي قرآني تعليم آهي. اهوئي سبب آهي جو اقبال نسل ، رنگ ، بولي ۽ جاگرافي حدود جو سخت مخالف آهي ۽ اتحاد جو سبق اِئين ٿو سيکاري ــ

ملت کے ساتھ رابطہ استوار رکھ
پیوستہ رہ شجر سے امید بہار رکھ

علامہ اقبال هڪ وڏو سياسي مدبر هو. تحريڪ آزاديءَ جي ابتدا ئي دور ۾ مسلمانن کي بيدار ڪرڻ لاءِ وطن پرستيءَ جي جذبي سان ڪيترين ئي نظمون لکيائين ، جن مان "ميرا وطن وہی ہے" "نيا شوالہ" ۽ "ترانہ" وڏيڪ مشهور آهن. سال ١٩٢٦ع ۾ هو پنجاب ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. برصغير جي مسلمانن لاءِ بهترين ڪم سرانجام ڏنائين. سال ١٩٣٠ع ۾ هو آل انڊيا مسلم ليگ جي جلسي جو صدر چونڊيو ويو جتي هن پنهنجي صدارتي خطبي ۾ پاڪستان جو تخيل پيش ڪيو. هن انهي خطبي ۾ فرمايو هو ته هندو ۽ مسلمان ٻه مختلف قومون آهن. انهن جون رسمون ڌار ڌار آهن ۽ مختلف مذهبن جا پوئلڳ آهن. مسلمان فقط هڪڙي ئي خدا کي مڃين ٿا ۽ انهي جي عبادت ڪن ٿا ، پر هندون وٽ بي شمار خدا آهن. انهي ڪانسواءِ هندن ۾ ڌار ڌار قومون آهن جي هڪ ٻئي سان اوچ ۽ نيچ جي درجي سان آهن پر مسلمان سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهن ، مختلف رنگ ، نسل ۽ بولي ڪري انهن ۾ بنيادي طور فرق ڪو به ڪونهي. تنهن

اِهي ٻئي قومون ڪيئن گڏ رهي سگهنديون .

علامه اقبال حقيقت ۾ پاڪستان جي نظريه جو باني هو. ان پنهنجي ڪيترن ئي خطن ۾ قائد اعظم محمد علي جناح کي نيڪ مشوره ڏيندو رهيو. هن مرد مجاهد جي مرڻ تي قائداعظم کي سيني مسلمانن کان وڌيڪ ڏک رسيو

علامه محمد اقبال جو ڪلام ايران ، مصر ، شام، ترڪي ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ مقبول رهيو آهي. ڪيترن ئي ٻولين ۾ هن جي ڪلام کي ترجمو ڪيو پيو وڃي. هن جي ڪلام مان چند پسنديده نظمون هي آهن :-

جُگنو ، شڪوه ، جواب شڪوه ، خضر راه
ذوق وشوق ، مسجد قرطبه ۽ جاويد ڪے نام ،
وغيره .

سندس مشهور تصانيف: بانگِ درا ، بالِ جبريل ، ضربِ ڪليم ، زبورِ عجم ۽ جاويد نامه آهن.

١٢

# وطن جي حُب

ديس جي محبت ۽ ساڻس جي سڪ جو ٻيو نالو وطن جي حب آهي ، جنهن سرزمين تي ماڻهو ننڍپڻ ، پليو ۽ وڏو ٿيو ان سرزمين جا اباڻا ڪک وسڻ جا نہ آهن . پوءِ پلي اوچون عمارتون هجن يا ڪکاٽا جهونپڙا ، قدرتي طرح وطن جي هرڪا شيءَ عزيز ۽ مفيد لڳي ٿي . وطن جو ٻاڙو پاڻي بہ مٺو لڳي ٿو ۽ ڪندا بہ گلن کان وڌيڪ سهڻا لڳن ٿا . پنهنجي ديس جا جهوپڙا ورو ڪڙ پيچرا ۽ گڏھ جي سواري بہ پرديس جي محلاتن ، شاهي رستن ۽ آرام ده سواري کان وڌيڪ پيارا ٿا لڳن . پرديس ۾ سوين خوشيون حاصل ٿين ، هزارين نعمتون مليل هجن ۽ بي شمار عيش عشرت جو سامان ميسر هجن تہ بہ وطن کي وسارِي نہ ٿو سگهجي .

جهڙي طرح هڪ بڪايل چئي سگهي ٿو تہ ٻڪ جا آهي ، اهڙي ريت دوستن ، مٽن مائٽن ۽ وطن کان وڇڙيل کي خبر آهي . تہ وڇوڙو ڪهڙي بلا آهي ! جانورن کي وٿاڻ ۽ بلبل کي آشيانو هرگز نٿو وسري . شاعرن انهن ماڻهن جي سخت ملامت ڪئي آهي . جيڪي پرديس ۾ وڃي پنهنجي وطن دوستي جو ثبوت نٿا ڏين . انهن کي بد ترين انسانن مان شمار ڪيو ويو آهي .

مارئيءَ جي وطن دوستي جو ثبوت ، شاعرن جي سرتاج شاهه ڀٽائي رحمة الله عليہ اهڙي ريت ظاهر ڪيو آهي جو سنڌ جي ٻچي ٻچي جي واتان مارئيءَ جو نالو پيو ٻڌجي . عمر بادشاهه ڪيس رهڻ لاءِ محلات ، پائڻ لاءِ ريشمي وڳا ۽ کائڻ لاءِ قسمين قسمين طعام پيش ڪري ٿو پر هو پنهنجي اباڻي ڪکائي جهوپڙيءَ کي عمر بادشاهه جي محلاتن کان وڌيڪ ترجيح ڏئي ٿي . ملير جي لوين ۽ کٿين کي عمر جي ڪيمخاب ڪپڙن کان به قيمتي سمجهي ٿي ۽ ستن طعامن کان کيڙن ۽ ڇاڙين کي زياده پسند ڪري ٿي . جڏهن پاڻ کي بيوس ۽ نهايت مجبور سمجهي ٿي ، تڏهن عمر کي چوائي موڪلي ٿي ته مرڻ کانپوءِ منهنجي لاش ملير ۾ دفنائي وڃي ، اِها هڪ سچي حب الوطني جو مثال آهي .

وطن جا شيدائي ، ديس جي سرزمين جي بچاءَ لاءِ سر جي بازي لڳائڻ ۾ ويرم ڪونه ڪندا آهن . گذريل ڀارت ۽ پاڪستان جي جنگين ۾ ملڪ جي بهادر سپاهين ۽ وطن دوست عوام جيڪا سر توڙ ڪوشش ڪئي ، تنهن جو مثال تاريخ ۾ ملڻ به مشڪل آهي . پاڪستاني بهادر سپاهين لکين دشمنن کي ڀڄڻ وانگي ڀڃي پنهنجي وطن جو نالو روشن ڪيو . هڪڙن ته هزارين دشمنن کي نيست و نابود ڪري پوءِ جام شهادت نوش فرمايو . اهڙن بهادر مجاهدن مان ميجر عبدالعزيز ڀٽي جو نالو سرفهرست آهي . مَرمرڪي اُها ماءُ جنهن اهڙا پٽ ڄڻيا !

حب الوطني رڳو ملڪ لاءِ قربان ٿيڻ نه آهي پر هاري ناري اديب ۽ شاعر ، فنڪار ۽ موسيقار ، هر فن ۽ هر هنر جو ڄاڻو

پنهنجي خدمت سان وطن دوستي جو ثبوت ڏئي سگهي ٿو ۽ پنهنجي ۽ ملڪ جي نالي کي روشن ڪري سگهي ٿو.

## (١٣)

# ٻه ٽه ٻارنهن

دُنيا جا بي شمار ڪم هڪ ٻئي تي آڌار رکن ٿا. هڪ ٻئي کان مدد ملڻ جي آسري ۾ دنيا ٽڪي رهي آهي. الله تعاليٰ پاڻ وحدهٗ لا شريڪ آهي پر سندس قدرت جو اصل اصول ٻه ٽه ٻارنهن آهي.

ساري ڪائنات کي ته ڇڏيو فقط اشرف المخلوقات ڏي نظر ڦيرايو ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته هي دنيا حضرت آدمؑ ۽ بي بي حوّا سان وجود ۾ آئي آهي. هاڻي انسان جي جسم ڏي نهاريو ته ٻن جو حساب رکيل آهي. ٻه اکيون، ٻه ڪن، ٻه هٿ ۽ ٻه پير. انهن مان ڪنهن به هڪ عضوي جي غيرموجودگي ۽ عدم تعاون جي حالت ۾ انسان بدشڪل، بي ڍولو ۽ بيڪار ٿيو پوي. اهڙي طرح زال مڙس به گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن. انهن جي اتحاد ۽ اتفاق جو ڦل سلڇڻو ٻار ۽ آرام جي زندگي ٿئي ٿي انهن جي نفاق مان دائمي ڪٽڪت ۽ حياتي وبال ٿيو پوي.

”ٻه ته ٻارنهن“ جو مقصد پاڻ ۾ ايڪو ۽ اتفاق آهي. اتحاد ۾ برڪت آهي. ٻه ڄڻا هڪ مَنُ ٽين ته جبل کي به ڏاري وجهن. مينهن جا سنهڙا ڦڙا پاڻ ۾ گڏجي تيز مينهن وسائين ٿا. جنهن مان تلاءُ، ڍنڍون، نالا ۽ نديون ڀرجيو پون ۽ ملڪ سرسبز ۽ آباد ٿيو پوي. ماکيءَ جي مک جو مثال انسان ذات لاءِ قابلِ

ڏوجهرن، مصيبتن ۽ تڪليفن ۾حياتي جاڏينهن بسر ڪرڻا آهن. سک ۾ ماڻهو جي چاهي ته سوين نيڪي ۽ چڱائي جاڪم ڪري سگهي ٿو، پر ڏک ۾ قاتل، مصيبت زده ماڻهو پريشان حال ۾رهي ورلي ڪنهن ٻئي جي ڪم اچي ٿو. گهڻو ڪري هو تڪليفن ۽ مصيبتن ڪري ڪُرڪندو رهندو آهي ۽ هروقت عزيزن دوستن ۽ پنهنجي قسمت جي شڪايت ڪندو رهندو آهي، پر ڏاڍي سگهوري جا نيڪ ٻانها اهڙي دشوار ۽ مشڪل وقت کي به صبر ۽ شڪر سان گذاريندا آهن.

چوڻي آهي" رنج بنا گنج ڪونهي." انهي جو مطلب هي آهي ته محنت، مشقت، تڪليف ۽ مصيبت برداشت ڪرڻ کان سواءِ انسان راحت ۽ آرام حاصل ڪري نٿو سگهي. سونُ نج تڏهين ٿيندو آهي، جڏهين باهه ۾ تپندو آهي. ٻج پوکجي ٿو ته سلو اُپري ٿو ۽ ماڻهن کي اناج ميسر ٿئي ٿو. گُل پٽڻ وقت ڪنڊا لڳندا آهن. پوءِ وڃي ڪنهن گهوٽ جي ڳچي جو هار ٿئي ٿو سخت جدو جهد، جان فشاني ۽ محنت سان پڙهي غريب ٻار پنهنجي زندگي ۾ تبديلي آڻي وڃي عروج تي پهچي ٿو. چاپي چام ورلي ڪو ٿئي ٿو. ترقي ۽ واڌاري لاءِ انسان کي ضرور ڪوشش ڪرڻي آهي. انهي لاءِ ڪيس ضرور ڏک ڏوجهرا سهڻا آهن.

## (١٥)

# سائنس جا ڪرشما

دورِجديد ۾ ڪيترين ئي حيرت انگيز ۽ اچرج ۾ وجهندڙ

شيون سائنس دانن ۾ انسان ذات جي سک ۽ سهنج ، آرام ۽ آسائش لاءِ ايجاد ڪيون آهن. اهڙن عجيب وغريب شين کي ڏسي ۽ ماڻهو بيساخته ڏڻي تعاليٰ جا ٿورا مڃي ٿو ، جنهن انسان ذات کي اشرف المخلوقات جو درجو بخشيو آهي.

جئن جئن وقت گذرندو پيو وڃي تئن تئن سائنس دان نيون نيون شيون ايجاد ڪري رهيا آهن. سواري لاءِ ريل گاڏي ، سائيڪل موٽر ته نهيو پر هوائي جهاز ايجاد ڪيو اٿن جو هزارين ميل سفر ٿورن ڪلاڪن ۾ ماڻهو طي ڪري سگهي ٿو. ٽيلي فون ، ريڊيو ۽ ٽيلي ويزن وسيلي هزارين ميل دور رهندڙ بنا اٽڪ ۽ رنڊڪ جي پنهنجون ضرورت جون ڳالهيون پڌائي سگهي ٿو.

هي ايئرڪنڊيشن ڪمرا ، فرج ، پکا ، بجلي جي تکي روشني لفٽ جي سواري ۽ سوين بجليءَ مان پيدا ڪيل شيون سائنس دان جون ڏنل نعمتون آهن.

هن اڄوڪي دور ۾ سائنس دان بي شمار اهڙيون دوائيون ايجاد ڪيون آهن جي مسيحائي جو ڪم ڪري رهيون آهن.

جيتوڻيڪ موتمار بيماريون اڃا تائين دنيا ۾ موجود آهن پر سائنس دان گهڻي ڀاڱي انهن تي ڪنٽرول ڪيو آهي. اڄ اهي انسان جي نازڪ کان نازڪ ترين عضوي جي ڪاميابيءَ سان اپريشن ڪري سگهن ٿا. يعني اکر ۽ دل کي سولائيءَ سان مٽائي سگهن ٿا ، هي گهٽ ڪرشمو ڪونهي. هٿي ٻيا سي ڪيترائي عضوا بازارن ۾ وڪامندي ملي رهيا آهن ، جي ڊاڪٽر گهرائي سولائي سان عضون جي مٽاسٽا ڪري سگهن ٿا.

سائنس ڪري لکڻ پڙهڻ ۽ حساب جو ڪم به تمام سولو ٿيو

آهي. تمام ڏکيا حساب جي ڪلاڪن ۾ مس حل ٿي سگهن ۽ سي ڪمپيوٽر ۽ ڪلڪيوليٽر وسيلي منٽن ۾ حل ٿيو وڃي. ٿورن پئسن ڏيڻ سان ماڻهو ڪتاب خريد ڪري سگهي ٿو. اِهي سڀ سائنس جا ڪرشما آهن.

جتي انسان لاءِ ايتريون آرامده شيون سائنس جي ڪري، ايجاد ٿيون آهن ۽ تتي انسان جي برباد ۽ نيست و نابود جو سامان پڻ ايجاد ڪيو ويو آهي. اِهي هئڊروجن بم ۽ ائٽم بم منٽن ۾ ملڪن جا ملڪ تباه ۽ برباد ڪري سگهن ٿا.

مختصر هي آهي ته انسان جي جسماني ۽ ذهني راحت ۽ آرام سائنس جو ڪرشمو آهي، پر سندس بربادي ۽ تباهي جو ڪارڻ به اهوئي آهي.

(١٦)

# ٽيلي ويزن مان فائدا ۽ نقصان

ڌڻي تعاليٰ انسان کي اشرف المخلوقات ڪري خلقيو آهي. کيس سمجھ، عقل ۽ هوش جي دولت کان مالامال ڪيو آهي ۽ انهي ڪري انسان علم ۽ عقل سان اُهي حيرت انگيز ڪم ڪري رهيو آهي جو ڏسندڙ يا ٻڌندڙ کي اچرج وٺيو وڃي. بعضي ته وار ڪاندار جيبو وڃن.

سائنسي دنيا ۾ جيڪي ايجادون ڪيون ويئون آهن انهن مان ٽيلي ويزن هڪ عجيب و غريب ايجاد آهي. ريڊيو وسيلي دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جي خبر پوي ٿي. ڊراما ۽ راڳ ٻڌجن ٿا. تدريسي ڪم، علمي ۽ ادبي بحث مباحثو ۽ ماهرين معاشيات ۽ اقتصاديات

اخلاقيات ۽ اسلاميات ۽ سياسي مدبرن جا قيمتي نڪتہ ٻڌجن ٿا ۽ ڳالهائيندڙ ۽ راڳيندڙ ۽ ناچو ڏسڻ ۾ نٿا اچن پر ٽيلي ويزن ۾ اُهي سيئي ڳالهائيندي ، ٽپندي ۽ ڪُڏندي ، راڳ ڳائيندي ۽ نچندي ۽ روئندي ڏسڻ ۾ ايندا آهن . رنگين ٽيلي ويزن ۾ اهي هوبهو اصلوڪي رنگ روپ ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن . سيڪا شيءِ پنهنجي اصلوڪي رنگ ۾ ظاهر ٿئي ٿي جڻ تہ سئينما جي پردي تي ماڻهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي .

ٽيلي ويزن مان گهڻائي فائدا آهن . درس و تدريس جو ڪم تسلي بخش نموني ٿي سگهي ٿو . ٻارن کي هنر سيکاري سگهجي ٿو. تفريح ۽ دل وندرائڻ جو بهترين ذريعو آهي . سئينما جا شوقين هن جي وسيلي دل وندرائي هڪڙي پاسي اچ وڃ جي مصيبت کان پاڻ ڇڏائين ٿا ۽ ٻئي پاسي پيسو بہ بچائين ٿا . شاگرد ۽ زالون ۽ پورهيت ڪندڙ پنهنجي پنهنجي مختلف پروگرامن ذريعن ٻين تائين پنهنجي آواز سان گڏ ڪارناما بہ ڏيکارين ٿا . اُهي ڪيترائي نصيحت آميز گفتا گهڻائي ڪم ڪرڻ جا طريقا ۽ هنر ڏسندڙن کي ڏيکاري سگهن ٿا.

آپريشن جهڙو ڏکيو ۽ نازڪ ڪم بہ ڊاڪٽر ٽيلي ويزن تي ڏيکاري رهيا آهن . مختلف تربيتي مرڪزن کي ٽيلي ويزن وسيلي ئي ڪم سيکاريو پيو وڃي. ڪرڪيٽ ، هاڪي ، ٽينس ۽ فٽ بال جون مئچون گهر ويٺي هُو بهُو ڏسي سگهجن ٿيون . ڪُشتي ۽ باڪسنگ جامقابلا صاف ۽ چٽا ڏسي سگهجن ٿا . گهر ويٺي ماڻهو لطف انداز ٿئي ٿو ۽ مفت ۾ مزا ماڻي ٿو . هاري ناري کي ٻج ڇٽڻ ، زمين کيڙڻ، ٻوٽا لڳائڻ ۽ وڻ پوکڻ جي تعليم ڏجي ٿي .

ٽيلي ويزن ماڻهن جو حوصلہ افزائي ڪري سگهي ٿو تہ اُهي

وڏيڪ مطالعو ڪن. پر اڪثر ماڻهن جو چوڻ آهي ته ٽيلي ويزن ٻارن جي پڙهائي جو قدرتي دشمن آهي. جيترو اهي وڏيڪ ٽيلي ويزن ڏسن ٿا ايترو گهٽ پڙهڻ ڏي ڌيان ڏين ٿا. پر آمريڪا جي هڪ ماهر ڊاڪٽر مائيڪل ميڪ اينڊريو جو چوڻ آهي ته ٽيلي ويزن ڇپيل ڪتاب کان به وڌيڪ ٻارن جو بهترين دوست آهي. هو چوي ٿو : سائنس ۽ جاگرافي جهڙن مضمونن کي سيکارڻ ۾ استاد مايوس آهن پر ٽيلي ويزن ذريعي ٻارن جي نگاهه ۾ وسعت پيدا ٿئي ٿي. اُهي جيڪي ٽيلي ويزن ۾ ڏسن ٿا ۽ ٻڌن ٿا انهي کي سولائي سان ياد ڪري سگهن ٿا، تنهن ڪري هن جو خيال آهي ته هي فقط هڪ بهانو آهي.

هڪ ٻيو تعليمي ماهر ڊاڪٽر ڪينڊ. ايس. گڊمن جو چوڻ آهي ته ڇهن سالن جي ٻارڪي سُپرمارڪيٽ وٺي رڃي ڏسجي ته هو بي شمار انهن شين کي سولائي سان سڃاڻي ٿو جن جا نالا هو هر وقت ٽيلي ويزن تي ٻڌندو آهي ۽ انهن کي ٽيلي ويزن ۾ ڏسندو آهي. تنهن ڪري هو انهن جا تلفظ به صاف ۽ چٽا چئي سگهي ٿو. انهي ڪري هن جو خيال آهي ته ڪنڊر گارٽن جهڙي تعليم سان گڏ ٽيلي ويزن به ابتدائي تعليم لاءِ مؤثر ذريعو آهي.

اسان وٽ ٽيلي ويزن اڃا تائين انهي اصول ۽ نمونن تي نٿا هلن. جيڪي ترقي يافته ملڪن تي هلن پيا. اسان جي ٽيلي ويزن ۾ بيهودگي ۽ بداخلاقي تي مبني اشتهار ۽ غير ضروري پروگرام تي وڌيڪ وقت ڏنو ٿو وڃي. ڪارائتا ۽ مفيد پروگرام تمام ٿورا ڏيکاريا ٿا وڃن، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ٽيلي ويزن تمام گهڻو ڏسڻ نهايت نقصان ڪار آهي، اکيون خراب ٿين ٿيون ۽ صحت

لاءِ بہ مضر آهي. انهي ڪري ماڻهو سُست ۽ بي ڪار ٿيو پوي.

## ١٧
# دوستي

هڪ فلاسفر جو قول آهي تہ "جنهن ماڻهو کي اڪيلائي وڻي ٿي، سو يا تہ جهنگلي جانور آهي تہ فرشتو."

اهو قول گهڻي ڀاڱي انهي ڪري سچ سمجهيو وڃي ٿو تہ اڪيلائي پسند ڪندڙ ماڻهو جون خصلتون ذري گهٽ انهن نيڪ انسان وانگر ٿين ٿيون جو سمورو وقت ڏٺي تعاليٰ جي عبادت ۽ رياضت لاءِ گوشہ نشيني اختيار ڪن ٿا. اهي فرشتہ صفت انسان پنهنجي روحاني قوت سان ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ بي مثال خدمت سرانجام ڏين ٿا. جنهن ماڻهو جي سياءُ ۾ محبت، پيار، ميل ميلاپ ۽ ٻئي انسان ذات لاءِ همدردي جو جذبو نہ هجي سو سچ پچ جهنگ جو مرون آهي، اهڙي ماڻهو کي انسان چوڻ نہ جڳائي.

دوستي مان مراد ٻئي سان صحبت، سنگت، ميل ميلاپ ۽ يار ياري رکڻ آهي. پنهنجي اندر جا ذڪر سور اوري حال احوال ٻڌائي خوشيون، اميدون، ڊپ ۽ شڪ شبہ ظاهر ڪري دل جي بار کي هلڪو ڪرڻ آهي. مشڪل وقت دوست سان مشورو ڪرڻ، هن جي نيڪ مشورن تي عمل ڪرڻ آهي.

دنيا ۾ مختلف قسمن جا دوست ٿين ٿا. انهن مان اڪثريت خود غرض، لالچي، چاپلوس، خوشامندي، ابن الوقت ۽ زودرنج

جي آهي. ڏاهي ماڻهوجو ڪم آهي تہ اهڙن ماڻهن کي من محبت ۽ خلوص سان پيش اچي پرجيتري قدرٿي سگهي انهن کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري . اهڙن مطلبي دوستن جو تعلق گهٽوڪري ڪائڻ پيرڻ يا ڪنهن خاص مطلب سان ٿئي ٿو ; مطلب ڪيڻ ڪانپوءِ بعضي اُهي پاڻ بہ پاسوڪندا آهن .

دانائن چيو آهي تہ "سنگ تاري ڪسنگ بوڙي." هن مان ظاهر آهي تہ دوست ٻن قسمن جا ٿين ٿا. بدصحبت ۾ انسان ڦاٿو ترچڻ مشڪل اٿس. انهن کان فائدي يا ڪنهن چڱي ڳالهہ جي اميد رکڻ ٻبرن کا ٻيرحاصل ڪرڻ جي مصداق آهي. پر ڪنهن چڱي سان دوستي ٿي تہ هو ان مان گهڻو ڪجهہ پرائيندو. پاڻ ماڻهوجون خراب خصلتون ۽ بچڙايون ان مان نڪري وينديون. هو ڪامياب زندگي گذاريندو.

حقيقي دوست جي تلاش ۾ تمام گهڻو وقت ٿو لڳي. چاڪاڻ تہ دوست کي سڃاڻڻ ڳالهہ ۾ پرکڻو ٿو پوي . ڏسڻو ٿو پوي تہ اُن ۾ وفاداري ، سچائي ، همدردي ۽ من محبت جو جذبو ڪيتري قدر آهي. هوپنهنجي دوست لاءِ مصيبت ، تڪليف ۽ ڏک ڏوجهري جي وقت ڪيتري قدر ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو ۽ ڪيستائين ساٿ ڏئي ٿو هڪڙي فارسي عالم جو چوڻ آهي تہ "سچو دوست اهو آهي جو اوکي مهل ڪم اچي." هن چوڻي موجب هوڪيتري قدر عمل ڪري رهيو آهي. دوست سان ڪلهو ڏئي بيٺو آهي يا پاسو پيو ڪري. پر جي ڏسجي تہ هو ڪمر ٻڌي، همت ڪري ۽ پڄندي آهر دوست کي دل وجان سان مدد ڪري رهيو آهي . تہ پوءِ اهڙي ماڻهو کي سچو دوست سمجهڻ گهرجي . اهڙي دوست کي اندر جا سور ٻڌائڻ ۽

مشورو ڪرڻ ڪري دل تان بار هلڪو ٿئي ٿو. جڻ تہ اڌ ڏکن جو حصو هو ڪٽجي وڃي ٿو.

مختصر هي آهي تہ انسان بنا دوست جي رهي نٿو سگهي، پر باوفا، همدرد ۽ هڏڏوکي ۽ سچار ۽ خوش اخلاق دوست هٿ ڪري پوءِ دوستيءَ جو دم هڻجي تہ بهتر آهي ۽ نہ تہ

اهي چلولا چڻجن جي در در لاهين دوستي.

## ١٨

# قائداعظم مُحمّد علي جناحؒ

اسان جو پيارو محبوب رهنما قائد اعظم محمد علي جناحؒ ڪراچي شهر جي ڪارادر محلي ۾، ٢٥ ڊسمبر ١٨٧٦ع ۾ ڄائو هو. پئس هڪ وچولي درجي جو واپاري هو. محمد علي جناح ابتدائي تعليم سنڌ مدرسۃ الاسلام ۾ حاصل ڪئي ۽ سورنهن ورهن جي ڄمار ۾ سي. ايم. ايس مشن روڊ سڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. هو ننڍي هوندي کان هوشيار هو ۽ کيس لکڻ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. انهي ڪري کيس اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت موڪليو ويو. جتان هو بار-ائٽ-لا جو امتحان پاس ڪري موٽي ڪراچي ۾ اچي وڪالت شروع ڪيائين. ڪراچي کانپوءِ بمبئي وڃي پنهنجي ڌنڌي کي جاري رکيائين. هو پنهنجي ايمانداري ۽ جانفشاني ۽ مستقل مزاجي ڪري ماڻهن ۾ مقبول ٿيندو رهيو ۽ پنهنجي محنت ۽ مشقت سان جلد وڃي چڱن وڪيلن ۾ شمار ٿيو. هن وقت هندستان تي انگريزن جي حڪومت هئي. مُسلمان

۽ هندو انهي حڪومت مان بيزار ٿي چڪا هئا. اُن وقت ملڪ جي وڏي سياسي جماعت ڪانگريس هئي، جنهن ۾ ڪيترائي مسلمان مدبر، عالم ۽ سياست دان اُن جا ميمبر هئا. محمدعلي جناح به وجي انهي ۾ شريڪ ٿيو. هو پنهنجي سچائي ۽ ايمانداري ۽ جوش ۽ جذبي، لياقت ۽ قابليت ڪري هڪ چڱو سياسي ڪارڪن ثابت ٿيو.

١٩٣٤ع ۾ قائد اعظم مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو. هندستان جي مسلمانن کي هڪڙي ٿي جهندي هيٺ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. ٢٣، مارچ ١٩٤٠ع ۾ قرارداد پاڪستان جو ٺهراءُ لاهور ۾ پاس ڪيائين. جيتوڻيڪ هندن سخت مخالفڪئي پر تڏهن ١٤، آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ هي پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل مقرر ٿيو.

هي مرد مجاهد ١١، سيپٽمبر ١٩٤٨ع جو اسان کان ذار ٿيو ڪيس ڪراچي شهر جي وچ ۾ دفنايو ويو.

## ١٩

# منهنجو پسنديده شاعر

سنڌي ٻولي ٻين زنده ٻولين وانگر بي شمار شاعر پيدا ڪيا آهن، انهن مان ڪي غزل گو شاعر آهن ته ڪي مرثيه نويس، ڪن جو ذاتي لاڙو صوفيانه ڪلام ذي آهي ته ڪي انقلاب پسند. هر هڪ شاعر جي شعر ۾ ڪا نه ڪا خوبي ضرور موجود آهي. پر پسند پنهنجو پنهنجو آهي. منهنجو پسنديده شاعر، شاعرن جو سرتاج، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه آهي، جنهن ۾ اُهي سڀ خوبيون

موجود آهن ، جي هڪڙي قومي ، انقلابي ، صوفي ، عوامي ۽ انسان دوست شاعر ۾ هجڻ گهرجن .

شاهه جي رسالي جي ورق گرداني مان معلوم ٿو ٿئي ته هو هڪ انسان دوست شاعر هو . شاهه جي فڪر جو بنياد تصوف تي آهي ۽ تصوف نه رڳو دل ، دماغ ، جذبن ۽ خيالن صاف ڪرڻ ۽ سينگارڻ جو ذريعو آهي ، بلڪ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو هڪ اعلىٰ معيار قائم ڪري ٿو .

شاهه صاحب وٽ انساني ڪردار جي ڪسوٽي عمل آهي . انهي سلسلي ۾ شاهه صاحب جن فرمايو آهي ــه

روزا ۽ نمازون اِئِ پڻ چڱو ڪم
اُو ڪو بيو فهم ، جنهن سان پسجي پرين کي

شاهه صاحب هڪ انسان دوست شاعر آهي . تعصب ۽ بيائي ، اقربا پروري ، نسل پرستي کان آزاد آهي . اهوئي سبب آهي ، هو فرمائي ٿو ــه

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار ، عالم سڀ آباد ڪرين

شاهه صاحب منظر نگاري ، تخيل جي بلنديءَ ۽ شاعرانه خوبين ۾ علامه اقبال ، غالب ، مولانا رومي ، شيڪسپيئر ۽ دنيا جي ٻين چوٽيءَ جي شاعرن کان ڪنهن به طرح گهٽ ڪونهي . هن اڳوڻي سنڌ جا مناظر جهڙوڪ ڪيچ ، مڪران ، هنگلاج ، حب ، ٿر جو ريگستان ، دريا وغيره متحرڪ بڻائي ڇڏيا آهن . جنهن ۾ سسئي ، مومل ، ماروي ۽ ٻين ڪردارن ۾ جان وجهي انهن کي حياتِ جاودان بخشيو اٿس . انهيءَ مان ظاهر آهي ته هو چوٽيءَ جو شاعر آهي .

افسوس آهي ته اقبال ، غالب ۽ ٻين مشهور و معروف شاعرن تي بي شمار ڪتاب پيا لکجن . پر شاهه صاحب جو رسالو انهي فياضي کان اڃا تائين محروم آهي . ڪي سنڌي اديب ، شاعر ۽ محقق ڪي ڪجھ ڪري رهيا آهن پر اهو انهي ۾ لوڻ جيترو آهي .

مان اها ڳالهه ظاهر آهي ته ٽيرهن سو سالن کان وٺي اِها پياري ۽ مٺڙي ٻولي ٻن مختلف قومن جي گهرن ۾ ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ اچي ٿي. جيتوڻيڪ مذهبي عقيدن موجب انهن ٻنهي قومن جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي پر زبان کي زنده رکڻ لاءِ ٻئي قومون ڪوشان آهن. سامي ميگهراج جا سلوڪ، شاهه جا بيت، سچل سرمست جون ڪافيون، ڪشنچند بيوس جا غزل ۽ انيڪ هندو ۽ مسلمان شاعرن، سنڌيءَ ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي.

هندو ليکڪن ۽ مسلمان اديبن هن زبان کي نئين رنگ روپ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ بي شمار لفظ ٻين ٻولين جا ڪٺي هن ۾ شامل ڪيا آهن. هندو ڀائرن سنسڪرت ۽ هندي مان، مسلمانن عربي، فارسي ۽ ترڪي زبان مان ڪيترائي لفظ ۽ محاوره هن ٻوليءَ ۾ استعمال ڪيا آهن. انگريزي ماهرن اُنهي ٻولي جا گهڻائي لفظ سنڌي زبان ۾ ڪتب آندا آهن. اهڙي طرح زبان کي زنده رکڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش اڄ تائين جاري آهي.

سنڌي ٻولي ۾ نثر خواه نظم تي بي شمار ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ لکجن پيا. انهن مصنفن مان مرزا قليچ بيگ، ڄيٺمل پرسرام، جيرامداس، ڪاڪا ڀيرومل، رام رکياڻي، آڏواڻي، محمد صديق ميمڻ، ڊاڪٽر دائود پوٽو، آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مولائي شيدائي، دين محمد وفائي، پير حسام الدين راشدي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، لطف الله بدوي، عبدالله عبد، محمد اسمٰعيل عرساڻي، الهه بچايو سمو ۽ پروفيسر اياز قادري جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

٢١

# هڪ سچ پاچا

هي سنڌي ٻولي ۾ هڪ چوڻي آهي. جنهن جو مطلب هي آهي ته انسان ڪڏهن به هڪ حال ۾ رهي نٿو سگهي. جهڙي طرح ماڻهو جو پاڇو ڪڏهن ڊگهو ته ڪڏهن ننڍو ٿيندو آهي، ڪڏهن اولهندي ته ڪڏهن اڀرندي آهي، تهڙي طرح انسان به ڪڏهن عرش تي پهچي ٿو ته ڪنهن مهل فرش تي ٿاٻا ٿو کائي. ڪالهه جن جي اڳيان سون سوالي سلامي هئا، اڄ هو پاڻ پين جي اڳيان ٻانهون ٻڌي، نوڪرچاڪر بڻيو آهي. جتي موسم بهار آهي اُتي موسم خزان اوس اچڻو آهي. هي دنيا دو رنگي آهي، ڪنهن کي به پنهنجي شاهوڪاري تي غرور نه ٿيڻ نه گهرجي ۽ نه وري غربت ۽ مفلسي تي پريشان ٿي افسوس ڪندو رهي.

سڪندر اعظم جي ڳالهه ڪندا آهن ته هو يونان جو بادشاهه هو ۽ ساري دنيا فتح ڪرڻ جو ويچار ڪيو هوائين. دُنيا جا بي شمار ملڪ فتح ڪرڻ کانپوءِ بابل شهر ۾ مري ويو. مرڻ کان اڳ وصيت ڪيائين ته منهنجا ٻئي هٿ ڪفن کان ٻاهر رکو ته مان ڏيکاري سگهان ته سڪندر اعظم هٿين خالي هن دنيا مان ڪوچ ڪري رهيو آهي. تاريخ مان اهڙا گهڻائي مثال ملي سگهن ٿا.

هن بي بقا دنيا تي پل جو ڀروسو ڪونهي. باغ ۾ ڪيترائي سهڻا گل ٽڙيا بيٺا پنهنجي خوشبوءِ جي مهڪ سان انسان جي دل و دماغ کي معطر ڪري رهيا آهن. انهن جي وڻندڙ ۽ من موهيندڙ شڪل تي ڀونئرا ڦيرا ڏيئي رهيا آهن. هوا جي هڪڙي تيز لوڏي

ڪيترين ٿي ڪاڏي جون شيون بند ٿيل دٻن ۾ مهينن جا مهينا ڪي سگهجن ٿيون ۽ بلڪل چڱي حالت ۾ رهن ٿيون ورلي ڪي خراب ٿينديون آهن. اهڙي طرح رڌ پچاءُ ۾ پهريائين ڪاٺيون ۽ ڇيڻو استعمال ڪندا هئا، هاڻي بجلي ۽ گئس مان اهو ڪم ورتو پيو وڃي.

دوادرمل ۽ بيمارين جي تفتيش لاءِ بي شمار حيرت انگيز ايجادون ڪيون ويئون آهن، جن جي وسيلي ڪيترين ئي موتمار بيمارين جو نالو نشان صفحهٔ هستي مان مٽجي ويو آهي، جهڙن تہ پليگ ۽ ماتا. انساني عضون جي مٽا سٽا برهڪ قابلِ قدر ايجاد آهي.

موجوده سائنسي دور ۾ انسان پنهنجي ضرورت جون سڀ ڪان وڏيڪ شيون ايجاد ڪيون آهن. چنڊ تي پهچڻ، ڪمپيوٽر ناهي حساب وڪتاب ۾ دماغ کي آرام ڏيارڻ، لفٽ ذريعي سو منزلہ عمارت ۾ رهڻ، هئڊروجن بم ۽ ائٽم بم سان منٽ ۾ لکين دشمنن کي تباهه ڪرڻ، هزارين ميلن پري رهندڙ ماڻهن سان فون جي ذريعي روبرو ڳالهائڻ، اهي ۽ ٻيون ڪي اهڙيون اچرج ۾ وجهندڙ ايجادون ڏيکارين ٿيون، تہ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي.

(٢٣)

# حياتيءَ جو مقصد

هرڪو انسان پنهنجي وت آهر هٿ پير هلائي ٿو تہ من ڪو فائدو حاصل ٿئي. انهي فائدي کي هو حياتي جو مقصد سمجهي ٿو.

ڪنهن انسان جو مقصد اهوئي آهي تہ مان سکي حياتي گذاريان ، چڱو پئسو ڪمايان ، گهر ٻار کي سکيو رکان .

ڪن جو مقصد ٿيندو آهي ، دنيا ۾ نالو ڪيڻ ، جنهن لاءِ هو محنت ۽ مشقت ۾ اوپل سوپل ۾ تتي ٿڌي ، ديس يا پرديس ۾ مصروف ڏسڻ ۾ ايندو آهي . اهڙا ماڻهو پنهنجي وطن ، ملڪ ۽ قوم لاءِ سينگار آهن . ملڪ لاءِ اهڙا جانباز مجاهد ڏاڍا ڪارائتا آهن . اِهي سلطنتون ناهين ٿا ۽ ڊاهين ٿا .

تاريخ جي ورق گرداني مان بي شمار اهڙا مثال لڀندا تہ ماڻهن پنهنجي نالي کي روشن ڪرڻ خاطر سرجي بازي لڳائي آهي . قائد اعظم محمد علي جناح جو مثال ونو . هن قوم ، مذهب ۽ وطن لاءِ بي شمار مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي مقابلو ڪندي مس مس وڃي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو .

ڪيترائي ماڻهو مقصد حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ خود غرضي جو شڪار ٿين ٿا . اصول ۽ وعده فراموشي ڪن ٿا . پنهنجي پيٽ پرڻ تي وڏيڪ ڏيان ڏين ٿا . اهڙن ماڻهن کي آخر هڪ ڏينهن ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پوندو . ملڪ ۽ قوم جي لعنت ملامت کان اُهي هرگز بچي ڪين سگهندا .

حياتيءَ جو مقصد نڪي ڏن گذڪري سکي رهڻ تي آهي ۽ نہ وري سگهڙ زال ۽ فرمان بردار پُٽ آهي . مال ۽ اولاد هن دنيا لاءِ بيشڪ زينت آهن پر سچو مقصد آهي تہ پنهنجي خلقيندڙ جي اڳيان سرخ رو ٿيڻ . پاڪ ۽ صاف زندگي بسر ڪرڻ ، سچائي ، ايمان داري ، خوش اخلاقي ۽ ٻيا اهڙا گڻ پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ سان ئي ماڻهو پنهنجي اصل مقصد کي حاصل

ڪري سگهي ٿو.

تنهن ڪري چئبو تہ حياتي جو سچو مقصد ڌڻي تعالىٰ جي بندگي ۽ انسان ذات سان ڀلائي ، همدردي ۽ خوش اخلاقيءَ سان پيش اچڻ ۾ آهي.

## (٢٤)

# زالن جا حق

دُنيا ۾ مرد توڙي زال ٻئي ماءُ جي پيٽ مان ساڳئي ريت پيدا ٿين ٿا. نڪو مردن کي عرش مان لاٿو ويو آهي ۽ نڪي زالون آسمان مان نڪري پيئون آهن. خلقيندڙ ٻنهي کي ٻن اکين ، ٻين هٿن ، ٻن پيرن ۽ ٻين ڪيترن ئي هڪجهڙن عضون سان نوازيو آهي. ٻنهي کي دنيا ۾ هلڻ چلڻ ۾ زندگي جي وهنوار ۾ پاڳي پائي ٿيڻ جا حق ڏنا آهن. البتہ مرد کي سگهارو ۽ مضبوط بنايو ويو آهي ۽ زال کي سندس نزاڪت ڪري جنس لطيف جو درجو مليل آهي. پر ائين هرگز سمجهڻ نہ گهرجي تہ مرد پنهنجي سگهہ ۽ طاقت ڪري ضعيف زالن جي حقن کي پائمال ڪندو رهي.

عورت دنيا ۾ رڳو پنهنجي خاوند جي فرمان برداري ۽ خدمت ڪرڻ ، ٻار ڄڻڻ ۽ ٻار نپائڻ لاءِ پارڻ ، پچائڻ ۽ گهر جي ڪم ڪار لاءِ پيدا ڪانہ ٿي آهي. جيڪي مرد ائين سمجهن ٿا تہ زال محض هڪ ٻانديڪو آهي ، وڏا ظالم آهن. پر زال مڙس جو اڌ سرير آهي. زندگيءَ جي گاڏي جا ٻئي ڦيٿا آهن. ٻئي ڏک سک ۾ همراه ۽ ڀائيوار آهن. زال هر ڪنهن ڳالهہ ۽ ٻولهہ ۾ پنهنجي مڙس جو

وزير ۽ صلاح ڪار آهي . زالن جو پهريون ۽ مکيہ حق اهو آهي

اسلامي نقطهءِ نظر سان ڏسجي تہ علم سيکڻ مردن خواه زالن تي فرض آهي . پوءِ زالن کي علم کان محروم رکڻ ظلم نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي ؟ علم سان دماغ ۽ دل روشن ٿين ٿا ۽ انسانيت جي پوري پرورش ٿي . پڙهيل زال ، مڙس جي پوري مددگار ۽ ٻارن جي سچي ماءُ آهي . هوءَ ڏک ۽ مصيبت وقت علم ۽ عقل کان ڪم وٺي مصيبت کي ٽاري سگهي ٿي . زناني تعليم جو بُنياد مذهبي ۽ اخلاقي تعليم هجي . تنهن کانپوءِ دنيوي تعليم .

عام طرح ڀاڪو پيا ڏيندا آهن تہ "زال ذات جو عقل ڏائي کڙيءَ ۾" انهي چوڻيءَ جو مطلب هي آهي تہ زالون بنهہ نادان آهن . پر هن دور ۾ ائين بلڪل نہ آهي . جتي زالون پڙهيل آهن اُتي زالون مردن سان ڪلهو سان ڪلهو ملائي ڪم ڪري رهيون آهن پر جي ڪنهن اڻ پڙهيل ۽ اياڻيون زالون آهن تہ اهو مردن جوئي قصور آهي . جو انهن کي نيچ نگاهہ سان ڏسندا رهيا آهن .

جيڪڏهن اسان زالن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسون ، انهن جا حق انهن کي ڪشاده دلي سان ڏيون ۽ انهن کي اهو درجو ڏيون جنهن لاءِ دين اسلام جا حڪم آهن تہ نہ رڳو اسانجا گهر آباد ۽ شاد ٿيندا پر اسان جو پورو وطن بہ سرسبز ۽ آباد رهندو .

# پاڳوڇهون

## باب پهريون

## خط لکڻ

لکندڙ خط جي وسيلي ٻئي سان ڳالهائي ٿو ، تنهن ڪري خط ۾ غير مناسب ۽ ناشائسته لفظ بلڪل لکڻ نه گهرجن. لکندڙ کي فقط اوترو ۽ اهڙي نوع ۾ لکڻ گهرجي جيئن جيڪر رُوبرو اڳلي سان ڳالهائي سگهي.

رواجي ڳالهين ۽ خط لکڻ ۾ وڏو فرق آهي. ڳالهائڻ ۾ ماڻهو هِتي هُتي جون ڳالهيون پڻ ڪري ٿو پر خط لکڻ ۾ پنهنجا خيال ڪنهن قاعدي پٽاندر هڪ ٻئي پٺيان ظاهر ڪرڻا پون ٿا. جيئن گهڻي ڳالهائڻ سان ٻئي کي بيزار ڪري ڇڏجي ٿو، تئين خط ۾ غيرضروري ۽ نامناسب جملا به پڙهندڙ کي بيزار ڪري ڇڏيندا. تنهن ڪري خط ۾ ساڳي ڳالهه وري وري لکيل نه هئڻ گهرجي. خيال صاف ۽ سنا، جملا ننڍا ۽ وڻندڙ هئڻ گهرجن.

## خط جا ڀاڱا

خط جا ڪل ڇهه ڀاڱا آهن :- (١) سرو ، جنهن ۾ لکندڙ جو

سرنامو ۽ تاريخ هجي. (٢) لقب ۽ خوش خير عافيت . (٣)خط جو مضمون. (۴) دعا سلام. (٥) صحيح ۽(٦) سرنامو.

# خط لکڻ جو طريقو

خط لکڻ وقت سڀ کان اڳ خط جي ڪابي پاسي پنهنجي ائڊريس لکڻ گهرجي . ان کان هيٺ تاريخ لکجي ته جيئن پڙهندڙ کي خط ڏسڻ شرط خبر پوي ته خط ڪٿان آيو آهي ۽ ڪڏهن لکيو ويو آهي.

هن کان ذرو هيٺ ٿوري جاءِ ڇڏي لقب لکجي . لقب مختصر بيان ڪجن . وڏن، ننڍن ۽ پاڻ جيڏن جي لقب لکڻ ۾ گهڻو فرق آهي . مثلاً

**١- وڏن لاءِ** ١ - مڪرمي جناب ........

٢ - محترمي جناب ........

٣ - جناب بزرگوار بابا سائين ........

۴ - محترم والده صاحبہ ..........

١ - قدمبوسيءَ جي بعد عرض ته .....

٢ - پيرن چمڻ بعد گذارش آهي ته ....

٣ -نيازن ۽ ادبن بعد ......

**٢- پاڻ جيڏن ۽ دوستن لاءِ**

١ - پيارا دوست يا پيارا ڀاءُ

٢ - منهنجا شفيق ........ سدا خوش هجين شال

٣ - منهنجي پياري ڀيڻ الماس .

۴ -

١ - السلام عليڪم
٢ - شوق ملاقات جي معلوم هجي تہ
٣ - سلامن بعد لکجي ٿو تہ

٣- ننڍن لاءِ

١ - نورچشم اقبال   شل تنهنجي عمر وڌي
٢ - برخوردار انور   بلند اقباله
٣- برادرم عزيز   سدا سلامت هجو .

السلام عليڪم .... پيارن بعد لکجي ٿو تہ ..... محبت جي سلام بعد .

هن ڪان پوءِ خط جو مضمون صاف ، سٺن لفظن ۽ سادي ٻولي ۾ لکجي . مضمون مختصر پر جامع هجي . غير ضروري ۽ نامناسب ڳالهين ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي .

جڏهن خط جو مضمون ختم ٿئي تہ دُعا ۽ سلام ضرور لکجي . تنهن ڪان پوءِ هيٺ لکندڙ کي پنهنجو نالو لکڻ گهرجي.

هاڻي خط کي لفافي ۾ بند ڪبو آهي . لفافي تي سرنامو هن ريت لکجي :-

مسٽر جاويد اقبال قريشي ،
ايوب مارڪيٽ ، دڪان نمبر ١٥
خيرپور ميرس
سِنڌ

# باب ٻيو

## پيءُ ڏانهن خط

( ٻن سو رپين لاءِ عـرض ڪرڻ )

٢٤. بندر روڊ ڪراچي.
١-١-٩٩

جناب قبله صاحب

السلام عليڪم

پيرن چمڻ بعد گذارش آهي ته مان اوهان جي دُعا سان اٺين درجي مان پاس ٿي نائين درجي ۾ وڃي ويٺس. مون کي نوان ڪتاب خريد ڪرڻا آهن ۽ انهي ڪانسواءِ ڪجهه ڪپڙن خريد ڪرڻ جو خيال به اٿم. تنهن ڪري مهرباني ڪري ٻه سو روپيا مني آرڊر رستي موڪليندا ته وڏي مهرباني.

اميد آهي ته اوهان سڀ چڱا ڀلا هوندا. سلام ۽ نياز قبول ڪندا.

اوهانجو فرمان بردار پٽ
پرويز

## پٽ ڏي پيءُ جو جواب

قيصر خان روڊ حيدرآباد
١-١-٩٩

نورچشم پرويز شل سدائين آباد هجين

السلام عليڪم. تنهنجو خط پهتو. پڙهي ڏاڍي خوشي

ٿي جو تون انين درجي ۾ پاس ٿيو آهين. هاڻي دل لاهي پڙهه ۽ وڌيڪ محنت ڪر. پٽ! محنت جو ڦل مٺو آهي. انشاءَ الله ڪنهن ڏينهن تون وڏو عملدار ٿيندين. پئسن جي ڪا به ڳڻتي نه ڪر. هر سو روپيا مني آرڊر رستي موڪلجن ٿا.

اميد آهي ته تون بلڪل تندرست ۽ خوش هوندين.

وڌيڪ نيڪ دعائون.

اوهانجو پيءُ

جمال خان

# دوست ڏي خط

(ڪراچي گهمڻ لاءِ ڪيس دعوت ڏيڻ)

ناظم آباد ڪراچي

٩٩ - ١ - ١ پيارا دوست مراد علي! سلامت هجو

السلام عليڪم!

بعد شوق ملاقات جي معلوم هجي ته خط توهان جو پهتو، احوال معلوم ٿيو. اميد آهي ته اڳتي به ياد گيري ڪان ڪونه وساريندا.

اوهان کي اونهاري جي وئڪيشن مليل آهي، تنهن ڪري منهنجي دلي خواهش آهي ته جون وارو مهينو گڏ جي گذاريون. حيدرآباد ۾ گرمي تمام گهڻي آهي پر ڪراچي ۾ موسم وڻندڙ آهي، جي اوهان ڪراچي ايندا ته ڏاڍو چڱو ٿيندو مان ڀانيان ٿو ته ڪراچيءَ کي ڏٺي اوهان کي ڏهه ٻارهن سال ٿيا آهن، انهي عرصي ۾ ڪراچي ۾ تمام گهڻي تبديلي ٿي چڪي آهي

بي شمار گهمڻ جون نيون جايون ٺاهيون ويون آهن ۽ انهن مان هل پارڪ ۾ شير پاؤ گارڊن ۾ عزيز ڀٽي پارڪ ۽ پيراڊائيز پوائنٽ ڏسڻ وٽان آهن. مجي ته ته ڪلفٽن اوهانجو ڏٺل آهي پر اڳوڻي ۽ هاڻوڪي ڪلفٽن ۾ تمام گهڻو فرق آهي.

اميد آهي ته اوهان منهنجي دعوت کي قبول ڪندا. ٻيو سڀ خير. سيني دوستن کي سلام ڏيندا.

اوهانجو مخلص دوست

جاويد اقبال

# دوست جي خط جو جواب

لطيف آباد نمبر ٤
حيدرآباد.
٩٩-١-١٠

پيارا دوست جاويد! خوش هجو شال

السلام عليڪم

سلامن بعد لکجي ٿو ته اوهانجو خط پهتو. دعوت لاءِ شڪريه. ادا سائين منهنجي پڻ مرضي اِها هئي ته اونهاري جا گرم ڏينهن ڪوئٽه يا ڪراچي ۾ گذاريان. اوهانجو خط پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس جو اوهان مون کي ڪراچي اچڻ جي دعوت ڏني آهي. جي خدا گهريو ته مان ايندڙ ڇنڇر جي ڏينهن بس ۾ چڙهي سوَلائي سان اچي اوهان وٽ حاضر ٿيندس. ٻيو ڪو به فڪر نه ڪندا. ڪم ڪار هجي ته بيشڪ لکندا.

سيني کي سلام ڏيندا. فقط. سلام

اوهان جو خادم !

مراد علي

# دوست ڏي خط

(اسڪول ڇڏڻ ڪان پوءِ مان ڇا ڪندس)

١٦-جناح روڊ
ٽنڊو آدم
١٢-١-٩٩

دوست مهربان منورعليخان سدا سلامت هجو

السلام عليڪم

بعد سلامن جي لکجي ٿو تہ اسان جو امتحان هلي پيو. اميد آهي تہ مان ضرور پاس ٿيندس. مون پڪو ارادو ڪيو آهي تہ ڪاليج ۾ ڪونہ ويندس. پر ضرور ڪو هنر سکندس. علم سان برابر انسان جو دماغ کلي ٿو. پر اڄ ڪلهہ پيٽ پالڻ لاءِ علم ايترو ڪارگر نہ آهي. سوين بي.اي پاس نوڪري ملڻ لاءِ پريشان آهن. پر هنروارو ماڻهو سدائين سکيو رهي ٿو. انهي ڪري مون خيال ڪيو آهي تہ ڪاليج وڃي چمار وڃايان ۽ تنهن ڪان هنر سکي پوان تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو. اميد آهي تہ اوهان کي اهو خيال پسند ايندو.

فقط. سلام

اوهانجو پيارو دوست

ذوالفقار علي

# دوست ڏي مبارڪ بادي جو خط

درياروڊ ۾ سکر
١٣-١-٩٩

منا منڻار افتخار! خوش هجو شال

السلام عليڪم. خط توهانجو پهتو. تمام گهڻي خوشي ٿي جو اوهان مئٽرڪ امتحان ۾ فرسٽ ڊويزن آيا آهيو.

تنهن لاءِ مان اوهان کي مبارڪباد ٿو ڏيان . مان يانيان ٿو جي اوهان ڪجھ وڌيڪ همت ڪريو ها ته ضرور پهريون نمبر اچو ها ڇاڪاڻ ته پهريون نمبر آيل ڇوڪر ٨٢ سيڪڙو مارڪون کنيون آهن ۽ توهانجون ٧٩ سيڪڙو مارڪون آهن . اميد آهي ته ڪاليج ۾ توهان ان کي شڪست ڏئي ، پنهنجي نالي کي بلند ڪندا.

فقط سلام

اوهانجو پيارو دوست

خالد اقبال

پنهنجي دوست کي خط لکو جنهن ۾ ڀاءُ جي شاديءَ تي اچڻ لاءِ ڪوٺ ڏيو.

## دوست کي شاديءَ تي اچڻ لاءِ ڪوٺ

نوآباد، ڪراچي

٩٩-١-٨

پيارا دوست ظفر اقبال ! سدا خوش هجو

السلام عليڪم. سلامن بعد لکجي ٿو ته منهنجي ننڍي ڀاءُ سعيد احمد جي شادي خانه آبادي ايندڙ خميس جي ڏينهن ٣ جولائي ١٩٧٧ع شام جو ڇهين بجي آهي .نڪاح جو انتظام شاهه عبداللطيف هال موسيٰ لائن ۾ ڪيل آهي .

اميد آهي ته اوهان مقرر ڪيل وقت تي مجلس ۾ شريڪ ٿي اسان کي شڪر گذاري جو موقعو عنايت ڪندا . فقط

اوهانجو پراڻو دوست

آفتاب احمد

پنهنجي ماءُ ڏي خط لکو جنهن ۾ هن کان موڪل وٺو ته گهر پهچڻ کان اڳي ٿورا ڏينهن پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ سان گڏ گذاري پوءِ موٽو.

# ماءُ ڏي خط

(اجازت وٺڻ لاءِ)

شاهه محلو شهدادپور

٩-١-٩٩

منهنجي مٺڙي جيجل اما! سدا خوش هجين

السلام عليڪم

قدمن چمڻ بعد لکجي ٿو ته مان پنهنجي ساهيڙي عصمت سان گڏجي سنڌس ڳوٺ شهدادپور ۾ اچي پهتس، موجوده فسادن ڪري بنا اڳواٽ اطلاع جي ڪاليج کي بند ڪيو ويو۽ هاسٽل خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. مان وائڙي ٿيس ته اڪيلي ڪاڏي وڃان. خيال آيم ته ڀلي پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر وڃان، جتان اوهان کي لکي موڪليان. مهرباني ڪري مون کي تيستائين هتي رهڻ لاءِ اجازت ڏيندا، جيستائين ڪراچيءَ مان منهنجي وڃڻ لاءِ ڪو اچي. بيو سڀ سک

فقط

اوهانجي چيو مڃيندڙ ڌيءُ

ناهيد

پنهنجي پيءُ کي علم حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ خط لکو:-

# ڀيڻ ڏي خط

## (علم حاصل ڪرڻ لاءِ)

موسيٰ لائن، ڪراچي

٣-١-٩٩ منهنجي پياري ڀيڻ ناصره سدا خوش هجين

السلام عليڪم

سلامن بعد لکجي ٿو تہ ڀيڻ تون جيڪر اڪر پڙهين ها، من پنهنجي هٿ سان بہ اکر لکين ها. هينئر تہ خط پڙهائڻ لاءِ بہ ٻين جي محتاج آهين. علم مردن خواه زالن ٻنهي لاءِ ضروري آهي. اڻ پڙهيل زالون مڙس اڳيان وڏيون رڌي پڪي ۽ نوڪرياڻي جون ڳالهيون ڪنديون آهن، انهن کي ملڪي معاملن جي ڪهڙي خبر. انهي کان سواءِ ٻار جي تعليم جو ڪم ماءُ تي آهي. اڻ پڙهيل ماءُ مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. ادي اِنهن ڪري ضروري آهي تہ تون جلد علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر.

مون کي پڪ آهي تہ تون منهنجي خيالن سان شريڪ هونديئن. پنهنجن مائٽن کي منهنجا پيار ڏجان ۽.

تنهنجي پياري ڀيڻ

زينت

تنهنجيءَ ساهيڙيءَ جي ماءُ گذاري ويئي آهي، اُن کي اعزا پُرسي جو خط لکو.

# ساهيڙي کي اعزا پُرسي جو خط

ڪارادر ٦٢، ڪراچي

٥-١-٩٩

پياري سلمه!

السلام عليڪم

اوهان جي جيجل امڙ جي چالاڻي جو ٻڌي منهنجي هٿن مان ڄڻ ڪجھ ڪري پيو. مان سمجهان ٿي ته توهان جي دل کي تمام گهڻو صدمو پهتو هوندو، پر پياري ڀيڻ انسان انهي ۾ ڪري ڇا ٿو سگهي ، اسان کي رب جي رضا تي راضي رهڻو آهي. سڀڪنهن کي اوس هڪ ڏينهن مرڻو آهي.

مان ڏاڍي دردعا ٿي ڪريان ته اوهان سڀني کي صبرجميل عطا فرمائي ۽ مرحوم جي روح کي بهشت برين ۾ سکيو رکي آمين ثم آمين.

اوهانجي غمزده ڀيڻ

آسيه پروين

# باب ٽيون

## ڪتابن واري دڪاندار کي خط

٢٦شاهي بازار
حيدرآباد م
٩٩-١-٠٠ع

جناب مئنيجر صاحب گابا ايجوڪيشنل بڪس
اردو بازار ڪراچي

السلام عليڪم

مهرباني ڪري پنهنجي پهرين فرصت ۾ هيٺيان ڪتاب مٿي ڄاڻايل ائڊريس تي وي،پي ڪري موڪليندا.

| ڪتاب جو نالو | مصنف/ ناشر | تعداد |
|---|---|---|
| (١) سنڌي اُردو بول چال | علي محمد بلوچ | هڪ درجن |
| (٢) انگريزي مضمون نويسي | بچل شاهه | ٨ ڪاپيون |
| (٣) شاهه جو رسالو | گابا ايجوڪيشنل بڪس | ٦ عدد |

اوهانجو خادم
افتخار علي

## موٽر جي فهرست لاءِ خط

جناب ميشرس پلڪ آٽو ڪمپني ڪراچي

السلام عليڪم ! مهرباني ڪري ورنڌڙ ٽپال ۾ موٽر گاڏين

جي مڪمل فهرست مٿي ڄاڻايل ائڊريس تي موڪليندا . هي پڻ ڄاڻائيندا تہ اوهان وٽ خريد تي رعايتي اگهہ ڪيترو ڪيترو آهي . ڊليوري بروقت يا ڪجهہ ڏينهن بعد آهي .

اوهانجو دعاگو

اڪبرعلي

# مڪان مالڪ کي مرمت لاءِ خط

١٦- برنس روڊ ، ڪراچي

٩٩-١-١٠ محترمي جناب

السلام عليڪم

گذريل ٻن هفتن جي بارش ڪري ، اوهانجي جاءِ جي حالت وڌيڪ خراب ٿي چڪي آهي . مينهن بند ٿيڻ بعد بہ ڪلاڪ ڏيڍ تائين ڇت ٽمندي رهندي آهي . ڀتن ۾ سيرون پئجي ويون آهن . ڇڻ تہ جاءِ هيٺ ڪري رهي آهي . گذريل ٽن سالن کان هن جاءِ جي مرمت بلڪل ڪيل ڪانهي . مهرباني ڪري پنهنجي منشي کي هدايت ڪندا تہ جلد اهو ڪم ڪري ڏئي ، نہ تہ مان پاڻ اهو ڪم ڪرائي توهان جي مسواڙ مان پئسا ڪاٽيندس .

اطلاع لاءِ عرض لکندڙ

محمد رؤف قريشي

# اليڪٽرڪ جي دڪاندار کي فوز بدلائڻ لاءِ خط

دريا آباد ، ڪراچي

٩٩-١-١٢ جناب ميسرس نور اليڪٽرڪ سروس ، کارادر ، ڪراچي ١

السلام عليڪم ، ڪالهہ اوهانجو ڪاريگر جيڪو ڪم ڪري ويو آهي ، سو تسلي بخش ڪونهي . هن جي وڃڻ کان ڪلاڪ اڌ پوءِ وري بجلي غائب ٿي ويئي . معلوم ٿيو فوز برابر ٻڌل ڪونهي . مهرباني ڪري جيتري قدر جلد ٿي سگهي انهي جي ٺاهڻ لاءِ انتظام ڪري ڏيندا . بل پڻ موڪليندا .

مهرباني . اوهان جو خير خواه

عبدالستار خان

## بوٽ جي دڪاندار کي بوٽ مٽائي ڏيڻ لاءِ خط

ميمڻ سوسائٽي

ڪراچي ،

جناب ميٽرس ڪراچي بوٽ هاؤس ، صدر ، ڪراچي ! ٩٩-١-٢٠٠

السلام عليڪم . معاف ڪجو مان پنهنجي نوڪر هٿان اوهان کان خريد ٿيل بوٽ واپس سا ڳئي باڪس ۽ بل سميت انهي ڪري موڪلي رهيو آهيان جو ٻئي ساڄي پير جا آهن . مهرباني ڪري انهن مان هڪ کي مٽائي کاٻي پير جو ڪري ڏيندا .

اوهانجو

يوسف يعقوب

# باب چوٿون

# درخواستن جا نمونا

## هيڊ ماستر کي هڪ ڏينهن موڪل لاءِ درخواست

خدمت ۾ جناب هيڊ ماستر صاحب
اي بي سي سڪول ڪراچي

السلام عليڪم

گذارش آهي تہ گذريل رات کان مٿي ۾ سخت سور ۽ بخار اٿم، تنهن ڪري سڪول اچڻ کان لاچار آهيان.
مهرباني فرمائي مون کي اڄوڪي ڏينهن لاءِ موڪل عنايت ڪرڻ فرمائيندا. واڌو ادب!

اوهانجو فرمان بردار شاگرد

نو آباد، ڪراچي — سعيد احمد

١٨-١-٩٩ — درجو نئون (الف)

## هيڊ ماستر کي في معاف ڪرڻ جي درخواست

خدمت ۾ جناب هيڊ ماستر صاحب
گورنمنٽ سيڪنڊري سڪول غريب آباد
ڪراچي.

السلام عليڪم!

غريب نواز! مان يوسف پٽ الياس، پڙهندڙ درجو

نائون (الف) هٿ ادب جا ٻڌي عرض ٿو ڪريان ته مان گذريل ساليانې امتحان ۾ پهريون نمبر آيو آهيان . منهنجو والد ڪليڪٽر صاحب جي آفيس ۾ پٽيوالو آهي ۽ وڏي عيال وارو آهي، تنهن ڪري مهرباني فرمائي منهنجي ڪلاس فيءَ معاف ڪرڻ فرمائيندا ته وڏي مهرباني . واڌو ادب

عرض دار :- اوهانجو فرمانبردار شاگرد

يوسف پٽ الياس

## نوڪري لاءِ درخواست

27 اشرف ڪالوني

ڪراچي

٩٩ - ١ - ١٣

خدمت ۾ عاليشان جناب ايجوڪيشن آفيسر

زون سي ناظم آباد، ڪراچي ۾

غريب نواز !

مان عرضدار فتح علي پٽ سبب علي رهندڙ ڳوٺ اشرف ڪالوني ڪراچي ۾ هٿ ادب جا ٻڌي عرض ٿو ڪريان ته مون مئٽرڪ جو امتحان سال ١٩٧٦ ۾ پاس ڪيو آهي ۽ منهنجي عمر ٢٢ سال آهي . پر اڄ ڏينهن تائين بي روزگار ويٺو آهيان ، مون ٻڌو آهي ته اسان جي ڪالوني جي سنڌي سڪول ۾ پرائمري ماستري جي جاءِ خالي آهي .نوازش فرمائي مون کي اِها جاءِ ڏيارڻ فرمائيندا ته اُتي پاڻ حاصل ڪري سائين جن جي اقبال جو دائما دعاگو رهندس . واڌو ادب .

فقط عرضدار

فتح علي پٽ سبب علي

# انگريزي سڪول کولڻ لاءِ درخواست

ڳوٺ شرافي، تپو لانڊي
ڪراچي. ٩٩-١-١١

خدمت ۾ عاليشان جناب ڊائريڪٽر صاحب
آف سڪولس ، ڪراچي .

غريب پرور !

مان وڏيرو ڪريم بخش پٽ امام بخش ، عرض
توڪريان تہ اسان جي ڳوٺ شرافي ۾ اٽڪل پنج سو گهر آهن
۽ پرائمري سڪول آهن پر انگريزي علم پرائڻ لاءِ خاطرخواه
ڪو بندوبست ڪونهي . گهڻو ڪري ٻار غريب ڳوٺاڻن جا آهن
جنکي ٻئي هنڌ پري تعليم وٺڻ لاءِ وڃڻ جي وسعت ڪانهي
البتہ ڪن زميندارن جا ٻار ريل يا بس جي ذريعي پري شهرن
۾ وڃي ڳوٺن ۾ وڃي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن .

تنهن ڪري منهنجو سائين جن کي عرض آهي تہ حضور
جن شاهاڻي شفقت فرمائي اسان جي ڳوٺ ۾ انگريزي مدرسو
کولائي ، ڳوٺ جي سڀني ماڻهن کي شڪرگذاري جو موقعو
عنايت ڪري فرمائيندا وڏي مهرباني .

وادو ادب . فقط

عرضدار
وڏيرو ڪريم بخش
پُٽ
رحيم بخش

# راڄ مهاڄڻ پاران پوسٽ آفيس برانچ کولڻ جي درخواست

موسىٰ وليج
ديه سونگل
9-1-99

خدمت ۾ عاليشان جناب پوسٽ ماسٽرجنرل
صوبه سنڌ ، ڪراچي

جناب عالي !

اسين هيٺ صحيح ڪندڙ راڄ مهاڄڻ ويٺل ڳوٺ موسىٰ وليج ديه سونگل تعلقو ڪراچي جا ، حضورجن کي عرض ٿا ڪريون ته اسان جي ڳوٺ کي پوسٽ جي ڏاڍي تڪليف آهي. نيو ڪراچي جي پوسٽ آفيس اٽڪل ٨ ميل پري آهي ، جتي اسان جي پوسٽ ايندي آهي. پوسٽ مان بعضي ٽن ٽن چئن چئن ڏينهن کان پوءِ ايندو آهي. اسان جو ڳوٺ واپار جو مرڪز آهي ، انهي ڪان سواءِ اسان جا ڪيترا ڇوڪرا ٻاهر پين شهرن ۾ انگريزي پڙهن ٿا ، انهن کي پڻ احوال ڏيڻ وٺڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿئي ٿي .اسان جي ڳوٺ جي ٽپال ٻه ڪهٽي اچي ٿي .ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس جي ننڍي برانچ کلڻ تي ٽپال هيٺي ٿيٺي ٿيندي .تنهن ڪري حضورجن شاهاڻي شفقت فرمائي هڪ ننڍي برانچ کولڻ لاءِ حڪم ڏيڻ فرمائيندا ته حضورجن جي اقبال کي دعائون ڪندا رهندا سون .

واڏو ادب .

صحيحون راڄ مهاڄڻ جون

## محلي وارن پاران هيلٿ آفيسر کي صفائي ڪرائڻ لاءِ درخواست

نيو ڪلري
ڪراچي، خدمت ۾ جناب هيلٿ آفيسر صاحب!
٩٩-١-٨ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ڪراچي

عرض ته

گذريل هفتي جي بارش جو پاڻي اڃا تائين اسانجي محلي جي گهٽين ۾ بيٺو آهي ۽ انهي ڪان سواءِ گندگي ۽ غلاظت جا ڍير جتي نتي نظر پيا اچن ۽ انهي سبب ڪري مڇر تمام گهڻا ٿيا آهن. مليريا جي بيماري ڦهلجي وبا جي صورت اختيار ڪري رهي آهي. مهرباني ڪري اسان جي محلي جي صفائي ڪرائڻ جو ترت انتظام ڪرڻ لاءِ حڪم ڪندا ۽ تہ وڏي مهرباني.

عرضدار

اوهان جا مخلص!

(محلي جي ماڻهن جون صحيحون)

## اخبار جي ايڊيٽر ڏانهن بس جي قلت بابت دانهن

٣٤ م دستگير ڪالوني
ڪراچي ٩٩-١-١٣ جناب ايڊيٽر صاحب روزنامہ "صداقت" ڪراچي

السلام عليڪم. مهرباني ڪري هيٺيون چند سٽون پنهنجي مشهور روزاني اخبار جي قيمتي ڪالم ۾ شايع ڪري غريب عوام کي شڪر گذاري جو موقعو عنايت ڪندا -

## بسن جي قلت !

ڪراچي جي دوردراز ڪالونين ۽ بستين ۾ گذريل ٻن ٽن هفتن کان وري بسن جي قلت سخت محسوس ٿي رهي آهي صبح ۽ شام جو تہ بس ملڻ مشڪل آهي ، ۽ ٻيپهرن جي وقت ٻہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بس سٽاپ تي بيهڻو پوي ٿو. اڳي هن روٽ تي خانگي بسون هلنديون هيون ، پر جڏهن کان سنڌ سرڪار جون بسون هلڻ لڳيون آهن ، تڏهن کان تمام گهڻي شڪايت ٿي پيئي آهي ، ڇاڪاڻ تہ انهن بسن جو تعداد خانگي بسن جي تعداد کان گهڻو گهٽ آهي ، تنهن ڪري اختياري وارن کي گذارش آهي تہ انهي روٽ جي بسن جي تعداد ۾ جلد ازجلد واڌارو ڪيو وڃي . فقط

ممتاز علي خان

پورو ٿيو

گابا ایجوکیشنل بُکس

اردو بازار، ایم-اے-جناح روڈ، کراچی (پاکستان)

فون: ۲۶۳۶۵۶۵—۲۶۲۸۲۶۶ فیکس: ۲۶۳۰۶۰۶

Designed by
Digital Graphic (Amin Rathore)

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَڻَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَڻَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَڻَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب ڪَري ڪتابن جي ليکگَن، چپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات کَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهن سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)